
چِڪَ جا چندن هارَ
آزاد بُخاري

# چڪَ جا چندن هارَ

(تحقيقَ)

آزاد بُخاري

پوپٽ
پوپٽ پبلشنگ هائوس خيرپور - سنڌ
2014ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2018ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**POPAT BOOK NO. 58**

**چَڪَ جا چندن هارَ**

(تحقيقَ)

ليکڪ: آزاد بُخاري

ڇاپو پهريون: 2014

تعداد: هڪ هزار

ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي

ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: آصف نظاماڻي

ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور، فون:0243-552913

ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور ـ سنڌُ.

ملهہ: **150/-** روپيہ

**CHAK'A JA CHANDANHAAR'A**

(Research)

Author: **Azad Bukhari**

First Edition: 2014

Quantity: 1000 Copies

Title Design: Saeed Mangi

Composing & Lay'out: Asif Nizamani

Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913

Published by: Popat Publishing House, Mall Road, Khairpur – Sindh.

Price: **Rs. 150/-**

# ارپنا

شهيد اميد علي پيپو

عبدالجبار آصف منگي

انجنيئر امر لال تلريجا

غلام شبير جوکيو

۽

ڊاڪٽر اجيت ڪمار ڏيواڻي

جهڙن چڪ جي ذاتي دوستن جي نالي
جن مان ڪي امر ٿي ويا ،ڪي اجل جو ثمر ٿي ويا
اڄ اهي مونسان جسماني طور گڏ نہ آهن،
پر سندن يادون هميشہ مونسان گڏ رهنديون.

- آزاد بخاري

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن سلسلي جو نئون ڪتاب **”چَڪ جا چندن هار“** اوهان اڳيان پيش آهي. سنڌ جي تاريخي شهر چَڪ ۾ سماجي، سياسي ۽ ادبي حوالي سان متحرڪ شخصيتن تي لکيل تحقيقي مضمونن جي هن مجموعي جو محقق **آزاد بخاري** آهي.

هي ڪِتابُ هِڪَ طرف چَڪَ شهر جي اِنهن اهم ۽ اعليٰ شخصيَتُن جي ڪَمَ ۽ ڪردارَ کي نئين نَسُلَ آڏو اُجاگر ڪِري ٿو تہ ٻئي طَرف اِهي سَيِيئي حوالا ۽ معلوماتِ تاريخَ ۾ محفوظ ٿيڻَ جي حيثيت پِڻُ ماڻن ٿا.

هي ڪِتابُ تحقيقَ ڪندڙَن لاءِ هِڪَ دلچسپ حوالي طور پِڻُ ڪَمُ ايندو.

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2014ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبلشنگ هائوس جي سرواڻ قربان منگيءَ جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

# ستاءُ

| | |
|---|---|
| **پبلشر نوٽ:** قربان منگي | 8 |
| **مون لاءِ مهڪَ مليرَ جي......** اختر درگاهي | 9 |
| **چَڪَ ۾ اپريو چَنڊُ:** انور فِگار هڪڙو | 13 |
| **پنهنجي پاران:** آزاد بُخاري | 15 |
| **سياسي، سماجي، ادبي جاڳرتا جو شهر چڪ** | 17 |

**عالم، عشاق ۽ سنتَ**

| | |
|---|---|
| محمد شاهه مست جيلاني (اول) | 25 |
| مولوي عبدالڪريم شاهه (اول) | 27 |
| سوامي گنگارام | 30 |
| داتا فيض درياهه شاهه | 35 |
| سيد عبدالعزيز شاهه | 41 |
| سوامي شانتي پرڪاش | 46 |
| داتا ولايت شاهه | 49 |
| داتا بگن شاهه | 54 |

**اُستادَ اَديبَ ۽ شاعِرَ**

| | |
|---|---|
| حاجي محمد سچل سومرو | 59 |
| ڪوي تيجو مل ٻداڻي | 61 |
| محمد آندل ڪوري | 64 |
| ڪشنچند پرياڻي | 66 |
| پهلاج راج جيواڻي | 68 |
| سيد حسين شاهه | 71 |
| فقير علي حسن سيٺار | 73 |

- رام گيان ڀاڳچنداڻي 75

سياسي ورڪر ۽ سماجي سڌارڪ

- سيد غلام رسول شاهه 79
- وڏيرو الهڏنو خان سينار 82
- مکي پرسرام تلريجا 85
- مير محمد خان پناڻ 87
- رگهو رام مينگهاڻي 89
- ڦندو مل ٿوپڻ مل 91
- روچلداس تلريجا 92
- نيوند رام ڪوڏواڻي 94
- ابو شوڪت حمزو خان 96
- غلام حيدر سينار 100
- غلام رسول سومرو (وڪيل) 102
- مکي ڪروڙي مل 104
- ڪنعيا لال ناگپال 107
- سيٺ چندن مل ايسراڻي 109
- محمد ارباب سينار 111
- محمد پارل سومرو 113
- ڀائو عبدالقادر خان سينار 115


## فنڪار ۽ اداڪار


- قلندر بخش خان مُغل 119
- انور علي شاهه بُخاري 120
- سردار علي شاهه لڪياري 123
- ڀڳت چوئٿ مل مانڌواڻي 124
- چندر ساوناڻي 126

# پبلشر نوٽ

سندُ جي مجموعي عِلمَ، اَدبَ، ڏاهپَ، آرٽ ۽ سماجي خدمتن جي ميدانَ ۾، چَڪَ شهرَ جو پنهنجو خاص حِصو پَتي رَهيو آهي. اِنهن مڙني شعبن سان لاڳاپيلَ مختلف شخصيتن جي زندگي، ڪمَ ۽ ٻين حوالن ڪي سَهيڙي سندن باري ۾ گهڻَ رُخي تحقيقَ ڪان پوءِ لکيلَ مضمونن جو هي ڪِتابُ "چَڪَ جا چندن هارَ" يقيناً هِڪُ اهم ۽ ڏيان ڇڪائيندڙ ڪِتابُ آهي.

هِنَ ڪِتابَ ڪي نامياري شاعِرَ ۽ محققَ آزاد بُخاريءَ تمام گهڻي محنت ۽ جستجوءَ ڪانپوءِ تحرير ڪيو آهي. هي ڪِتابُ هِڪَ طرف چَڪَ شهر جي اِنهن اهم ۽ اعليٰ شخصيَتُن جي ڪمَ ۽ ڪردارَ ڪي نئين نَسُلَ آڏو اُجاگر ڪَري ٿو تہ ٻئي طَرف اِهي سَڀيئي حوالا ۽ معلوماتِ تاريخَ ۾ محفوظ ٿيڻَ جي حيثيت پڻُ ماڻن ٿا.

هي ڪِتابُ تحقيقَ ڪندڙَن لاءِ هِڪَ دلچسپ حوالي طور پڻُ ڪمُ ايندو. ادارو "پوپٽ" تحقيقَ جهڙي اهم شعبي سان لاڳاپيلَ ڪِتابَن ڪي شايع ڪَري اوهان جي هَٿن تائين پهچائڻَ جي روايتَ ڪي قائم رَکندي هي سُهڻو ڪِتابُ اوهان جي خدمت ۾ پيش ڪَري رَهيو آهي.

**قربان منگي**

چيئرمين

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور

# مون لئہ مهڪَ مليرَ جي

روهڙي، رضاڳوٺ ۽ سکر جو درياءُ
سانگي، چڪ، هنباهہ، مون لئہ مهڪ ملير جي.

مٿيون بيت مون پنهنجن وڏڙن جي ماڳن ۽ مڪانن جي حوالي سان لکيو آهي . جن جو اصل وطن تہ روهڙي ۽ سکر جو دريائي علائقو هو پر سندن پيو وٺاڻ رضاڳوٺ (تعلقو پنوعاقل) بہ رهيو جڏهن تہ ڪجهہ عرصو "سانگين"۾ بہ رهيا.ان سان گڏوگڏ چڪ ۽ هنباهہ سان منهنجن وڏڙن جو وري هڪ روحاني تعلق قائم ٿيو. هونءَ بہ بتيلن ۽ پيڙين تي زندگي گهارڻ ڪري درياهُ سندن ديس هو انڪري ڪڏهن ڪڏهن آبڪلاڻيءَ ۾ سنڌو درياه جي چڪ واري پاسي بہ اچي پنهنجون پيڙيون جهليندا هئا. شايد اها ڪشش درگاه حضرت هنباهہ جي هئي جنهن اسانجي خاندان کي تصوف، راڳ ۽ شاعريءَ جي رمز عطا ڪئي. ٿيو ايئن تہ درگاهہ حضرت هنباهہ جو گادي نشين داتا بگن شاہ جيلاني وڏو (وصال ؛ 1931 ع) اچي رضا ڳوٺ ۾ لٿو جنهن پنهنجي هڪ ئي نظر سان منهنجي ڏاڏيِ امڙ بيگم فقيرياڻيءَ (1987_1915ع) جي پيءُ هارون ميربحر کي"،هارون فقير " بڻائي ڇڏيو . هاڻي هنباهہ جيڪو چڪ جو ئي ڇڙ هڪ حصو آهي اسانجي خاندان جو هڪ روحاني مرڪز بڻجي ويو . هارون فقيرميربحر،داتا بگن شاهہ وڏي جو طالب تہ بڻيو ، پر درگاه هنباه جي رندي ۽ صوفيانہ اثر هيٺ يڪتارو کڻي ڪافيون ڪلام بہ جهونگارڻ لڳو. اهو بہ سندس عشق ۽ عقيدتمندي هئي جو هارون فقير جي وفات بہ 1944 ع ۾ هنباه ۾ ئي ٿي ۽ داتا ولايت شاهہ کيس هنباه جي پير يوسف علي جي مقام ۾ دفن ڪرايو. نہ صرف ايترو پر مون لئہ هڪ ٻي اهم ڳالهہ تہ منهنجي والد بزرگوار ۽ سنڌ جي نامياري شاعر درگاهي ميراڻي (1988_1942ع) جو جنم بہ هنباهہ ۾ ٿيو هو ۽ جڏهن سن 1963 ع ۾ منهنجو روهڙِي شهر ۾ جنم ٿيو تہ منهنجي "جهنڊ" بہ درگاهہ هنباهہ ۾ ڏني هئائون ،مان چند ڏينهن جو هوس امڙ بيگم

فقيراڻي مونکي ڪٺي داتا ولايت شاهہ جي هنج ۾ ڏنو ۽ اهو اهم منظر بابا سائين پنهنجي ڪئمرا جي اک ۾ محفوظ ڪري ورتو.

مٿين پسمنظر ڪانپوءِ هر ڪنهن کي بخوبي اندازو ٿي ويندو تہ مان محترم دوست آزاد بُخاري جي هن خوبصورت ڪتاب تي بہ اکر لکندي ڪيڏي نہ خوشي محسوس ڪندو هوندس، هڪ تہ آزاد بخاري جو تعلق چڪ،هنباہ سان آهي ٻيو تہ هن ڪتاب ۾ هن هنباهہ ۽ چڪ جي جن شخصيتن تي لکيو آهي،انهن مان داتا فيض درياهہ ، داتا ولايت شاہ ۽ داتا بگن شاهہ جي ذڪر پڙهڻ سان جتي پنهنجن رهبرن ۽ مرشدن جي خوشبو ملي ٿي ، اتي پنهنجن وڏڙن جي آسيس پڻ.

جيتري قدر هن ڪتاب جي مواد ۽ ان ۾ ڪيل تحقيق جو تعلق آهي تہ ان لاءِ مان محترم آزاد بخاري کي وڏي آفرين ۽ شاباس ڏيان ٿو جيڪو مستقل طور تي تحقيق جي ميدان ۾ سندرو ٻڌي بيٺو آهي ۽ پنهنجي ٻهرين ڪتاب ”ڪامريڊ ابو شوڪت حمزي“ ڪانپوءِ هنباهہ ۽ چڪ جي شخصيتن تي هي هڪ ٻيو ۽اهم ڪتاب اربيو آهي ، هاڻي ڪيس اهو تجربو بہ ٿي ويو هوندو تہ اهو ڪيڏو نہ ڏکيو ۽ محنت طلب ڪم آهي ۽ سچ پچ آزاد بخاري جيان سنڌ جا ٻيا ليکڪ ۽ ساڃا هہ وند بہ جيڪڏهن صرف پنهنجن پنهنجن علائقن ۽ شهرن جي تاريخ رقم ڪن ۽ ٻيو نہ تہ صرف پنهنجي خاندانن جي مشاهير تي ڪم ڪن تہ هوند سنڌ جي تاريخ جا رهيل پاسا ۽ لڪل خزانا ظاهر ٿي پون .

آزاد بخاري جي هن ڪتاب ” چڪ جا چندن هار“ ۾ انتيهہَ شخصيتن جو تذڪرو ڪيل آهي جن ۾ چڪ جا بزرگ ، عالم، صوفي شاعر ، قومي ۽ انقلابي اڳواڻ ،سماج سڌارڪ ۽ ٻيا ساڃاهہ وند شامل آهن اهڙي ريت بزرگن ۽ عالمن ۾ مولوي عبدالڪريم شاهہ کان وٺي حسين شاهہ بخاريءَ تائين ، صوفي درويش ۽ شاعرن ۾ داتا فيض درياهہ کان انور علي شاهہ تائين ، قومي انقلابي اڳواڻن ، سماج سڌارڪن ۾ ابو شوڪت حمزي کان مکي پرسرام تلريجا ۽ ويندي مکي ڪروڙي مل تائين جو ذڪر ڪري آزاد بخاري چڪ ۽ ان جي پسگردائيءَ جي مشاهيرن جو هڪ اهم ۽ تاريخي دستاويز رقم ڪيو آهي . هن ڪتاب ۾ سنڌ جي اهڙن امر انسانن جو ذڪر آهي جن پنهنجي ڏات، ڏانءُ،فڪر،عمل ۽ جدوجهد ذريعي ولات واسي چڙيا آهن ، اهي سدا حيات آهن ، اهڙن عظيم هستين جي ظاهري زندگيءَ

مان لڏي وڃڻ  ڪانپوءِ بہ سندن واسُ ۽ خوشبو سدائين دائم قائم رهي ٿي، آزاد بخاري جي هن ڪتاب ۾ بہ اهڙن عظيم ڪردارن ۽ مهان هستين جي اهڙي خوشبو اچي ٿي جيڪا گلاب جي گل ۾ هوندي آهي يا چندن جي وڻ ۾.

آزاد بخاري هن ڪتاب جي شروعات ۾ چڪ شهر جو تاريخي پس منظر بہ هڪ پختي محقق جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي ۽ اڳ آيل مختلف ڪتابن جي تصحيح  ڪندي  چڪ شهر تي نالي پوڻ جا مستند حوالا ڏئي پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ اضافو ڪيو آهي . تنهن ڪانسوءِ چڪ ۽ ان جي پسگردائي ۾ جنم وٺندڙ سياسي، سماجي ۽ ادبي جاگرتا جو انگريزن جي دور کان وٺي سلسليوار جائزو ورتو اٿائين .انهيءَ باب ۾ چڪ جي اهم سياسي ، سماجي ۽ ادبي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن جو تذڪرو خاص طور تي مختلف سياسي تحريڪن جهڙوڪ  خلافت تحريڪ جو سنجيده ذڪر آزاد بخاري جي سجاڻ ذهن ۽ قومي شعور کي ظاهر ڪري ٿو.

آزاد بخاري جيئن تہ  پاڻ بہ چڪ جي هڪ روحاني ۽ علمي خاندان سان تعلق رکي ٿو پنهنجي خاندان جي بزرگن ۽ عالمن جو ذڪر بہ  ڏاڍو سهڻو ڪيو اٿائين ۽ ڪتاب جي ٻي شخصيت طور آيل مولوي عبدالڪريم شاهہ (اول) جي احوال ۾ سندس ولادت ۽ وفات جون تاريخون درست ڪيون اٿائين  آزاد بخاري ڄاڻايو آهي تہ عبدالڪريم شاهہ (اول) مولود بہ چوندو ۽ لکندو هيو  جيڪڏهن آزاد بخاري سندس ڇپيل سنڌي مولود جو نمونو ڏي ها تہ ڪتاب ۾ ان دور جي سنڌي مولود جي اوسر  ارتقا متعلق هڪ نئين ڄاڻ ملي ها . بحرحال هو ان سلسلي ۾ جاکوڙضرور ڪندو.

آزاد بخاريءَ جي هن ڪتاب جي خاص ڳالهہ اها آهي تہ جن بہ صوفي شاعرن جهڙوڪ داتا فيض درياه يا ولايت شاه جو تذڪرو ڏنو ويو آهي آزاد بخاري انهن جي ڪلام جي فڪر توڙي فن تي بہ سٺو تبصرو ڪيوآهي ان مان خبر پوي ٿي تہ ڪيس نہ صرف تذڪره نويسي جي ڄاڻ آهي بلڪ هو شاعريءَ جي گهاڙيٽن ۽ ٻين فني ۽ فڪري خوبين کي سمجهي ٿو ۽ ان کي هڪ نقاد جي اک سان  ڏسي ٿو. جڏهن تہ هن ڪتاب ۾ انور علي شاهہ جي ڪافين جا بہ سٺا مثال ڏنا اٿائين انهن۾ نہ صرف قافيا سٺا استعمال ٿيل آهن بلڪ ڪافيون مڪمل بحر وزن ۾ آهن،

محمد شاه مست واري احوال ۾درگاهه تي پوڪيل پنگ ۽ ان جو اڪثر گاهه ٿي وڃڻ واري ڳالهه هوبهو روهڙي شهر جي هڪ ٻي سنت وسڻ شاهه ڏانهن به منسوب آهي جيڪا سندس سوانح عمري ۾ به آيل آهي. بهرحال اهڙا ڪافي واقعا ۽ ڪرامتون آهن جيڪي هڪ ئي وقت مختلف بزرگن ۽ درويشن ڏانهن منسوب ڪيون ويون آهن.

آزاد بخاري جي هن ڪتاب ۾ هڪ وڏي عالم ۽ مذهبي شخصيت سيد عبدالعزيز شاهه جي فڪر ۽ مذهبي خيالن جي تبديلي ۽ مٿس صوفيت جو رنگ چڙهڻ واري اهم ڳالهه به ملي ٿي ته ڪيئن هو هڪ وڏو مذهبي مبلغ مان وڏو صوفي شاعر بڻجي ويو سو به وحدت الوجودي ,شايد اهو مٿس پنهنجي مرشد مولوي عبدالغفور همايوني ۽ جو اثر ٿيو يا هنباهه جي رندي ۽ قلندري درويشن جو.

هن ڪتاب مان اها به خبر پوي ٿي هنباهه جي قومي ۽ انقلابي اڳواڻ ابو شوڪت حمزي تي داتا فيض درياهه ”گجڻ“ نالو رکيو هو. ٻي طرف ڏسجي ٿو ته داتا فيض درياهه جڏهن وفات ڪئي تڏهن ابو شوڪت حمزو صرف 13 سالن جو هيو. لڳي ٿو ته شايد داتا فيض درياهه پنهنجي ڳوٺ جي انهيءَ جوشيلي ۽ جذباتي نينگر کي پرکي اها پيشنگوئي ڪئي هئي ته ابو شوڪت اڳتي هلي هڪ انقلابي ۽جوشيلو اڳواڻ بڻبو ۽ گجندو رهندو جيڪا پيشنگوئي سندس سچي ثابت ٿي.

بهر حال آزاد بخاريءَ جو هيءُ نئون ڪتاب ”چڪ جاچندن هار“ سنڌي ٻولي ۽ ادب ۾ تحقيق جي حوالي سان اهم جاءِ والاريندو ۽ ايندڙ وقت ۾ جڏهن ڪو اديب يا محقق چڪ جي تاريخ لکندو يا انجي مشاهير تي نئين سري سان ڪم ڪندو ته آزاد بخاري ۽ جو هي ڪتاب انهيءَ موضوع جو هڪ بنيادي ۽اهم ماخذ طور انجو مددگار ثابت ٿيندو. مان آزاد بخاري کي اهڙي اهم ۽ وڏي ڪم تي تمام گهڻيون واڌايون ڏيان ٿو.

**اختر درگاهي**

روهڙي سنڌ

◊ 13 جنوري 2014 ع

# چَڪَ ۾ اپريو چنڊُ

’چڪ‘ جو شهر تاريخ جي مختلف پهلوئن ۾ بيشڪ پنهنجي نمايان حيثيت حاصل ڪري چڪو آهي، جنهن جو اعتراف هرباشعور فرد ڪلي دل سان ڪري سگهي ٿو. هتان جي عوام گذريل صديءَ کان مختلف سياسي ۽ سماجي معاملن ۾ پاڻ کي پائيوار ڪري جيڪو اجتماعي ڪردار ادا ڪيو آهي، تنهن جو وڏو ثبوت چڪ جي رهاڪن جو بيدار ماضي آهي. شڪاپور جتي هڪ سياسي قلعي جي حيثيت رکي ٿو اُتي چڪ ۽ رستم اُن جي اهم دروازي جي لحاظ کان اهميت رکندڙ آهن. شڪاپور ۾ ڪانگريس جي هلچل دؤران مهاتما گانڌي ،جواهر لال نهرو ۽ سردار پٽيل کان سواءِ مولانا آزاد ۽ ڪي ٻيا سياسي اڳواڻ جڏهن شڪاپور ۾ ايندا هئا، تڏهن چڪ ۽ رستم ۾ ضرور وڃي عوام سان ميل جول قائم رکندا ايندا هئا. خلافت تحريڪ ۽ سنڌ جي بمبئي کان عليحدگيءَ دؤران چڪ جي سرگرمي، سنڌ جي مجموعي ڪردار لاءِ اهم جذبي طور تي شمار ٿئي ٿي. جنهن جو سمورو دارو مدار اُن ماحول تي ئي آهي. جيڪو تسلسل سان قائم رهندو پيو اچي. چڪ تي جيتوڻيڪ جاگيرداري مسلط آهي، تڏهن بہ هتان جي باشعور ماڻهن پنهنجي جدوجهد سان سچ ۽ حق انسانيت ۽ محبت ڀري فضا قائم ڪرڻ لاءِ ڪڏهن بہ جهد ۾ ڪمي ڪانہ آندي آهي.

چڪ ۾ تعليمي ماحول ۽ معيار جو بہ پنهنجو مثال آهي تہ علمي ۽ ادبي سرگرمين جو اڻٽٽ سلسلو ڏٺو ويو آهي. ادبي سنگت جي نمائندگي بہ نمايان آهي تہ قومي جاڳرتا جي جوت بہ جرڪندي رهي ٿي. اجوڪي تعليمي ۽ ادبي ماحول قائم ڪرڻ جو سمورو ڪريڊٽ، سائين هارون چني، نظير سومري، رشيد احمد سومري، رحيمداد راهي، آزاد بُخاري ۽ ٻين نوجوانن جو ئي آهي. مون کي بيحد خوشي ٿي آهي جو آزاد بُخاري صاحب چڪ جي شخصي تاريخ ڏي توجهہ ڏيئي، جيڪا سهيڙ سنوار ڪري ترتيب جو ڪم ڪيو آهي، سو اهڙو اهم قدم آهي، جو

تاريخ جي ٻين رُخن کي روشن ڪرڻ جي ضمانت ثابت ٿي سگهندو ۽ تصديق ۽ تاليف جو ماحول پڻ پيدا ڪري وٺندو.

مون کي اهو ڄاڻي به عجب لڳو ته هندستان ۾ رهندڙ وڏو سنت سوامي شانتي پرڪاش مهراج به چڪ جو آهي. سندس روحاني ۽ سماجي خدمتن جو دائرو وسيع آهي، جنهن ڪري اُتي سندس وڏي مڃتا آهي. ڊاڪٽر ديال آشا جڏهن پنهنجو ڪتاب "سنڌ جا سنت "لکيو هو تڏهن سامي شانتي پرڪاش کي اُن ۾ نمايان ظاهر ڪيو. ان کان علاوه چڪ جا ڪيترائي اديب، شاعر، راڳي، چترڪار ۽ اداڪار اُتي رهن ٿا، جن پنهنجي پنهنجي فيلڊ ۾ نالو روشن ڪيو آهي.

آزاد بُخاري صاحب انتيهه "چڪ جا چندن هار" متعارف ڪرائي، نه رڳو چڪ جي علمي خدمت ڪئي آهي، پر سنڌ جي مجموعي ۽ اجتماعي شخصي تاريخ جي هڪ ڪڙي تان پردو کڻي پنهنجي ذميواري پوري ڪئي آهي.

چڪ جي تاريخ ۾ نمايان شخصيت ابو شوڪت حمزو جي آهي، جنهن خلافت تحريڪ ۾ ته نمايان ڪردار اداڪيو پر هڪ قومي ڪارڪن جي حيثيت سان به ياد رهندو آيو آهي. داتا فيض دريا شاهه جهڙو مٿس گجڻ نالو ڏريو تهڙوئي ثابت ٿيو ۽ جت ڪٿ پنهنجي فڪر جي اظهار لاءِ پيو گجندو ۽ گهرجندو هو. مزدور اخبار جاري ڪري پنهنجي اندر جو اظهار ۽ غريب عوام جي ترجماني ڪندو رهيو اسان کي کپي ته چڪ جي ان اثاثي کي محفوظ ڪري ذميواري نڀايون.

آزاد بُخاريءَ جي هن ڪوشش کي مان دل سان ساراهيان ٿو. سندس همت افزائي لاءِ مون وٽ لفظ ئي ڪو نه آهن. شال سندس قلم جو زور زبرو ٿئي.

**انور فِگار هَڪڙو**

چامشورو

◊ 14 ڊسمبر 2013ع

# پنهنجي پاران

اڪثر ڪري ننڍ پڻ ۾ پنهنجي ناني سيد حسين شاه بخاري سان ڪچهري ٿيندي هئي. نانو مرحوم پنهنجن وڏن جي باري ۾ يادگيرون ٻڌائيندو رهندو هو ته ڳوٺ جي چڱن مڙس جو تذڪرو وغيره به ڪندو رهندو هيو. سندس والد مولوي غلام رسول شاه خلافت تحريڪ چڪ جو پهريون صدر هيو . هو ٻڌائيندو هيو ته منهنجو والد ماڻهن کي ملڪي حال احوال کان روشناس ڪرائڻ لاءِ الوحيد اخبار پڙهي ٻڌائيندو هيو.وڏيري الهڏني خان سيٺار جي اوطاق تي ڪچهري ٿيندي هئي. هندو مسلمان گڏ اٿندا ويهندا هيا وغيره . منهنجو نانو وفات ڪري ويو رڳو ياد گيريون ذهن ۾ رهيون . ادب سان جيءُ جڙيو ته دل ۾ خواهش جاڳي ته پنهنجن وڏڙن جي باري ۾ ۽ انهن ماڻهن جي باري ۾ ڪجهه لکجي جن جو تذڪرو نانو مرحوم ڪندو هو.ناني مرحوم کان مونکي جيڪا معلومات ملندي هئي اها نوٽ بوڪ تي اتاري ڇڏيندو هوس منهنجي دوست محمد شريف ”شاد“سومري 1987 ۾ جڏهن ”تعلقي لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو“ مونوگراف طور سهيڙيو پئي ته مون کيس پنهنجي خانداني مشاهير جي ڪافي معلومات ڏني.

1993 ۾ ايم اي سنڌي جي مونوگراف ”ڪامريڊ ابو شوڪت حمزي خان جي شخصيت ۽ شاعري“ ۾مون چڪ جي ڏهاڪو کن ادبي شخصيتن جو ذڪر ڏنو، ان ۾ محترم شريف شاد جي مونوگراف (قلمي) مان جا حوالا پڻ ڏنا. پر جڏهن اهو مواد ڪتابي صورت ۾ آيو ته، پبلشر ڪتاب مان همعصر شخصيتن جو تفصلي باب ڪٽي ڇڏيو.جنهن بعد مون اجان وڌيڪ تحقيق ڪئي ۽ چڪ جي سياسي، سماجي،ادبي شخصيتن جو، جن ورهاڱي کان اڳ جنم ورتو يا ان دور ۾ سندن ساراهه جوڳو ڪردار رهيو يا وري اهي ورهاڱي کان اڳ يا بعد ۾ به اهم تنظيمي عهدن تي رهيا انهن جي باري ۾ جيتري ڪجهه معلومات ملي ان کي سهيڙي ”چڪ جا چندن هار“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ اوهان پڙهندڙن جي

آڏو رکيو اٿم تہ جيئن اوهان سندن منهن مهاندڻن کان واقف ٿي سگهو. مون هن ڪتاب ۾ بنا ڪنهن مت ڀيد جي مسلم هندو ٻنهي مذهبن جي ماڻهن جو ذڪر ڪيو آهي . جيئن پڙهندڙ چڪ جي نہ صرف شخصيتن جي باري ۾ آگاهي حاصل ڪري سگهن پر چڪ جي تاريخ کان بہ آگاهي حاصل ڪري سگهن مونکي جن ماڻهن جا فوٽو مليا اهي بہ ڏنا اٿم ۽ جن جي جنم ۽وفات جا سن مليا اهي بہ ڏنا اٿم هن ڪتاب ۾ اڪثر ڪري ورهاڱي کان پهريان واري دور جون شخصيتون ڏنيون ويون آهن جيڪي وفات ڪري چڪا آهن سواءِ هڪ شخصيت چندر ساوناڻي جي جيڪو حال حيات آهي جڏهن تہ ڪجهہ شخصيتن جو تعارف نہ ملڻ سبب هن ڪتاب ۾ سندن ذڪر نہ ڏئي سگهيو آهيان جنهن جو پڻ افسوس آهي بحرحال تحقيق جا در بند ناهن ٿيندارهجي ويل شخصيتن جي باري ۾ معلومات ٻيو ڪو محقق ڏئي سگهي ٿو. هن ڪتاب ۾ ڏنل مواد، سنڌي ادب جي هند سنڌ جي ليکڪن جي مختلف ڪتابن تان ورتل حوالن يا وري شخصيتن جي وارثن کان ڪيل انٽرويو جي آڌار تي يا چڪ شهر جي بزرگ شهرين کان ورتل معلومات جي آڌارتي ڏنو آهي. اميد تہ پڙهندڙن کي پسند ايندو.

مان محترم انورفگار هڪڙو اختر درگاهي ، جن جو ٿورائتو آهيان جن مون لئہ پيش لفظ لکيا ۽ محترم احسان لغاري، محترم حاڪم مهر(چڪ )۽ محترم گوهر سنڌي جو جنهن هن ڪتاب جي سلسلي ۾ پنهنجي مفيد مشورن کان نوازيو.

**آزاد بُخاري**

چَڪ

# سياسي، سماجي، ادبي جاڳرتا جو شهر چڪ

”چڪ“ لفظ جڏهن بہ سماعتن سان ٽڪرائجي ٿو تہ اڪثر ماڻهن کي پنهنجن توڙي پراين جا چڪ ياد اچي وڃن ٿا، ليڪن سنڌ پرور ماڻهن آڏو ”چڪ“ جو لفظ اچاربو آهي تہ سندن پيشانين تي اڪثر ڪري گُهنڊ پئجي ويندو آهي. ڇو جو سنڌ ڌرتيءَ تي جتي بہ ڪا وسندي چڪ جي نالي سان جڙيل آهي تہ اها گهڻو ڪري غيرسنڌي ماڻهن جي آباد ڪيل هوندي آهي .پر هتي چڪ لفظ جي معني آهي ”حصو “ يا ٽڪرو ان کان سواءِ”چڪ“ ڪنڀرن جي ان آلي (مشين ) جو بہ نالو آهي جنهن جي مٿان جڏهن آلي چيڪي مٽي رکي ڪنڀر پنهنجي فنڪار هٿ سان تراشي ٿو تہ اها مٽي هڪ برتن يا ٿانوَ جو روپ اختيار ڪري ٿي ۽ ڏسندڙ ڪان ازخود ”واه واه“ نڪريو وڃي. چڪ جي ساڃي ڌر جي ليڪڪ وزير علي سومري” چڪ نامو“ ڪتاب ۾ چڪ کي ڍڪڻ سومرن جي ٺهيل چڪ سان منسوب ڪيو آهي جڏهن تہ 1940ع کان اڳ چڪ ۾ سومرن جو صرف هڪ گهر استاد محمد سچل سومري جو هيو جيڪو پڻ چڪ ۾ لڏي آيل هيو .خود وزير علي سومري وارا 1942 واري ٻوڏ ۾ لڏي اچي چڪ ۾ ويٺا . تنهنڪري چڪ کي سومرن سان منسوب ڪرڻ درست ناهي.

اڄ هتي آءُ جنهن شهر جو ذڪر ڪري رهيو آهيان ان شهر جو نالو بہ چڪ آهي جنهن مٿان اهو نانءُ ڪنڀرن جي چڪ جي حوالي سان پيو. چڪ انهيءَ وقت هڪ ننڍڙو ڳوٺ هيو جڏهن چڪ کي سکر وارو چڪ سڏيو ويندو هو جيڪو هن وقت شڪارپور ضلعي ۾( چڪ ٽائون) طور مشهور آهي .پر وري بہ شڪر آهي تہ هي سانگهڙ ضلعي جي چڪن جهڙو چڪ ناهي جن جي نالي ٻڌڻ سان اسان سنڌين کي هانوَ ۾ چڪ پوندا آهن .مونکي تہ هن شهر جي نالي ڪڻڻ سان دلي سڪون ملندو آهي نہ ڪي اندر ۾ چڪ پوندا آهن ڇو جو مون بہ هن شهر

ڀسارو جيون گذاريو آهي نہ صرف مون پر منهنجن ابن ڏاڏن بہ هن شهر ۾ ئي اک کولي آهي ۽ هن شهر ئي لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندي گذاريو ۽ پگهر وهايو آهي .منهنجو خاندان هن شهر ۾ مذهبي طور مسلمانن جو( بقول محمد ارباب سيٺار صاحب جي) استاد گهراڻو رهيو ۽ سندن ديني خدمت ڪئي ۽ نسل در نسل جامع مسجد چڪ اصل (سيٺارمحلو)بعد ۾ شاهي بازار جي جامع مسجد جي پيش امامت ڪئي بلڪ ايئن چوان تہ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ مسلمانن اندر پهريون دفعو سياسي بيداري آڻيندي خلافت تحريڪ چڪ جي پليٽ فام تان انگريز سامراج خلاف جدوجهد بہ ڪئي,جيئن تہ خلافت تحريڪ چڪ جو پهريون صدر بہ راقم جو پڙ ڏاڏو مولوي غلام رسول شاهہ بخاري هيو جنهنجي اڳواڻي ۾ انگريز سامراج خلاف چڪ ۾ جلسا جلوس ٿيا ۽ عوامي بيداري جي چٽنگ دکي!

چڪ جي سرزمين آڳاٽي دور ۾ سنڌو نديءَ جي ڪپر تي هئي جتي ڪنيرن اچي پنهنجا پڪا اڏيا ( جنهن کي پهريان "آيل پور" نالي سان) هڪ ڳوٺ طور سڃاتو ويندو هو.تر جا ماڻهون هتان ڪرن جا ٿانو وٺڻ ايندا هئا تہ چوندا هئا چڪا ئن يعني چڪ وارن ڏي ٿا وڃون يعني ڪنيرن ڏي ٿا وڃون . ايئن وقت گذرڻ سان گڏوگڏ هن شهر جو نالو چڪ پئجي ويو.

(چاچڙ ڳوٺ پرسان بڙ جي مڪان سامهون آيل پور جودڙو ۽ ڪجيون اجان موجود آهن ) چيو وڃي ٿو تہ هي شهر ڪلهوڙن جي آخري دور ۾ وجود ۾ آيو تہ وري ڪن جو چوڻ آهي تہ مغل بادشاهن هڪ زمين جو ٽڪرو (چڪ طور) چاڪر خان مغل کي ڏنو هيو جنهن ۾ ٽپو چڪ ديهہ پرڪڻ شامل هيو جنهن ڪري هي شهر "چڪ پرڪڻ" جي حوالي سان بہ مشهور ٿيو. 1908 ۾ پوليس جي حوالي سان چڪ شهر سکر جو تعلقو هيو. ورهاڱي کان پهريان هتي ڪنير(چنہ), مغل, سيد, سيٺار, انصاري, دايا, هندو, سک وغيره ذاتيون آباد هيون 1942 ۾ ٻوڏ اچڻ کان پوءِ سومرا, ڀيہ, شيخ ,منگي ,ڪلهوڙاءِ هڪ گهر علي نواز خان مهر جو (جيڪو ٻٽ ڳوٺ مان لڏي آيو هو) ان سان گڏ ٻيا بہ اچي آباد ٿيا.ڳوٺ جو چڱو مڙس وڏيرو لکڻ خان سيٺار هيو.جڏهن تہ مذهبي تعليم مولوي عبدالڪريم شاه( اول) ,مولوي غلام رسول شاهہ بخاري, سيد جمن شاهہ لڪياري, ۽ مولوي عبدالڪريم انصاري وغيره جن ڏيندا هئا .چڪ ۾ هندو ججهي تعداد ۾ رهائش پذير هئا. هندن جو پهريون

مکي ٻيومل ٻداڻي ۽ تولو مل ٻداڻي (استاد اتم چند ٻداڻي ۽ ڪوي تيجومل جا پر ڏاڏا هئا) انهن کان پوءِ مکي پرسرام تلريجا ڇڪ جي هندن جو مکي ٿيو. هينئر سندس پوٽو انجنيئر پريم چند تلريجا ڇڪ جي هندن جو مکي آهي.

ورهاڱي کان پهرين ڇڪ شهر سياسي جاڳرتا جي حوالي سان سکر ضلعي جو مرڪز هيو بلڪ ايئن کڻي چئجي ته سياسي ،سماجي ،ادبي جدوجهد جو مرڪز هيو ۽ ان حوالي سان هن شهر کي هڪ خاص مقام حاصل هيو هت پير پاڳاري سورهيه بادشاهه جي مريدن جو جهجهو تعداد موجود هيو جنهن ۾ سيٺار برادري جو وڏو تعداد شامل هيو. ۽ پاڳاري جو خاص خليفو مخدوم محمد اسماعيل سيٺار هيو. 1920.21 ۾ ڇڪ شهر ۾ خلافت تحريڪ جو بنياد وڌو ويو 1922۾ ڇڪ شهر ۾ خلافت ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ مولانا شوڪت علي ،مولانا عطاءُ الله شاهه بخاري ۽ مولانا تاج محمود امروٽي شريڪ ٿيا جنهن ۾ سنڌ جي مڪمل آزاديءَ جي قرار داد پاس ڪئي وئي ۽ ان ڏينهن خلافت تحريڪ ڇڪ جي صدر مولوي غلام رسول شاهه جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن جلوس ڪڍيو۽ ڪمال اتاترڪ لاءِ دعائون گهريون .اهڙو تذڪرو ان وقت سنڌي اخبار الوحيد ۾ آيل آهي.هن کان پوءِ خلافت تحريڪ جو ٻيو صدر غلام رسول شاهه جو شاگرد ۽ ڳوٺ جو وڏيرو الهڏنو خان سيٺار بڻيوسندس ئي صدر هوندي 1923 ۾ هڪ ٻيو خلافتي جاکوڙي امير بخش عرف ابو شوڪت حمزو مهر پرائمري ماستري تان استعيفا ڏئي خلافت تحريڪ ڇڪ ۾ شامل ٿيو. ابو شوڪت حمزو هڪ لبرل مذهبي ورڪر هيو ڪيس وطن جي آزادي جو اونو هوندو هيوسدائين ٿلهو متارو ڏندو ساڻ هوندو هيس سڄي سنڌ ۾ مشهور هيو سندس شاعري وڏيرن لاءِ ويل هئي .مولوي غلام رسول شاهه، وڏيرو الهڏنو خان سيٺار ۽ ابو شوڪت حمزو خان ڇڪ جي مسلمانن جا سياسي رهنما طور سڃاتا ويندا هئا ته وري ڇڪ جي هندن جا سياسي رهنما مکي پرسرا م تلريجا ۽ روچلداس تلريجا ،ڦندو مل هندو مها سڀا جا ۽ نيوند مل ۽ ڪنعيا لعل ناگپال ڪانگريس جا اڳواڻ طور مشهور هيا. ڪنعيا لعل تمام سرگرم نوجوان ڪارڪن هيو جنهن نوجواني ۾ ئي جيل ياترا ڪئي هن ڇڪ ۾ ٻالڪن جي ٻاري قائم ڪئي 1937 جي ڇڪ هاري ڪانفرنس ۾ جڏهن جواهر لعل نهرو شرڪت ڪرڻ آيو ته ڪنعيا لعل پنهنجو( نيپڪن ) رومال ڇهرو صاف ڪرڻ لاءِ ڏنو. نهرو

صاحب ان رومال سان منهن صاف ڪري ڪيس واپس ڏنو تہ هن ان کي 15 سال کان مٿي پاڻ وٽ ان ڪري سانڍي رکيو تہ ان کي نهرو جي ڇهري جي کهہ( مٽي) لڳل آهي .ڪنعيا لال جڏهن انڊيا لڏي ويو تہ اتي بہ هن فريڊم فائيٽر طور پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکي ۽ اتي امر هيمو ڪالاڻي ميموريل جو صدر بڻيو . چڪ جي هڪ ٻي وڏي سياسي شخصيت مها شيہ رِگهو رام پڻ قابل ذڪر ڪردار جو مالڪ آهي هن هارين جي حقن لاءِ جدوجهد ڪئي ۽ ڪجهہ عرصو شاهہ پور چاڪر ۾ بہ رهيو ۽ اتي ” ڪڙمي سڌارڪاريہ“ نالي هارين جي حقن لاءِ جماعت ٺاهي جدوجهد ڪئي ۽ ڪيترائي سال جيل ياترا ڪئي. هن کان سواءِ چڪ جي هڪ ٻي وڏي هستي سوامي شانتي پرڪاش مهراج پڻ قابل ذڪر آهن جيڪو ٽيئون رام دربار جو ٽيون گاديسر ٿيو .پاڻ سٺو شاعر ۽ پڳت هيو.سنڌ، هند، سنگاپور، هانگ ڪانگ ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن جا هزارين هندو سندس پيروڪار آهن .چڪ جي هندن جي هڪ ٻي مذهبي شخصيت سوامي گنگارام جو نالو بہ قابل ذڪر آهي جنهن کي چڪ ۽ صرفو ڳوٺ ۾آشرم هيا جت هو پنهنجن ششن کي نام جو امرت پيئاريندو هيو. هندو ڌرم جي پرچار جي حوالي سان چڪ جي هڪ عورت ڪڪيءَ ماءُ بہ مشهور هئي جيڪا هندو عورتن کي ڌرمي تعليم ڏيندي هئي .ورهاڱي کان پهريان چڪ ۾ لڳ ڀڳ 15 آشرم ،مڙهيون، ٽڪاڻا ، مندر۽ شوالا هيا.چڪ جي ٻن شخصيتن ستئون مل ۽ جڙي مل کي تہ وساري ئي نٿو سگهجي جن 1932 ڌاري چڪ شهر ۾ پنهنجي نالن پنيان ستئونپور ۽ جڙياپور پاڙا سندين زمينن تي آباد ڪرايا.جيڪي اڄ بہ انهن ئي نالن سان سڏجن پيا . چڪ ۾ ستئون مل جي خيراتي اسپتال بہ هلندي هئي جنهن ۾ نامور حڪيم رامچند صاحب کي 500 ماهوار پگهار تي مقرر ڪيو ويو هيو.ان خيراتي اسپتال ۾ تنهن زماني ۾ هر مهيني 15 هزار خرچ ايندو هيو.ان کا سواءِ ڊوائيند لائف مشين طرفان چڪ ۾ ڊاڪٽر سوپراج روچاڻي پڻ فلاحي اسپتال هلائيندو هيو.جيڪا بعد ۾ هن انڊيا لڏي وڃي هلائي .انهن کان سواءِ سيٺ پرمانند صاحب بہ ڪافي عرصو پنهنجي خرچ تي چڪ ۾ خيراتي اسپتال هلرائي .ورهاڱي کان پهرين چڪ ۾ هڪ هالڊفورڊ لائبريري ۽ 2 هندو پنچائتي لائبرريون بہ قائم ٿيل هيون .نہ صرف اهو پر چڪ شهر ۾ ان وقت رام لال هريجن جي هڪ پرنٽنگ پريس بہ موجود هئي

هن شهر ۾ الوحيد اخبار ۽ سنڌزميندار اخبارون بہ اينديون هيون ابو شوڪت حمزو خان الوحيد اخبار جو عيوضي رهيو ۽” خاطو“ جي نالي سان مذڪوره اخبار ۾ رپورٽنگ بہ ڪندو هيو. اڳتي هلي هن ”مزدور“ اخبار ڪڍي ۽ان جو ايڊيٽر رهيو جڏهن تہ وڏيرو الهڏنو خان سينار جون الوحيد ۾ لکيل رپوٽون ۽ ڪالم پڻ شايع ٿينداهئا.ايئن ڪٺي چئجي تہ اهي ٻئي شخص ورهاڱي کان اڳ چڪ شهر جا پهريان صحافي هيا. هي اهو شهر آهي جتي 1930 ۾ انگريزن خلاف هلچل عدم ادائگي ۾ ماڻهن ڀرپور حصو ورتو سول نافرماني تحريڪ دوران ديسي لوڻ ناهڻ ،کدر جو ڪپڙو اٽڻ ،هٿ جو ڳڙ ناهڻ شروع ڪيو .چڪ شهر جي مُستي (منائي) پوري علائقي ۾ مشهور هئي .چڪ جا ما ٺهو سدائين سامراج دشمن رهيا .ڪوي تيجو مل ولد ورندرام ۽ ابو شوڪت حمزي ماڻهن ۾ سماجي اوٽاين خلاف بيداري آڻڻ لاءِ ڪافي شاعري ڪئي ان دوران ئي سيد عبدالعزيز شاهہ بخاري بہ چڪ جو سنو شاعر ٿي اڀريو جنهن جي شاعري ماڻهن برزبان ياد ڪئي جيڪا اجان تائين ڳائي ٿي وڃي.جڏهن تہ سچل سرمست جا مُريد سيد منل شاهہ بُخاري قادن سينار ۽ ڪلاسيڪل موسيقي جا ماهرگويا خانصاحب قلندر بخش خان مغل ۽ سورداس بہ هن شهر جي سجاڻپ هئا.

چڪ شهر هڪ يگانو شهر رهيوآهي هي اهو شهر آهي جتي هندستان جي پهرين وزير اعظم جواهر لعل نهرو کي چڪ ڪانفرنس ۾ اچڻ تي چڪ جي هندو نوجوانن ڪنعيا لعل سان گڏجي ڏهن بندوقن جي سلامي ڏني هئي جنهن ڪانفرنس ۾ سائين جي ايم سيد بہ شرڪت ڪئي هئي (جتي مسجد اندر وضوءَ ڪندي سندس سوني گهڙي چورائجي وئي هئي بقول سائين جي ايم سيد جي تہ ڪانفرنس ۾ ٻاهران آيل ڪنهن ماڻهوءَ لڪائي هئي) .ان کان علاوه چڪ ۾ جيڪي ٻيون شخصيتون آيون آهن انهن ۾ ڀولاڀائي ڊيسائي ،مولانا شوڪت علي ، مولانا عطاءُالله شاهہ بخاري, مولانا تاج محمد امروٽي ،خواجہ نظام الدين ، شهيد الله بخش سومرو, جان محمد خان جوڻيجو, مولانا محمد صديق ،سيد محبوب علي شاهہ, فقير قادر بخش بيدل سائين, ڀڳت ڪنور رام ،غوث بخش بزنجو اي ڪي بروهي ،شهيد مير مرتضي ڀٽو,شاه محمود قريشي وغيرهہ اچي وڃن ٿا.

ورهاڱي کان پهريون چڪ سينيٽري ڪاميٽي ٿيو ته ان جا چيئرمين پهريون ڦندومل ٽوپڻ مل پوءِ روچلداس تلريجا ۽ محمد ارباب سيٺار ٻٽيا1960ع_12_01 ۾چڪ کي ٽائون ڪاميٽي جو درجو مليو جنهنجو پهريون چونڊيل چيئرمين سيٺ چندن مل ايسراڻي ٻڻيو ان کان سواءِ ، غلام حيدر سيٺار، محمد پارل سومرو ۽ پائو عبدالقادر خان سيٺار چيئرمين ٿيا.پرويز مشرف جي دور ۾ چڪ کي يونين ڪائونسل ڪيو ويو ته پهريون ناظم عبدالقادر خان جو وڏو پٽ راشد علي سيٺار اليڪشن کٽي ٿيو بعد ۾ وري عبدالقادر خان سيٺار پاڻ ناظم ٿيو جنهن بعد عبوري ناظم انجنيئر امر لعل تلريجا ٿيو.

ٽائون چڪ ماضي ۾ سکرضلعي جي شاهوڪار ٽائون ڪاميٽي هيو هن جي ايتري ته سٺي بجيٽ هوندي هئي جو هن پنوعاقل ٽائون ڪاميٽي قرض ڏنو جيئن اها پنهنجو وهنوار هلائي سگهي (جيڪو پنو عاقل ٽائون ڪاميٽي اڃا تائين واپس ناهي ڪيو) بحرحال چڪ شهر سياسي طور جمهوريت پسند ۽ بيدار ماڻهن جو شهر رهيو آهي.1946 جي اليڪشن ۾ چڪ شهر مان ڪانگريس پارٽي کي 66 سيڪڙو ووٽ پيا باقي پارٽين کي 44 سيڪڙو ووٽ مليا.چڪ ورهاڱي کانپوءِ مسلم ليگ ، پ پ پ، سنڌ آزاد مارو،ئڙا ۽ قوم پرست پارٽين جو ڳڙهه رهيو آهي .هتي سياسي سجاڳي جام هئڻ ڪري ضياءَ دور ۾ شڪارپور ضلعو ٻڻيو ته سياسي پنڊتن چڪ کي سکر کان ڪٽي لکي غلام شاهه تعلقي ۾ ملائي ڇڏيو جڏهن ته ان وقت لکي شهر جي آبادي چڪ کان بلڪل گهٽ هئي. چڪ ضياءَ دور ۾ ئي جيئي سنڌ موومينٽ جو ڳڙهه ٻڻيو ۽ ڪيترين قومپرست پارٽيون وجود ۾ آيون .هتان جي سياسي اڳواڻن تي ڪيترائي ڪيس ٿيا .پوليس جا ڇاپا لڳاءِ گرفتاريون ٿيون .سماجي طور چڪ ۾ انجمن فلاح بهبود، چڪ سوشل ويلفيئر ايسو سيئيشن ، چڪ سڌار سنگت ، ۽ چڪ شهري اتحاد پاڻ ملهايو.ادبي طور العزيز ادبي انجمن ، چڪ ادبي سنگت خدمتون سر انجام ڏنيون ۽ سنڌي ادبي سنگت اڃان به خدمتون سر انجام ڏيندي پئي اچي. هن وقت به محترم محمد هارون چنو، غلام علي "منل" چنو رشيد احمد سومرو، نذير سومرو، استاد راهي ، نذير"رمز" سومرو، آزاد بُخاري، حاڪم مهر، حامي مهر، ٻالچند ايسراڻي، محمد حسين مهر،ثناءُالله سومرو، سارنگ منير سومرو، انور سومرو صابر سنڌي ۽ ٻيا

نوجوان ، ادب ۽ شاعري جي مورچي تي ثابت قدمي سان بيٺل آهن ،پر پوءِ بہ آهستي آهستي ايئن لڳي پيو جڻ چڪ شهر جو اهو سياسي ،سماجي ،ادبي سفر سرد ٿيندو پيو وڃي.افسوس جو فيوڊل لارڊز جي مداخلت ، ان جاڳرتا جي سفر کي ماٺو ڪري وڌو آهي جنهن جي ڪري ڪيترائي نظرياتي ڪارڪن نسل پرستيءَ ۽ مذهبي جي سياست جي ورچڙهي ويا.پر پوءِ بہ اسين مايوس نہ ٿيا آهيون چڪ جي نوجوانن جدوجهد جي جهنڊي کي پنهنجي هٿن مان اجا ڪيرڻ ناهي ڏنو.



# عالم عُشاق ۾ سنتَ



# محمد شاهه مست جيلاني (اول)
## (جنم 1810ع)

سيد محمد شاهه مست ولد گلاب شاهه جيلاني هنباهه چڪ ۾ جنم ورتو. هي ڪامل ولي ۽ بزرگ شخصيت ٿي گذريو آهي. ساڻس پيٽائي گهوٽ جي ان وقت جي گادي نشين شير سائين جي عقيدت ۽ عشق هو. روايت آهي ته شير سائين کي محمد شاهه مست جي دعائن سان محمد جڙيل شاهه پٽ ڄائو هو. پيٽائيءَ سان سندس اهڙي انسيت هئي جو سندس درگاهه کي پوريٽ جو نالو مليل آهي. محمد شاهه مست کي هڪ پٽ نالي حبيب شاهه هو.

محمد شاهه مست جو پوٽو مهدي شاهه "گهوٽ" گهوڙا پالڻ جو ۽ گهوڙن جي ريس جو شوق به رکندو هو ۽ هرسال مست جي ميلي جي موقعي تي هنباه جي پتڻ لڳ بچاءَ بند تي گهوڙن جي ريس ٿيندي هئي، جنهن ۾ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان گهوڙن جا شوقين گهوڙي ڊوڙ ۾ پنهنجا پيلا گهوڙا لاهيندا هئا. جنهن کي مهدي شاهه وڏي اوج تي پهچايو.

روايت آهي ته هڪ دفعو ٻوڏ اچڻ جو خطرو وڌي ويو ته هنباه ڳوٺ ۾ ٽاڪوڙو مچي ويو. ماڻهن کي خوف ورائي ويو. محمد شاهه مست باهه جي مچ مان رک کڻي پوري ڳوٺ هنباهه جي چوگرد ڦري آيو ۽ ماڻهن کي چيو ته هاڻي هنباهه کي پاڻي نه ٻوڙيندو توهان سڪون سان ويهو.

سائين محمد شاهه مست جا ڏميا، ديدا، مهر، عطراٽي جتوئي ۽ ميربحر مريد هئا. ٻي روايت آهي ته انگريز پوليس کي ڪنهن ٻڌايو ته محمد شاهه مست جي درگاهه تي پينگ پوڪيل آهي.( جيڪا ڪنڍي عطراٽي پوکي هئي) پوليس اچي محمد شاهه مست کي چيو ته توهان جي درگاهه تي پينگ پوڪيل آهي، جيڪا قانوني ڏوهه آهي. مست ڪلي وراٽيو ته اها پينگ نه پر اِڪڙ گاهه آهي، مال جي ڪاڻ لاءِ پوکيو آهي. عملدارن کي يقين نه آيو ۽ سرزمين تي پهچي ڏٺائون ته واقعي اها پينگ نه پر اِڪڙ گاهه هيو. پوليس عملدارن محمد شاهه مست کان معافي ورتي، مست کين معافي ڏئي روانو ڪري ڇڏيو ۽ ڪنڍي عطراٽيءَ کي چنڊ پٽي پينگ پٽرائي ڇڏي. هن ڪڏهن به درگاهه تي ٻاهرين ۽ اوپري ماڻهوءَ کان ڪم نه ڪرايو. سندس چوڻ هو ته جيڪا شئي الله جي نالي تي اچي ته انکي سندس نالي تي ورهائي ڇڏيو. محمد شاهه مست جي مزار جي ڪتبي تي وفات جو سن 3 جنوري 1810ع لکيل آهي جيڪو راقم جي نظر ۾ جنم جو سالُ آهي چو ته راقم جي ڏاڏي جو ڏاڏو عبدالڪريم شاهه (اول) سائين محمد شاهه مست جو نه صرف همعصر هيو پر ساٿس ميل ملاقات به ڪندو هيو. جنهن جو جنم 1837ع آهي. تنهنڪري سائين محمد شاهه مست جي جنم جي تاريخ 3 جنوري 1810ع ته ٺي سگهي ٿي پر وفات جي تاريخ نٿي ٿي سگهي.

سندس وفات کانپوءِ حبيب شاهه، مهدي شاهه ۽ سيد نادر علي شاهه گادي سر ٿيا. نادر علي شاهه جيلاني(پيو) وڏي اثر رسوخ وارو گادي نشين هو، سندس دوستي سائين جي.ايم سيد ۽ پٽائيءَ جي گادي نشين سان هئي. محمد شاهه مست ۽ مهدي شاهه جون مزارون گڏوگڏ آهن. شاهه لطيف جي گادي نشين سيد محمد جڙيل شاهه جي نگرانيءَ ۾ مزارن مٿان گنبذ جوڙايو ويو جيڪو ابتر حالت ۾ ٿي ويو هو پر هاڻي (نادر شاهه جيلاني ٽين) جي ڪوشش سان مزار اندر ڪم ڪرايو پيو وڃي سائين محمد شاهه مست جو ميلو 11، 12، 13 صفر 1231 هجري تي هر سال ملهايو ويندو آهي.



# مولوي عبدالڪريم شاهه (اول)

## (1837_ 1917)

مولوي عبدالڪريم شاهه عرف يعقوب علي شاهه ولد سيد گل شاهه بخاري سن 1837 ۾ چڪ شهر ۾ پيدا ٿيو. سندس والد بزرگوار الله جو خاص ٻانهو ۽ درويش شخص هو، اکين کان نابين هو. جيڪو هن وقت پراڻي سکر ۾ بچاءَ بند ويجهو دفن ٿيل آهي. (چڪ کان پراڻي سکر لڏي ويو ۽ اتي ئي فوت ٿي ويو) پير توڏل شاهه لڳ ڪيس پير گل شاهه بخاري جي حوالي سان سڃاتو وڃي ٿو.

مولوي عبدالڪريم شاهه جي باري ۾ مولوي عبدالوهاب چاچڙ ايڊيٽر( ماهنامه شريعت سکر سال آڪٽوبر 1981 ) ۾ رقمطراز آهي ته

"مولوي عبدالڪريم شاهه 1285 هه جي لڳ ڀڳ چڪ ۾ پيدا ٿيا، سندس گهڻي تعليم سومراڻي شريف ۾ ٿي ۽ ڪجهه ڪتاب مولانا عبدالغفور همايوني وٽ به پڙهيا. پوءِ دارالعلوم ديوبند ۾ پڙهيا ۽ پوءِ مدينه عاليه هليا ويا، اتي ڪافي وقت پڙهائيندا رهيا. اتان موٽيا ته ڳڙهي تيغي ۾ ۽ غوثپور ۾ پڙهائيندا رهيا، سندس مريدن جو حلقو به اتي گهڻو آهي، پاڻ مولانا همايوني سان دست بيعت هئا. طبيعت خدمت خلق ۾ رچيل هئي. هندو هجي يا مسلمان، مرد هجي توڙي عورت جيڪو به چوندو سائين مولوي صاحب هي ڪم آهي؟ هلو! ته هليا ويندا هئا. پاڻ حڪمت جا به ماهر هئا، بيمارن جي گهر وڃي علاج ڪندا هئا، خدا پاڪ تي پوري توڪل هين. سندس پٽ مولوي غلام رسول شاهه زمين ورتي ته ان تي ناراض

ٿيا تہ توڪي خدا تي ڀروسو ڪونهي. پاڻ راسخ العقيده سني هئا ۽ مسئلن ۾ مولانا همايونيءَ جا هم خيال هئا. 1365 هہ اسي ورهيہ جي عمر ۾ فوت ٿيا.“*

مولوي عبدالوهاب چاچڙ ايڊيٽر ماهنامہ شريعت سکر آڪٽوبر 1981 واري پرچي ۾ مولوي عبدالڪريم شاهہ جي ڄمڻ ۽ وفات ٿيڻ جا سن غلط ڄاڻايا آهن ۽ مولوي صاحب جي والد جو نالو بہ نہ ڏنو آهي. مولانا عبدالڪريم شاهہ پاڻ پنهنجو نالو پنهنجي وڏي پوٽي تي رکيو هو. ڇو جو پاڻ بيمار هئا ۽ فرمايائون الائي ڪيتري عمر آهي، مان پنهنجو نالو هن ننڍڙي پوٽي تي رکان ٿو.سندس اهو پوٽو عبدالڪريم شاهہ(بيو) پڻ مولوي ٿيو ۽ اڳتي هلي سهڪجي درگاهہ جي پيرشاهہ ۽ علي شاهہ وارن جو طالب ٿيو ۽ انالحق جو نعرو هڻي پاڻ کي الله چوايائين. روهڙي جو ڪلاسيڪل راڳي جمن پٽ سندس مڪتب جو شاگرد هو. هي راقم (آزاد بُخاري) جو ڏاڏو هيو سندس وفات کان پوءِ راقم تي عبدالڪريم شاهہ (ٽيون) نالو رکيو ويو.

مولوي عبدالڪريم شاهہ (اول) چڪ جو پهريون عالم دين هو ۽ جامع مسجد چڪ جو پهريون پيش امام ۽ چڪ جو پهريون ليکڪ پڻ هو.

مولوي صاحب حڪمت جو وڏو ماهر هو. حڪمت تي هڪڙو ڪتاب بہ لکيائين، جنهن جو قلمي نسخو سندس پوٽي حسن شاهہ وٽ موجود آهي. فارسيءَ جو تمام گهڻو ڄاڻو هو. پاڻ فارسيءَ ۾ صرف ۽ نحو لکيائين انکان علاوه بيان العارفين فارسي مان عربيءَ ۾ ترجمو ڪيو اٿائين جيڪو سندس پوٽي ماستر مرحوم حسين شاهہ جي گهر ۾ موجود آهي. پاڻ مولود چوندو ۽ لکندو هيو. مختلف فارسي گو شاعرن جي شاعري بہ مرتب ڪيائين، جنهن جو قلمي نسخو سندس پونئرن وٽ موجود آهي. سندس بہ پٽ غلام رسول شاهہ ۽ مولوي عبدالعزيز شاهہ بہ سومراڻيءَ جي مدرسي مان پڙهيا ۽ مولانا همايونيءَ جا مريد ٿيا، اهي بہ راسخ العقيده سني هئا ۽ مسئلن ۾ مولانا همايونيءَ جا هم خيال هئا. مولوي غلام رسول شاهہ فارسيءَ جو گرامر صرف ۽ نحو ۽ قرآن شريف هٿ سان لکيو جيڪو قلمي صورت ۾ سندس گهر ۾ محفوظ آهي. جڏهن تہ مولوي عبدالعزيز شاهہ هڪ سنو

*چاچڙ مولوي عبدالوهاب (ماهنامہ شريعت سکر آڪٽوبر 1981ع

صوفي شاعر هو. جنهن جي شاعري سندس پوين وٽ محفوظ آهي. مولوي غلام رسول شاهہ 1933 ۾ وفات ڪئي، پٺيان ٽي پٽ مولوي عبدالڪريم شاهہ (پيو)، حسين شاهہ ، حسن شاهہ ۽ هڪ نياڻي ڇڏي ويو.

مولوي عبدالعزيز شاهہ 1955 ۾ فوت ٿيو. ڪيس ہ پٽ هئا سڪندر علي شاهہ ۽ انور علي شاهہ"روشن" ( سڪندر علي شاهہ سندس هوندي فوت ٿي ويو) جڏهن تہ انور علي شاهہ ڇڪ جو بهترين ڪلاسڪ گلوڪار ۽ شاعر هو.

سيدگل شاهہ بخاري

!

عبدالڪريم شاهہ عرف يعقوب علي شاهہ

! ________________ !

غلام رسول شاهہ عبدالعزيز شاهہ

! ______________________________ !

1 عبدالڪريم شاه ، 2حسين شاه 3 حسن شاه 1 سڪندر شاه 2 انورعلي شاه





(بيان العارفين عربي جو عڪس ۽ مولوي عبدالڪريم شاهہ جا هٿ اکر)



# سوامي گنگارام

(1860_1949)

سوامي گنگارام پٽ شري ڀاونداس پنهنجي آبائي ڳوٺ چڪ شهر ۾ 22 جون 1860ع ۾ جنم ورتو. سندس ماتا جو نالو اڳڻ ٻائي هو، جيڪا به ڀائر شري بيڪچند ۽ شري سهجراءِ هئا، جيڪي زميندار ۽ وڻج واپار جي ڌنڌي سان منسلڪ هئا، ڪين هڪ دڪان به هو جنهن تي سوامي گنگارام کي ننڍپڻ ۾ ئي ويهاريو ويو.

ننڍي هوندي ئي هن جو لاڙو سنتن ۽ سادن ڏانهن هوندو هو جنهن ڪري ڌنڌي تي ايترو ڌيان نه ڏنائين. هي سادگي، سچائي، حليمائي، ڀڳتي، گيان ۽ اڪيچار گڻن جو مجسمو هو. عمر ۾ جيئن جيئن وڌو ٿيندو ويو نام جي راهه ۾ تيئن تيئن وڌيڪ وڌيو. ڪيس سدائين پرڀوءَ جي تات ۽ تنوار هوندي هئي.

سوامي گنگارام والدين جي گهڻي زور ڀرڻ تي شادي ڪئي، نه ته سندس شادي ڪرڻ جو ڪو به خيال نه هو. هن صاحب انهن رسمي ٻنڌڻن کان آجو رهڻ پئي چاهيو چڪ پرسان صرفو ڳوٺ مان هن جي شادي ڪرائي وئي، سندس گهر ڌياڻي(استري) جو نالو ڌرمي ٻائي هو. کيس ٽي پٽ ڄايا.

هڪ دفعي ٻهاولپور جو سنت چاندومل جو چڪ ۾ اچڻ ٿيو ان سان ملي ڪانئس اپديش وٺي سندس شش ٿيو. گروءَ جي سيوا ۽ سنگ ۾ ڪيس رام جو رنگ

لڳو. سندس اندرين اک کلي پئي، دنوي ڏنڏا داڙي ڇڏي تارڪ الدنيا ٿي ويو ۽ شرڌا ۾ لڳن سان گروءَ جي شيوا ڪندو رهيو.

ڪيس پائرن گھڻو ئي سمجھايو تہ سنسار کان ايڏو ڪنارو ڇڱو ڪونهي، پر هن انهن جي هڪ بہ نہ ٻڌي. ٻڙَ جي مڪان ڏي اصغر واهہ جي پر سان (هن وقت سيٺارن جي پاڙي ۾)هن سچکنڊ دربار قائم ڪئي. ۽ انهيءَ دربار ۾ پريمن کي نام جو امرت رس پياريو. هن مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ وڃي نام جو پرچار ڪيو. دکين دلين کي روحاني راحت ڏني. شرڌا وچان پريمي کيس سوامي گنگا رام ڪري سڏڻ لڳا ۽ سوامي جو اعزاز ۽ لقب عطا ڪيو.

ڊاڪٽر ديال آشا پنهنجي ڪتاب"سنڌ جا سنت"۾ لکي ٿو تہ "سوامي گنگا رام سچا ساڌڪ هئا. ساڌڪ مان سنت ٿيا. ڀڳتي ساڌنا جي پت جو پنڌ ڪندي جيڪي ويچار هن جي من ۾ پيدا ٿيا، تن کي هن صاحب سلوڪن ۽ پڇنن جو روپ ۾ پيش ڪيو آهي".*

سوامي گنگا رام لاءِ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي پنهنجي ڪتاب تذڪره شعراءِ سکر ۾ لکي ٿو تہ " چڱو شاعر هو. ڪيترو ئي شعر چيو اٿس. جو سلوڪن ، پڇنن، سہ حرفين، 35 اکري، ڪافين، هفتي جي ڏينهن ۽ مهينن جي سلسلي وارن بيتن تي مشتمل آهي. سندس سکيا جو مطلب آهي تہ پنهنجي دشمنن، يعني ڪام ڪروڌ، لوڀ، موهہ، اهنڪار کي ميٽي من کي صاف ڪري، نامي روپي امرت جو پيالو پيئڻ گهرجي، سندس ڪلام مضمون توڙي لفظن جي سلوڻائيءَ سوڌائيءَ جي ڪري نظم جو چڱو نمونو پيش ڪري ٿو".**

"ڪوي سوامي گنگارام تمام بلند پايي جو شاعر هو. کيس لفظن جي ودڪت ۽ لفظن جي جتاءَ جي پلي پت پروڙ هئي. کيس شاعريءَ جي فن ۾ تمام سٺي مهارت حاصل هئي، سندس واٽي، غزل، ڪافيون، ڏوهيڙا، شبد، سلوڪ مشهور ٿيا. سندس شاعري صوفيانہ رنگ ۾ رنگيل آهي. تنهنڪري هن کي سنت سوامي

* ديال ،آشا ڊاڪٽر"سنڌ جا سنت"

** ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر "تذڪره شعراءِ سکر"

ڪوي ڪري سڏيندا هئا. سندس شاعريءَ تي سامي صاحب جو اثر نمايان نظر اچي ٿو."**

سوامي صاحب جا پويان لڏي وچي هندستان ويا، تنهنڪري سندس شاعري هتي گهٽ ملي ٿي ، پر سندس نالي تي هڪ ننڍو مندر چڪ شهر ۾ رٽائرڊ ماستر ڪوڙي مل جي گهر ۾ اڃا بہ آهي ۽ سندس جواني جي هڪ تصوير بہ محفوظ آهي، چڪ جي سندس ششن ۾ ڪوي تيجو مل، پائي شون رام مست نڙائي، ڪشنچند نيوند رام، پهلاج راءِ وغيرہ هيا. انديا ۾ چتريج موٽومل پرياٽي 1990 ۾ "امرت واٽي" نالي هڪ ڪتاب، ليڪ ڪشنچند نيوندرام پرياٽي جو ڇپرايو جنهن ۾ سوامي گنگارام جي شاعري پڻ ڏنل آهي جيڪا راڳن جي سرن سر پرياتي، ڪوهياري ،آسا، سورٺ، سارنگ، حسيني، جوڳ، ڏناسري وغيرہ تي مشتمل آهي.

سوامي گنگارام جي ڪجھ شاعري هيٺ نموني طور ڏجي ٿي.

**گروءَ ڪي آراڌنا**

چڏي سڀ ڌنڌو، لڳس تنهنجي ڌيان ۾،
ڪرپا ڪري قلوب مان، ڪڍ سنسي جو سنڌو،
غفلت جي غار ۾، متان ڪري ٿيان گندو،
آهيان اصل انڌو، گنگارام ساوڌان ڪرتون سيگھہ ۾.**

**سورٺو**

سائي وڏي ذات، جيڪو پڇن ڪري،
ذات تي ناهي ڏات، گنگارام اهو غور ڪر.***

**دوهو**

---

*سومرو، شريف شاد " تعلقہ لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو" 1987ع (قلمي)

**ديال، آشا ڊاڪٽر "سنڌ جا سنت"

*** ساڳيو

گنگارام دل صاف ڪر، صافين صاف ملندا،
ڪم نہ آون چترائيا، پرمين ڪيون پوندا

**بيت**

اٿي جاڳ مسافر جيئڙا، ڪاڏي ويو پٺهي ماٺهي،
ڏسي ٻن اکين سان، تون سمهنديں پٽ تاٽي.

اٿي جاڳ مسافر جيئڙا، سمر سمر سڪ پاءِ،
گيان وٺي گرديو ڪان، انتر جهاتي پاءِ.

سواسن روپي سمرٽي ٿاهي، شبد ۾ سرت ملاءِ،
سهجي سهج سپاءِ، گنگارام ملين مالڪ سان.

چڪي بيحد بوند، عاشق اڏاٽا عرش ۾،
لاغرض لڳا لڪ ۾، مني سپ فرمود.
دريا ٽپي سمونڊ، گنگارام پار پيا. **

**شبد**

بنا ملي محبوب جي، روئڻ زارون زار
سسئي کي سڪ پنهل جي، ڏاڍي برهہ ڪئي بيزار

زليخان يوسف لئي، ڇوڙ ديو گهر ٻار
عاشق مجنون ليلان، سر جي نانھ سنڀار

سهٽي گهري سير ۾، لڳس ميهر جي تنوار
هيرمئي رانجهوءَ لئي، مائٽن جي نہ ميار

** ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر "تذڪره شعراءِ سکر"

نوبت وڳي نينهن جي ،اچي عاشق پاڻ اجار
بلوچوي برهہ آهي اٽانگو پل پل پري پچار***

سوامي گنگا رام 40 سال پرچار ڪرڻ بعد 7 مئي1949ع تي هڪ ڏينهن اچانڪ پنهنجي شش شري ڪشنچند کي گهرائي چيائون تہ پيارا اج اسان هن دنيا مان هلڻ وارا آهيون. ڪو بہ نہ ڳوڙها ڳاڙي، ايئن چئي سکر هليا ويا ۽ غيب ۾ غائب ٿي ويا. ڪن جو چوڻ آهي تہ سنڌو درياهہ کي پاڻ ڏيئي ڇڏيائون، ڪن جو چوڻ آهي تہ برمنهن ڪيائون. جڏهن تہ سندس عمر 89 ورهہ هئي

***پرياڻي، ڪشنچند نيوند رام" امرت واڻي" 1990ع



# داتا فيض درياھ شاھ

**(1863_1907)**

سيد فيض محمد شاھ عرف فيض درياھ شاھ ولد سيد پير شاھ جيلاني چڪ لڳ ڳوٺ هنباه (انباه) ۾ جنم ورتو. هي ڳوٺ تعلقي لکي، ضلعي شڪارپور ۾ آهي جيڪو هاڻي چڪ شهر جو حصو ٿي ويو آهي. سندس ولادت 1280 ھ مطابق 1863ع ۾ ٿي ۽ 11 شوال 1325ھ مطابق 18 نومبر 1907ع بروز سومر وفات ڪيائين. سندس والد بزرگوار نوشهري فيروز جي نقشبندي بزرگ شاھ نصير جو طالب هو. پاڻ بہ ان درگاھ تان فيض پرايائين. ظاهري تعليم سيد ڏنل شاھ کان حاصل ڪيائين جو پڻ نوشهري جي نقشبندي درگاھ جو طالب هو. استاد وٽ سنڌيءَ کانسواءِ فارسي بہ پڙهيو فارسي ۾ شعر بہ چيو اٿس.

پاڻ علم باطنيءَ ۾ مشغول رهيا اڪثر محويت ۽ استغراق جي حالت ۾ رهڻ لڳا. ڪيتري عرصي کان بعد مجذوبيءَ جي حالت مان سالڪائيءَ ڏانهن وريا. ڪيترن ئي ماڻهن کي روحاني فيض سان مستفيض ڪيائون. ڪيترائي هندو توڙي مسلمان سندس مريد هئا. سندس خاص طالبن مان ميرل فقير، رکيل فقير، لونگ فقير، شيرل فقيرۃ ۽ ٻين جا نالا قابل ذڪر آهن.

پنهنجي شعر ۾ "ميرل" تخلص ڏنو اٿن، در حقيقت ميرل سندن خاص طالب هو ۽ محبت جو مرڪز بہ هو. مرشد طالب کي اظهار ڪيو آهي ۽ طالب ۾ سمائجي ويو آهي. "داتا فيض درياهہ جو ڪلام سچل ۽ بيدل جي تتبع ۾ رندي ۽ سرمستيءَ جو ترجمان آهي. هي پنهنجي سموري شاعريءَ ۾ انالحق ۽ همہ اوست جي ساک ڀري ٿو. سندس ڪلام ۾ صوفياڻو رنگ ۽ رندي رمز سمايل آهي. هو پنهنجو پاڻ سڃاڻي کلم کلا انالحق جو آواز بلند ڪري ٿو. هڪ ڪافيءَ ۾ اهو مضمون هن طرح آندو اٿس.

انالحق جو نعرو، عاشق هڻ همت سان،
موتو قبل ا لانت موتوا، مٿي تري اوپارو،
لااله الاالله ڪري، ڪر وجودان ويسارو،

من خدايم من خدايم، عاشق ڪري اشارو،
سبحاني ما اعظم شاني، بحر وٺي بقا وارو،
ماڳ مئخاني ۾ ميرل سائين، اڏي ويهہ نيٺين اوتارو.*

"هيٺين ڪافيءَ ۾ انالحق جو نعرو هن طرح بيان ڪيو اٿس.

انالحق جو ماريان نعرو،
اڳي ڪيان ٿو پڙلاءُ
هن دن رين ڪئون،
رمان ٿو وري راهہ ازلي،
اڳي ڪيان ٿو لقاءُ،
قرب قونين ڪئون.*

---

* شاه، فيض درياهہ " بياض فيض درياءُ شاهہ" (قلمي)

* ميمڻ ،عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر " تذڪره شعراءِ سنڌ"

”زبان جي لحاظ کان ڏسبو تہ سندس ڪلام ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي صوفيانہ اصطلاحن سان گڏ ويدانت جي هندي اصطلاحن جو حسين امتزاج نظر ايندو. هندي لفظن ۽ اصطلاحن کان سواءِ سنڌي شعر ۾ سرائڪي لفظ ۽ ترڪيبون استعمال ڪيون اٿس. سندس ڪافيون رس رچاءُ ۽ روانيءَ کان خالي نہ آهن. آخر ۾ سندس هڪ ڪافي ڏجي ٿي جيڪا گهڻي مشهور آهي، ڇاڪاڻ جو منجهس رس ۽ رچاءُ گهڻو آهي، منجهس رنگيني ۽ رواني آهي ۽ تجنيس حرفيءَ جو سهڻو استعمال بہ ٿيل آهي. ٽيڪنڪ جي خيال کان وائيءَ جي فن موجب آهي“*

لنو لنو ۾ لوري لائي ويا،
جانب جوت جاڳائي ويا،

ونحن اقرب ويجهڙو،
برهين بات بتائي ويا،

مرليون سرليون ناد نفيلا،
ويراڳي تہ وڄائي ويا،

پاڻ پيهي ويا پورب ۾،
لاحد خيال لڏائي ويا،

فيض شاھ سائين فيض رسايو،
ناچو نينهن نچائي ويا،

”ميرل“ مون ماريچن،
گهورن سان دل گهائي ويا.**

---

* سومرو، شريف شاد”تعلقي لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو“1987ع(قلمي)

** ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر ”تذڪره شعراءِ سکر“

”فيض درياهہ شاهہ پنهنجي وقت جي مختلف عالمن فقيرن سان ملاقاتون ڪيون، مختلف درگاهن تي بہ ويو جتي هن فيض پرائڻ جي ڪوشش ڪئي. جن سان هن رهاڻيون ڪيون، تن ۾ فقير خوش خير محمد هيسباڻي (1809 کان 1877ع) ۽ فقير موهن آهوجا (1845 کان 1865ع) نالا قابل ذڪر آهن.هن پنهنجي وڏي ياءُ وٽان قرآن پاڪ ناظره پورو ڪيو. سيد صاحب جو ڪلام ججهو آهي، جيڪو سچل سرمست درازي ۽ بيدل روهڙائيءَ جي تتبع تي رندي ۽ سرمستيءَ جي ڀرپور ترجماني ڪري ٿو. جيڪو ”همہ اوست“ ۽ ” اناالحق “ جي ساک ڀري ٿو. سخن جي سلسلي ۾ سندس ڪافيون ، جهولڻا، بيت ۽ مولود ملن ٿا. جيڪي سنڌي زبان ڪانسواءِ فارسيءَ ۽ سرائيڪيءَ ۾پڻ قلمبند ٿيل آهن.” زليخان سر“ ۾ 73 مصرعن تي مشتمل طويل فراق نامو بہ آهي، جيڪو حالانڪ عروضي اعتبار کان پورو نہ آهي، تاهم ٻوليءَ جي لحاظ کان نهايت ئي سپت ۽ سوادي معلوم ٿئي ٿو...................سيد صاحب سچ پچ فيض جو درياه هو. سندس هندو خواه مسلمان طالبن ۽ عقيدتمندن جو ڳاڻيٽو بہ ججهو آهي.“*

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب پنهنجي تصنيف ڪيل ڪتاب تذڪره شعراءِ سکر ۾ فيض درياه جي ولادت جو سال 1280هہ ڄاڻايو آهي، مگر عيسوي سن وغيره ڪون ڏنو آهي ۽ پروفيسر ميمڻ عبدالغفورسنڌي صاحب پنهنجي ڪتاب ”عظيم سنڌي انسان“ ۾ 1279هہ ولادت جو سال ڄاڻايو آهي. انهن ٻنهي مصنفن جي لکڻين ۾ هڪ سال جو تضاد نظر اچي ٿو، پر ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ جي ڏنل سن کي صحيح سمجهي ٿو. استاد ارباب علي مخمور جي ترتيب ڏنل داتا فيض درياه جي بياض سان ڀيٽ ڪجي ٿي جيڪو قربان علي خاصخيليءَ جو درست ٿيل هو.تہ ان بياض مطابق 1280هہ ولادت جو سن ڄاڻايل آهي، جيڪو صحيح سمجهڻ گهرجي. هتي هڪ ڪافي ڏجي ٿي جيڪا وائيءَ جي ٽيڪنڪ تي آهي.

متـــي اڏاڻـــــــو بــــــاز،
ڪپي ڪپي مرادان ڪلئي،

---

*ميمڻ،عبدالغفورسنڌي پروفيسر”عظيم سنڌي انسان “ 198ع ڇاپو پهريون ص،66_165

اچـــي اندر مئـــون پيدا ٿيو
انـــــالحق جـــــو آواز

ثـــابت نينهن نفـــي ڪيو
ســـڙيو هئـــڻ جو ســـاز

بيخـــود جـــي بحـــر ۾
شـــوق ٿيـــــو شهبـــاز

”ميـــرل“ هـــن مسڪين تي،
ٿيـــــو الاهـــــــي راز*

هتي هڪ سر شام ڪلياڻ مان ڪافي ڏجي ٿي، جيڪا پڻ وائيءَ جي ٽيڪنڪ تي ٻڌل آهي.

عاشق پنهنجي خيال کي،
مٿي عرش اماڻيون اماڻ

فاذ ڪروني اذڪر ڪم،
روح وحدت ۾ ورڻيون واڻ

موتوءَ واريءَ موج ۾،
همت ڪر ڪا هاڻ

هوالحق انالحق چئي ڪري،
ره اصل جي اهڃاڻ

* بلوچ،نبي بخش خان ڊاڪٽر” قافيون جلد ٻيو“ سنڌي لوڪ ادب سلسلي جو نبر ڪتاب

انااللہ يا مرڪم چئي،
پاڻ نہ آڏو آڻ،

روايت ربي بعين ربي،
ڪانهي توکي ڪاڻ،

اذاتم الفقر هو اللہ،
وٽ تسبيح صفائي ڪاڻ،

هو الا ولون ڪما هو في الازل،
ريجهي ڪر تون رهاڻ،

يهداللہ بنوره من يشاءُ،
وجي موج الاهي ماڻ،

سر سري آن ساڳيو ئي،
"ميرل" طرف ميخاني تاڻ.*

**نوٽ: داتا جو رسالو سنڌي ادبي بورڊ، شاهہ عبداللطيف لائبريري چڪ ۾ مهدي شاه فياضي وٽ قلمي رسالي طور محفوظ آهي.جڏهن تہ صوفي عبدالغني اياز پنهنجي سندس بياض"قلندري خِطاب" ڇپرائي پڌرو ڪيو.**

---

*خاصخيلي، صوفي قربان علي "صوفي ساجاهہ" ڇاپو پهريون ص 149



# سيد عبدالعزيز شاهه
## (1883ع_1953ع)

سيد عبدالعزيز شاهه ولد عبدالڪريم شاهه (اول) ولد سيد گل شاهه بخاري چڪ جي اهلبيت جي گهر ۾ جنم ورتو. سندس ڏاڏي جا وڏڙا ڳوٺ دڙي ۾ بعد ۾ پراڻي سڪرمان لڏي اچي چڪ ۾ آباد ٿيا. مولوي عبدالعزيز شاهه مولوي عبدالڪريم شاهه (اول)جو ٻيون نمبر فرزند هو ۽ سندس جنم مديني منور ۾ 1883ع ڌاري ٿيو. جڏهن هي ٻارنهن ورهين جو ٿيو ته سندس والد چڪ ۾ موٽي آيو. مولوي صاحب جو والد بمبئي جي دارالعلوم ديوبند ۾ به معلم ٿيو۽ اتان مديني منور ويو. جتي به حج ڪيائين ۽ هڪڙي مديني جي رهاڪو جي ڌيءَ سان ٻي شادي به ڪيائين. جنهن مان هڪ نياڻي جي اولاد ٿيس. مولوي عبدالعزيز شاهه سندس پهرين گهر واري مان هو. مولوي عبدالعزيز شاهه پنهنجي والد جي رحلت کانپوءِ پنهنجي ڀاءُ سيد غلام رسول شاهه جي نگرانيءَ ۾ مدرسه سومراڻي شريف ڪنزالعلوم ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم ورتي، اتي معلم به رهيو. ۽ٽيهن سالن جي عمر ۾ اتان نڪتو۽ بنگل ديري ضلعي لاڙڪاڻي جي مدرسي ۾ تعليم مڪمل ڪري دستاربند ڪيائين.

اتان واپس وري پنهنجي شهر چڪ جي جامع مسجد ۾ مدرسو کوليائين ۽ مسجد جو پيش امام پڻ ٿي رهيو. ائن ورهين جي درس و تدريس کانپوءِ مدرسو ڇڏي پنهنجي گهر ۾ گوشہ نشين ٿيو.

پاڻ علم ابجد جو ڄاڻو هو جنهن جي سکڻ لاءِ پري پري جا ماڻهو ڪهي ايندا هئس. ڪيس خيرپور جي هڪ ٽالپرسندس علميت جي مڃتا طور زمين پڻ ڏني.

انڪان علاوه سيد عبدالعزيز شاهہ هڪ وحدانيتي ۽ صوفي شاعر بہ هو سندس تصنيفات مان شاعريءَ جو بياض پڻ مليو آهي. باقي تصنيفن جي پروڙ نٿي پوي تہ ڪيڏانهن ويون. چاڪاڻ تہ سندس پوٽن ڪي ايتري سرت ئي نہ هئي جو سندس قلمي نسخا سنڀالي رکن.

”سندس لکڻيءَ ۾ زبردستي رواني هئي، پر افسوس جو سندس شاعري کان علاوه ٻي ڪا بہ ڪاوش اسان تائين پهچي نہ سگهي آهي. سندس شاعريءَ ۾ ڪافيون، ڏوهيڙا، نعتون، مولود، غزل، مثنوي ۽ مناقبا ڇپيل آهن. سندس هڪ ڪتاب جو نالو مليو آهي، اهو آهي “علم ابجد جا اصول”. جنهن ۾ علم ابجد تي روشني وڌل هئي. جيڪو بہ گم آهي. پوين وٽ بہ سواءِ شاعري واري بياض جي ٻيو ڪجهہ بہ موجود نہ آهي، باقي سندس خط ۽ ٻيون تحريرون هيون ۽ خطن جا جواب لکيل هئا، جيڪي ان وقت جي علمائن ڏانهن لکيل هئا. اهي سڀئي پوين تيلي ڏيئي ساڙي ڇڏيا. ڪيڏي نہ ستم ظريفي ڇئبي جو سندس نچوبل نور مان اڄ ڪو بہ مستفيض ٿي نٿو سگهي.“*

مولوي صاحب جي شاعري ٽن زبانن سنڌي، سرائيڪي ۽ فارسيءَ ۾ ملي آهي. شروع شروع ۾ هن مولود لکيا، پر پوءِ جلد ئي سندس خيالن ۾ بنيادي تبديلي آئي ۽ شاعريءَ تان مذهبي فرقي پرستي جو رنگ ڪچندو ويو ۽ صوفيت وارو رنگ چڙهندو ويو.

مولوي صاحب 1372هہ مطابق 1953ع ۾ وفات ڪري ويو. پنهنجي پويان هڪ پٽ ڇڏي ويو. سندس مزار چڪ شهر ۾ سندس ذاتي پلاٽ ۾ آهي

---

* سومرو، شريف شاد” تعلقي لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو1987ع(قلمي)

جنهن جي پرسان بعد ۾ جانورن جي اسپتال ناهي وئي. ڪيس ٻہ پٽ هئا. پهريون پٽ سيد سڪندر علي شاهہ سندس هوندي ئي گذاري ويو ٻئي پٽ جو نالو انور علي شاهہ هو جيڪو پنهنجي وقت جو بهترين ڪلاسيڪل گلوڪار ۽ شاعر هو. ڪيس تمام وسيع مطالعو هو. شاعريءَ جا وِڏ ڪٽ، اصولن، پابندين ڪان پوري طرح واقف هو. سندس شاعري وقت جي سٺن شاعرن جي صف ۾ ليکي وڃي ٿي. 07 جولاءِ 1975ع ۾ سندس نالي پنيان چِڪ شهر جي نوجوانن العزيز ادبي انجمن قائم ڪئي هئي، جيڪا اڳتي هلي بند ٿي وئي ۽ چڪ ادبي سنگت ۾ ضم ٿي وئي.

مولوي عبدالعزيز شاهہ همايوني واري بزرگ مولانا عبدالغفور همايوني صاحب جو طالب هو ۽ ان جي ئي خيالن جو پيروڪار هو. سندس همعصر ۽ صحبتي شاعرن ۾ سوامي گنگارام، داتا فيض درياهہ، داتا ولايت شاهہ ۽ ڪامريڊ ابو شوڪت حمزو وغيره اچي وڃن ٿا. هيٺ سندس سنڌي، سرائيڪي ۽ فارسي شاعري نموني طور ڏجي ٿي.

گهونگهٽ مار مصلي ٻهندي
وچ مسجد ملان قاضي،

علم ابليسي شر شيطاني،
ظاهر نيڪ نمازي،

انا مرون الناس بالبر وتنسون انفسڪم
يارو ويڪو طلسم بازي،

نئوماني نمرود، وهابي رکندي
نال نبي دي ناسازي،

نال علي دي ٻچڙي
انهان ڪيتي دست درازي

مردود ايهو مرواني ٽولو
گمهراه سڏاون غازي

"عبدالعزيز" انهان نون ڇوڙين تي
منهن موڙين رب هو سئي هردم راضي.*

**بيت**

آتڻ جن اجاريو، سگهڙان سي سڄڻ،
ميڙي مير محمد جي، منڊان سي مرڪن،
جنت ۾ جرڪن، ائث تنين جا اجرا.

ڪوڙين ڪتين نہ پاءُ، تون سير ٻڌائين سڀ ڪي،
اٺئين نہ اسر ويل جو، توکي سمهڻ ڏنو ساءُ،
سپني سرتين ڪان اڳي، اٺي آتڻ تون آءُ،
متان وٺي وڃي واءُ، انهيءَ آرس عبدالعزيز چئي.

ويني چرخو چور، تون ابرو عجيبن جو،
سنهو ٽلهو سفرو، سڳڙو ويني سور،
متان چنين ڏور، تہ توکي آتڻ اچڻ نہ ڏي.*

*

ڪيئن باب ب ت جو پڙهن جيڪي محدث عشق جا،
هوحق پڙهيل آهن اصل هي ٿو پڙهيل رنج رشڪ جا.

---

*سيد عبدالعزيز شاهہ "بياض عبدالعزيزشاهہ (قلمي)

*دائود پوٽو، خديجہ عمر "ماهوار اديون حيدرآباد"

توحيد جي تختي پڙهي، جن الف کي اثبات ڪيو
سي وري ڪاڏنهن سکيا، ڦيريون، ڦڏا،ڦند فشق جا.

عارفن ۽ آخوندن جي وچ، وڏو آهي فرق،
توڙي گلابي گل چون، ڪاڏي مراتب مشڪ جا.

ساقي هٿان ساغر پيتو جنهن، اهل دل ”عبدالعزيز“،
سي وري ڪاڏهن پين ڪامل پيالا ڪشڪ جا.*

**غزل (فارسي)**

هزار داستان بگويدز داستان شما،
هزار حلقہ بگو شئہ بر آستان شما

مليڪ ملڪ گدايان شهنشاهہ دهر،
عميم نعمت پرورده خاندان شما.

لئولاڪ لما تاج بفرڪي توچہ زيبا،
باد احزاب خوار زار حاسدان شما.

شادمان گشت ولي مان ازغم شد آزاد،
سلام داد چو ديروز قاصدان شما.

”عبدالعزيز“ عاشق ناچيز ناتوانا،
صدها بلال چون اويس عاشقان شما.**

* خاصخيلي، صوفي قربان علي ”صوفي ساڃاهہ“ 1983ع، ص 170
** سيد، عبدالعزيزشاهہ ” بياض عبدالعزيز“ (قلمي)



# سوامي شانتي پرڪاش

(1907ع_1992ع)

سنت سوامي شانتي پرڪاش مهراج پٽ شري آسودي مل پهوجا سن 1907ع ڏاري چڪ ضلعو (سکر) شڪارپور ۾ جنميو. سوامي صاحب اسڪولي تعليم صرف ٽي درجا حاصل ڪئي، ٻارهن سالن جي عمر ۾ ڪيس وڏي ماتا نڪتي جنهن جي ڪري سندس اکين جي روشني غائب ٿي وئي، ڪيس سندس پتا سنت هرچورام وٽ وٺي ويو تہ جيئن سنت سندس پٽ کي نور بخشي.

” هن هڪ ڏينهن شري آسودي مل کي چيو تہ بابا تنهنجي هن فرزند کي اندرين روشني ملندي، اهو وڏو ٿي تمام وڏو سنت ٿيندو ۽ هزارن کي روشني ڏيندو. هن ٻاهريون اکيون وڃايون آهن تہ تون چنتا نہ ڪر. توکي وهنوار جي خيال کان ٻيو فرزند ٿيندو.“*

سوامي سروانند مهاراج ڪانپوءِ هن سنت کي سوامي ٽينئون رام جي گادي تي ويهاريو ويو. سوامي جن ۾ عجيب پيار ۽ نوڙت هئي، منجهس منقناطيسي ڇڪ هئي، سندس مهمان نوازي ۽ محبت بينظير هئي. 1923ع ۾ رڪ. چڪ ۾

* ديال، آشا ڊاڪٽر ”سنڌ جا سنت“

لاڙڪاڻي طرف ٻوڏون آيون هيون تہ سوامي صاحب ٻوڏين جي سهائتا لاءِ هڪدم ان طرف ويا ۽ ماڻهن جي جاني مالي مدد ڪيائون.

”سوامي شانتي پرڪاش مهراج نہ صرف مهان سنت آهن، پر اوچ ڪوٽيءَ جا اپديشڪ ۽ مهان ڪوي بہ آهن. سوامي جن سنڌي ۽ هندي ٻولي ۾ ڪاويہ رچنا ڪئي آهي. ڀارتي راڳ راڳڻين جي آچار تي سوين ڀڄن لکيا آهن. ڀڄن بهار پستڪ ۾ سندس 312 ڀڄن سنگرهہ ٿيل آهن. انهن ڀڄنن ۾ شانت رس پرڌان آهي، رواني آهي، ماڌريہ آهي، سرل ۽ مٺي ڀاشا جو پريوگ ٿيل آهي.“*

”ڀڄن بهار“ کان علاوهہ ”ڀڄن ڦلواڙي“ ”ڀڄن واٽڪا“ ۽ ”ڀڄن سڌا“ سندس قابل ذڪر پستڪ آهن. سنڌ جا سنت ۽ سنڌي سنت ڪاويہ وويچن ۾ ڊاڪٽر ديال آشا، سوامي صاحب جي باري ۾ تفصيلي ذڪر ڪيو آهي. شاعري ۾ تخلص، پنهنجي مرشد جو نالو ”ٽيئون“ ڏيندو هيو.

هيٺ سندس ڪجهہ شاعري نموني طور ڏجي ٿي.

سڳنڌي جيئن گلن ۾
ميٺاج ٿئي شڪر ۾

آنند ٿئين تہ تو ۾
تن مان تون ٿٿولج.

آنند اٿئي اندر ۾
ٻاهر وجي نہ ڳولهج،

---

*ديال، آشا ڊاڪٽر ”سنڌ جا سنت“

ناحق جهنگن جرن ۾،
پنهنجو پاڻ ڪين رولج.*

**پيڄن**

پلوڪر پلوڪر پلو
سپن جو سدا تون پلو ڪرپلو.

پلي جي ڪرڻ سان پلو ئي ٿئي،
ملڪ پڻ نيڪيءَ جا پري پڪ پيئي.

پلائي اجائي وجي نا ڪيل،
اچي سا نہ ڪم ۾ مصيبت مهل.

ڪئي، چور، شينهن سان پلائي ٿئي،
پشوءَ پي پلائي، پلائي نہ ٿئي.

ڪهي" ٽيئون "جيسين تون جيئرو رهين،
ڪندو رهہ پلائي، پلو جي چاهين.**

سوامي شانتي پرڪاش هزارن جي راهہ روشن ڪري ويو. هي مها ڪرم يوگي سنت هو. پر سماج سڌارڪ بہ هويو. هن ڏيتي ليتي جي مرض، شراب، طلاق ۽ ٻين براين خلاف پنهنجي پريمين کي سمجهايو. هن ٽيئون رام آشرم سنڌو نگر 5 ۾ سنڌي سنت ڪانفرنس، سماج سيوڪ ڪانفرنس، عورتن جي ڪانفرنس ۽

---

* شانتي، پرڪاش سوامي "سنڌي سنت ڪاويہ ووپچن"ڊاڪٽر ديال آشا الهاس نگر1977ع
** شانتي ،پرڪاش سوامي "پيڄن ڦلواڙي" 1982ع الهاس نگر

شاگردن جون ڪانفرنسون ڪرايون ۽ وقت بہ وقت مختلف شهرن ۾ ميڊيڪل ڪئمپس پڻ لڳرايون. سماج سنڌ هند ۽ ٻين ملڪن ۾ سندس هزارين مريد آهن، جن کي اشڪبار اکين سان 15 آگسٽ 1992ع ۾ وفات ڪري ويو. سندس اباڻي جاءِ اڄ بہ چڪ ۾ اصل حالت ۾ آهي، جيڪا چڪ جي حڪيم رامچند جي اسپتال جي ڀر ۾آهي هينئر اهو سيد هدايت شاهہ جو گهر آهي. جتي هرسال سندس مريد اچي پوڄا پاٺ ڪندا آهن.سندس عُمر 85 ورهيہ هُئي.



# داتا ولايت شاهہ

## (1911ع_1982ع)

داتا ولايت شاهہ ولد بگن شاهہ لال (اول) پنهنجي آبائي ڳوٺ هنباهہ لڳ چڪ شهر ۾ 2 جمادالاول 1329هہ مطابق 2مئي 1911ع اڱاري ڏينهن جنم ورتو. هن شروعاتي تعليم پنهنجي والد بزرگوار کان ورتي. داتا ولايت علي شاهہ شڪل صورت جا تمام سهڻا، قدآور ۽ سڌي ۽ سروڪاٽي پيشاني ويڪري ۽ ڀڪندڙ منهن تي هلڪي ماتا جا نشان، منهن جي ڪبي پاسي ڦڙو هئس. مٿي جا وار ڊگها هئس، گيڙو ۽ سائي دستار ٻڌندو هو. پاڻ سموري هند، سنڌ ڪميوءِ سنڌ توڙي هند جي مشهور درگاهن تي وڃي فيض ورتائين. هي هميشہ سفر ۾ رهندو هو انڪري ڪيس داتا سيلاني فقير بہ ڪري سڏيندا هئا.

هن اناالحق جو ڪلمہ ڪلا نعرو هنيو ۽ صوفيت واريون سموريون منزلون طئہ ڪيائين ۽ دور دور تائين سندس عشقيہ آواز پکڙجي ويو سندس شاعريءَ ۾ همہ اوست جو رنگ رچيل آهي. سندس شاعريءَ جو بياض درگاهہ تي موجود آهي، جنهن ۾ موسيقي جي سرن تي ترتيب ڏنل ڪافيون ۽ بيت ڇپيا آهن.

”سندس شاعريءَ ۾ رواني ۽ چاشني آهي، همہ اوست جي پرچار ڪندڙ آواز آهي، تجنيس حرفي نهايت شاندار نمونو ٽيل آهي. هر مصرع ۾ تجنيس

حرفي ڪمال جي درجي تي پهتل آهي. لفظن جو ذخيرو تمام گهڻو آهي، سندس رسالي ۾ ڪيترائي نوان نوان لفظ ۽ اصطلاح سمايل آهن. سندس رسالو 373 صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ 389 ڪافيون ۽ بيت سمايل آهن. فني ۽ فڪري لحاظ کان تمام شاندار ۽ شاهوڪار آهي."*

سندس باري ۾ صوفي فقير قربان علي خاصخيلي ڪتاب انباهہ ۾ آڙاهہ جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ: سائين داتا ولايت علي شاهہ کي موجودهہ سجادهہ نشين داتا شاهہ بگن تولد ٿيا تہ پاڻ فقير ويس پائي ٻاهر روانا ٿيا. پاڻ فرمايائون.

تنهنجي خاطر ڦران دردر،
گداگر ٿي گهمان گهرگهر،

فراق ۾ ڦران ٿو،
ڦيريدار جي نموني،

دردر ڪريان گدائي،
پينار جي نموني.**

داتا جي شاعرءَ ۾ صوفيت جو رنگ نمايا طور نظر اچي ٿو. هيٺ سندس ڪلام نموني طور ڏجي ٿو:

مرشد مونکي مام ڏني،
تہ رهہ اصل جي اهڃاڻ،

* سومرو،شريف شاد "تعلقي لکي جي شاعرن ۽اديبن جو جائزو"1987ع(قلمي)
** خاصخيلي،صوفي قربان علي "انباهہ ۾ آڙاهہ"

ان الله يا مرڪم چئي،
تون پاڻ نہ آڌو آڻ،

”شاهہ ولايت“ عاشق صادق،
تون موج محبت ماڻ،

صوفي سر سجاڻ،
تہ درشن پسين دلبر جو.*

## ٽڪرو ڪافي (پيروي)

تون آن باغ حسن جو گل گل،
اسان واس وٺڻ لئي بُلبل بل

منهن مهتابي رنگ گلابي،
نرگس نين سدا نيم خوابي.
قوس ڪمان منجهان محرابي،
ٽيو حسن تنهنجي جو هُل هُل هُل.

درعدن دندان دلبر،
لب لعلان مثل ٿيا ظاهر،
وار واسينگ جان ڪن ور ور،
اتي ڪل پوندءِ تہ ڪل ڪل ڪل**

## ڪافي (ڪوهياري)

* فياضي، مهدي شاهہ ”انباهہ ۾ آڙاهہ“

** فياضي، مهدي شاهہ ”انباهہ ۾ آڙاهہ“

رکي رمز روحاني رايو،
بن صورت آدم آيا،

الست بربڪم قالو بلا،
قول قديمي قائم قل هو الله،
ساجن سڀ ۾ سمايا.

ونحن اقرب واعدو پاڙي،
جسمڪ جسمي جايون جوڙي،
وستي ويران وسايا.

حالت الآدم صورت اعليٰ،
ويس وصالي وجہ الله،
القاب انساني پايا.

ظاهر ذات ظهورو ذاتي،
عشق انالحق ٿيو اثباتي،
دلبر دير الايا.

شوق شاهانا "شاهہ ولايت"،
عشق اسان وٽ آيو امانت،
رهبر رنگ رچايا.*

---

*فياضي، مهدي شاهہ "انباهہ ۾ آڙاهہ"

داتا پنهنجي زندگيءَ جو آخري وقت پنهنجي ڳوٺ ۾ گذاريو. جتي 20 جمادالاول 1402هه مطابق 17 مارچ 1982ع ۾ اربع ڏينهن71 ورهيه ڄمار پوري ڪري وڃي ابدي آرامي ٿيو. سندس صحبتي ۽ همعصر مولوي عبدالعزيز شاهه، انور علي شاهه بخاري،سردار شاهه لڪياري ۽ ابو شوڪت حمزو هئا.

سندس 100 کن ڪافين ۽ بيتن تي مشتمل هڪ ڪتاب "انباهه ۾ آڙاه"(سنڌي ڪلام) مهدي شاهه فياضي ترتيب ڏيئي 1990ع ۾ ڏڪڻ ضلعي شڪارپور مان ڇپائي پڌرو. ٻيو ڪتاب "ڍولا ماهي آ" (سرائڪي ڪلام )عبدالغني" اياز" ڇپائي پڌرو ڪيو.



# سيد بگن شاهہ جيلاني

(1937_2004ع)

سيد پير محمد شاهہ عرف سيد بگن شاهہ جيلاني پنهنجي آبائي ڳوٺ هنباهہ (چڪ) ۾ داتا ولايت علي شاهہ جي گهر ۾ 1937ع ڌاري جنم ورتو. هن سنڌي ۽ قرآن شريف جي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ ئي پرائي. ننڍپڻ کان تصوف ۽ فقيري رنگ واري ماحول ۾ سندس پرورش ٿي، سندس والد داتا ولايت علي شاهہ کيس ٻارهن سالن جي عمر ۾ طالب بڻائي فيض درياهي درگاهہ جو مالڪ بنائي فيض عام جو اختيار ڏئي سير سفر تي روانا ٿيو.

پاڻ سدائين سادا ڪپڙا پائيندا هئا، گيڙو رنگ ۾ رنڱيل منهن مهتابي هين، منڊيون ڳانا پائي ويهندا هئا تہ سندس فقيرن جي دل ٺري پوندي هئي. سندس وقت ۾ فياضي بنگلو ۽ درگاهہ بہ پيرا جڙي راس ٿيو. کيس بہ نرينہ اولاد آهن. داتا جان محمد شاهہ ۽ ڪامل شاهہ جيلاني . داتا بگن شاهہ جي شاعريءَ ۾ ڪافيون، قصيدا، مداحون، نعتون ۽ ڏوهيڙا وغيره اچي وڃن ٿا. داتا جي شاعري برصغير ۾ موجود فقير اڪثر سنگ جي صورت ۾ ڳائيندا آهن. سندس مشهور ڪافي ” سينو اوهان سان کهڙو ساهيون “ ماريا بلوچ مختلف ٽي.وي چينلن تي ڳائي چڪي آهي.

داتا کان پهريان فياضي درگاهہ تصوف ۾ شاهہ نصير جي فڪر همہ اوست ۽ اناالحق واري سلسلي سان سلهاڙيل هئي، پر داتا بگن شاهہ شيخ

عبدالقادر جيلانيءَ کي محبوب سبحاني چئي ان سان نسبي رشتو جوڙي پاڻ کي قادري سلسلي سان ڳنڍي ڇڏيو.هن سلسلي جا اڪثر پيروڪار نندي کنڊ ۾ بريلوي مسلڪ ڏي لاڙو رکندا آهن.تنهنڪري داتا بگن شاهه جو قادري طريقي سان ڳنڍجڻ سبب درگاهه جو خانقاهي صوفي طريقي ڏانهن لاڙو وڌندو پيو وڃي.

هت داتا بگن شاهه جي شاعري مان ٻه ڪافيون نموني طور ڏجن ٿيون.

**ڪافي**

سينو اوهان سان ،کهڙو ساهيون،
جيئن سمجهو اسان ائين آهيون.

لکين عيب آهن اسان ۾،
لڪ توکان کهڙا لڪايون

سورن سهڻ جي ناهي طاَقت،
تنهنجي آڏو اسان ڇا آهيون.

ڇڏيندس ڪين در تنهنجو،
ڳچيءَ ۾ پاند ٿا پايون.

ڌڪاريندين جي تون مون کي
ته ٻه توڏي ٿا ڪاهيون.

سدائين ساهه توکي ساري
ڳڻ تنهجا وينا ڳايون

پرين پرچي ڪيو پنهنجو
اميدان ڪيئن پلا لاهيون.

”بگن شاهہ“ چئي بي نيازيءَ جون
تنهنجون وات آهن وايون*

**ڪافي**

رخ ڪعبو منور ماهہ آهي، اها صورت عين الله آهي

هيڪڙائيءَ ۾اسان حاضر آهيون،ٻيائيءَ وارن ڪان ٻاهر آهيون،
دم اناالحق اظهار آهيون، صوفي صاف ڏسڻ جي صلاح آهي.

گمراهن ڪان آهي پاسي رب ، محبت ۾ اٿئي سڀ مطلب ،
سمجهہ ويجهو يار ونحن اقرب ،ايئن سائين ساهہ پساهہ آهي.

مذهب سارو مونجهارو ٿي، نڪري تنهن ڪان نيارو ٿي
انهيءَ قيد ڪي ڇڏ اشارو ٿي، سارو سر سبحان الله آهي.

حق موجود سدائين جاٽي ٿو پو ڪنهن تي ڪاوڙ آٽي تو
اها موج الاهي ڇو نہ ماٽين ٿو ڏس ڪيئن بگن بادشاهہ آهي.*

سندس شاعريءَ جو ڪتاب ”عشق ڪيو آباد“ سندس درگاهہ جي طالب فقير استاد عبدالغني ٻتي 2000ع ۾ لاڙڪاڻي مان ڇپرائي پڌرو ڪيو. جڏهن تہ داتا بگن شاهہ وڏي ۽ نندي جو گڏيل ميلو“ داتا فيض درياهہ درگاهہ” تي هر سال مسلسل چار ڏينهن ملهايو ويندو آهي.

* جيلاني، داتا بگن شاهہ” عشق ڪيو آباد“2000ع
* جيلاني، داتا بگن شاهہ” عشق ڪيو آباد“2000ع



# اُستادِ اَديبُ ۽ شاعِرَ



# حاجي محمد سچل سومرو

(1900_1956ع)

استاد محمد سچل سومري ڏاتر ڏني سومري جي گهر ۾ جنم ورتو. ڏاتر ڏنو سومرو ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ ۾ داروغو هو ۽ پنهنجي پٽ کي به هن پڙهايو. محمد سچل سنڌي فائنل پاس ڪئي ۽ چڪ جي چند مسلمانن ۾ هي واحد پڙهيل هو. غالبن چڪ جي مسلمانن ۾ هي پهرين ڪجهه سنڌي استادن مان هڪ هيو. تنهنڪري هن چڪ جي مسلمان نوجوانن کي تعليم ڏانهن راغب ڪيو۽ همٿايو. هي تمام قابل استاد ۽ حسابن جو ماهر هو سندس شاگرد به ڪيئي ناليوارا ٿيا. حاجي محمد سچل سومرو! ابوشوڪت حمزي ۽ وڏيري الهڏني خان سيٺار جو سنو دوست هو شايد اهو ئي سبب هو جو وڏيرو الهڏنو خان سيٺار سياست ۾ شڪارپور جي سومرن جي ويجهو رهيو.

محمد سچل سومري کي علم سان انس ۽ اونو هوندو هو ۽ غريب ٻارن کي مفت پڙهائيندو هو ۽ فلاحي ڪمن لاءِ چندو وغيره پڻ ڏيندو هو. هن کي ٻه پٽ شمس الدين ۽ غلام رسول ٿيا. جن کي پڻ هن اعلي ڊگريون ڏياريون. شمس الدين سومرو ڊائو ميڊيڪل ڪاليج مان ڊاڪٽر ٿيو ۽ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر جي عهدي تائين پهتو ۽ غلام رسول سومرو علي ڳڙه مان قانون جو امتحان پاس ڪري ايڊووڪيٽ ٿيو. هن وڪالت ۽ سياست مان پنهنجو نالو روشن ڪيو. سندس خانبهادر محمد ايوب کهڙي، سائين جي.ايم سيد، شهيد الله بخش سومري، محمود

هارون ۽ يوسف هارون سان بہ سنا واسطا رهيا. محمد سچل جو والد صاحب سچل سائين جو مريد هو تنهنڪري هن پٽ تي بہ سچل جو نالو رکيو. هن جو واسطو ڪڇي جي ابراهيم ڳوٺ سان هو. والد جي وفات ڪانپوءِ محمد سچل پنهنجي امڙ کي وٺي مڪي پاڪ ويو ۽ اتي ڏهہ سال گذاريائين.

استاد محمد سچل سومرو سنڌي، انگريزي، عربي، فارسي ۽ گرمکي ٻوليون ڄاڻندو هو. فن خطاطي جو ماهر هو ۽ انهن پئسن مان هن پاڻ لاءِ ڪفن خريد ڪيو. سندس گهرواريءَ جو نالو حوا ۽ ڌيءَ جو نالو حميده هو. محمد سچل جو پوٽو نذير" رمز" سومرو چڪ جي نئين ٽهيءَ جو ترقي پسند ليکڪ ۽ شاعر آهي.



# ڪوي تيجو مل ٻداڻي

(1865_1950ع)

”تيجو مل پٽ ورندرام ٻداڻي پنهنجي آبائي شهر چڪ ۾ 1865ع ڌاري پيدا ٿيو. جتي سنڌي ۽ هندي جي تعليم ورتائين. گيتا جو گهرو مطالعو ڪيو هئائين، ڪيس برزبان ڪيترو ئي حصو ياد هوندو هو. ڌرمي تعليم ملڻ ڪري هن جو خيال سنتن طرف ڇڪجي ويو.“*

الاهي عشق جو اوتار تيجو مل ٻداڻي پنجاسي ورهين جي ڄمار 1950ع ڌاري وفات ڪري ويو. سندس مشڪ ۾ مقناطيسي ڇڪ هئي، سندس سادگيءَ مان مهانتا پئي چمڪندي هئي. سنتن جي تمام گهڻي عزت ڪندو هو. سوامي گنگارام صاحب جي سنگت اچي ڪري هن جي دل جو دروازو کلي پيو ۽ ٽين اک يعني شعور واري نظر عطا ٿي. ان نظر سان هن جو ڪجھ مشاهدو ڪيو ان کي سلوڪن ۾ پڄڻن جي صورت ڏني. هن جا پڄڻ نهايت عمدا هئا. مٿس گنگارام جي شاعريءَ جو گهرو اثر هو ۽ سندس شاعريءَ ۾ استاد بہ سوامي گنگارام هو. پاڻ سوامي گنگارام جو پيروڪار سڏائيندو هو ۽ سوامي صاحب جو شش هو.هن دنيا جا سڀ وڻج واپار ڦٽا ڪري ڇڏيا ۽ ڌرمي پرچار شروع ڪئي.

---

* سومرو، شريف شاد ”تعلقي لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو“ 1987ع(قلمي)

سندس باري ۾ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب تذڪره شعراء سڪر ۾ هن ريت لکيو آهي.

”چڪ جو وڻندڙ هو ۽ چڪ جي سوامي گنگارام جو شش هو. گهڻو ڪلام پنهنجي سوامي جي ساراهه ۾ چيو اٿس. سندس والد جو نالو ورندرام هو جو چڪ جي مکي ٻيارام جو پٽ هو. هن گنگارام ڪانسواءِ وسڻ رام ۽ ڪنور رام جي ساراهه ۾ پڇن چيا آهن، انکانسواءِ عشقيه ڪلام چيو اٿس ۽ سماجي اوڻاين جو ذڪر به ڪيو اٿس. مثال طور ڏيتي ليتي جي رسم کي هن طرح ٺوڪيندي:“*

ڏيتي ليتي گهر گهاٽ وڃائي،
جا وير وروڌ چڙهي وڌائي،

ڇو ڦندي پاڻ ڦاسايو
اها ڏيتي ليتي هٽايو.**

فني لحاظ کان سندس ”پڇن“ ڪافيءَ جو هڪ نمونو آهي. نموني طور سندس هڪ پڇن هيٺ ڏجي ٿو.

”لعل عيبن ڀريل آهيان،
مان ڪهڙو حال سڻايان“

عمر ساري مون ويهي
وشين ۾ ته وڃائي،
ڪيئي کوٽا ڪرم ڪمايان.

---

* ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر ”تذڪره شعراءِ سکر“

** ساڳيو

راتيون ڏينهان ڪچ ڪمايم،
ڪوڙ ڪپت ۾ عمر وڃايم،
توکي بديون ٿي بخشايان.

در تنهنجي "تيجو" آيم ڪاهي،
وشين ڪان تون وٺ بچائي،
نت ٻڙ تنهنجا ٿي ڳايان.*

ڪوي تيجو مل صاحب جو همعصر شاعر ابو شوڪت حمزو صاحب ۽ سندس استاد گنگارم هو. تيجو مل تمام گهڻو ڪلام چيو. ورهاڱي ڪانپوءِ سندس پويان هندستان لڏي وڃي ويٺا. ڪوي صاحب جا مائٽ (ڊاڪٽر مڪيش ڪمار ٻيڙاٽي ۽ ٻيا ) هن وقت چڪ ۾ رهن ٿا. سندس اولاد ۾ هِنَ وقت انڊيا جي شهر اجمير ۾ رهائش پذير آهي. جنهن سبب سندس ڪلام جي باري گهڻو تفصيل نہ ملي سگهيو آهي. .

*ميمڻ، عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر "تذڪره شعراءِ سکر"



# محمد آندل ڪوري

(1870ع - 1969ع)

محمد آندل ولد موليڏنو پنهنجي آبائي ڳوٺ چڪ ۾ 1870ع ڌاري پيدا ٿيو پاڻ ذات جو ڪوري هو. سندس تعليم سنڌي ۾ درجا هئي، ديني تعليم ناظران قرآن پڙهيل هو. جاين جو مستري (رازو) هو. پاڻ پرچونديءَ جي بزرگ حافظ محمد صديق پرچونديءَ جو مريد هو ۽ ان جي چوڻ تي چڪ ۾ هڪ مسجد ٺهرائي اتي ديني تعليم ڏيڻ لڳو. سندس شروعاتي دؤر ۾ مدرسا گهٽا نہ هئا تنهنڪري چڱا شاگرد هئس. ڪيس ٽي پٽ جمالدين، الله بخش ۽ محمد صفرپيدا ٿيا. هن صاحب جي هٿ اکر ڪجهہ ڪافيون مليون آهن، جيڪي هن پنهنجي مرشد جي شان ۾ چيون آهن ۽ ڪجهہ سماجي اوڻاين تي لکيل آهن. سندس شاعري مختلف پنن جي ٽڪرن تي اتاريل ملي آهي، جنهن ۾ پنهنجو تخلص "مسڪين" لکيو آهي. هيٺ سندس ڪافيون نموني طور ڏجن ٿيون.

**ڪافي_1**

ڪري سينگار سرس سهڻا، منا مشتاق ٿو مارين،
پائي پيچ پنبڙين جا ڪهڻ واري ڪار ٿو ڪارين.

اکيون تنهنجون عجب جهڙيون،ڪريان تعريف ڪهڙي تن،
وجهي ويٽر سندن سرمو، ڪجل جي ڌار ٿو ڌارين.

وڄهي وارن سندا ونگڙا، ڪرين ٿو قيد ڪاڪل سان،
جڙي زنجير زلفن جا، ڪلهن تي وار ٿو وارين،

## ڪافي-2

ٻائرو نہ ڪيو اجايو تڪرار،
ڇو ٿا ٻڌايو پاڻ ايندو نہ هٿ وار

نہ ڏنو ڪي سڪ، ڏنو هميشہ ڏک،
اصلي اٿو بک، پنندا آهيو پار،

هاڻي ڪيو ڪي ڳڻان، ڦري اٿو گهڻان،
کهڙا ڳڻي ڪيترا ڳڻيان، پاڻ ڪيو ڪو ويچار،

ڪاڏو اٿو حرام، وسري ويو اٿو ڪلام،
اڇي پريندئو سلام، ڏيندئو اچي ڏنڊڪار،

توهان رکي دشمني، چلت چلو ٿا ڪميني،
ڪيئن ماڻيندئو وني، ٿيندئو ڏارئون ڏار،

توهان رٿيو ڦند، الله پڇيندئو ڪنڌ،
هٽندو ڪاريهر ڏنگ، ڪون ڪندئو ڦٽڪار،

محمد آندل ڪوري ڇڪ ۾ ملان آندل جي نالي سان مشهور هو سندس اولاد جو هيئنيين وچولي طبقي سان واسطو آهي. ملان آندل ڪوري 1969ع ۾ پنهنجي مدرسي ۾ وفات ڪري ويو سندس پوين جي عدم دلچسپي جي ڪري سندس ڪيتروئي ڪلام ضايع ٿي ويو.هي راقم جي استاد ليکڪ، شاعر غلام علي ”منل“ چنا جو نانو هو. سندس دوستن ۾ مولوي عبدالحليم مهر، الهورايو ماڇي (هنباهہ) استاد هادي بخش سومرو ۽ حڪيم محمد هاشم سيٺار قابلِ ذڪر آهن.



# ڪشنچند پرياڻي

ڪشنچند ولد نيوندرام ڇڪ ۾ جنم ورتو. هن سنڌي فائنل ڇڪ، سکر مان حاصل ڪئي. سندس سڀاءُ ملنسار، سانتيڪو نماڻو نهٺو ميل ميلاپ ۽ سڪ پريم وارو هو. پاڻ ڇڪ جي گرلس اسڪول جا هيڊ ماستر رهيو ۽ ڏرمي ماڻهو هيو. جنهنڪري هن پنهنجي مرشد گنگارام جي ياد ۾ ڪيئي ڀڄن ۽ شبد لکيا آهن. سندس شاعريءَ جو لکيل هڪ ڪتاب" امرت واڻي" ملي ٿو. جو سندس وفات بعد سندس پوٽي چترو موٽو مل پرياڻي، احمدآباد مان 1990ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. ڪشنچند جي شاعريءَ ۾ ڀڄن، شبد، غزل، گيت، ڪافي، لولي، جي صنف گهڻي ملي ٿي.

سندس باري ۾ هن جو پوٽو موٽومل پرياڻي رقمطراز آهي تہ_

" سرڳواسي بابا ڪشنچند شانتيءَ جو روپ هو. ڇڪ ڳوٺ ۾ گرلس اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رٽائرڊ ٿيو. باقي وقت ڀڳوان جي ڀڄن ۾ لڳائي جنم سڦلو ڪيائين. سنسار ۾ رهي ڪري بہ جيون ياترا ويدڪ ڌرم انوسار گذاري."*

هيٺ سندس شاعريءَ جا ڪجھ نمونا مثال طور ڏجن ٿا.

**شبد**

ننگر ڇڪ ڪان گنگارام وئين اڏامي،
سدا گلزار مندلي، سهڻا سوامي.

---

* پرياڻي، ڪشنچند نيوندرام "امرت واڻي"1990ع احمد آباد

ٻڍا ٻالڪ سڪايل، تو پڻ پچائن،
سنيارن ٿا ڪتنب، وطني تو سوامي.

پجن پڳتي شبد، شيرين تو ٻڌايا،
سمائي شبد سان، سرتي تو سوامي.

شرن پيري ڪرين ڪرپا، تون اڪارين،
انائن جو اجهو، سايو تو سوامي.

ديالو در نمي، آسي رات ڏينهان،
رکين هٿڙو مهر جو، مون تي سوامي

**لولي**

مٺي لعل لولي ،سندر شام لولي
هري رام لولي، ڏيان نام لولي
قبيلي ڪٽنب جو وڏو شان ٿيڙو
ڪيوقرب خوشي مهربان هولي
سدا تون سڀاڄها مٺي پڙهہ ٻاٽي
پتا جڳت سائين سچي ٻول ٻولي
گياني گرو سبق ست سٽائي
وسايون گلابي گلن سان ڪٽولي
مکڻ ڪاءُ ماکي مٺو کير مصري
لڏي رات ڏينهن مٺي ٻار ڏولي
ديالو عجب اگڻ آباد ڪيڙو
پتا مات آسي جهلي هاڻ جهولي
نپٽ ناس ٿيندو رکي وير توسانٽ
هري رام ڪرشن ڪندو شال سولي.*

* پرياڻي، ڪشنچند نيوندرام ”امرت واڻي“1990ع احمد آباد



# پهلاج راءِ جيواڻي

(1973_1902ع)

پهلاج راءِ ولد رامون مل جيواڻي چڪ پرسان ڳوٺ ڏهر ۾ 20 جولاءِ 1902ع تي ڄائو. پاڻ آزاد خيال هندو هو. راڄا سامي مت سان واسطو هوس. هندو توڙي مسلمانن جي درويشن کي سني عزت سان ڏسندو هو. پاڻ سنڌي ماستر هو ۽ ڪيترو عرصو چڪ جي پوسٽ آفيس جو انچارج به رهيو. پٽيان تي پٽ موتيرام، موتڻ داس، پرتاب راءِ ڇڏي ويو. پهلاج راءِ صاحب جي ذات ۾ هٺ وڏائي ته هوندي ئي ڪان هئي، هندو توڙي مسلمانن سان بهتر رويو هئس. سندس شاعري جا عنوان سماجي ۽ مذهبي هئا. سندس شاعريءَ ۾ فني ڪچايون گهٽيون آهن. سگهڙن واري ٽڪبنديءَ جي انداز ۾ شاعري ٿيل آهي. بحرحال سندس خيال چڱا آهن. شاعري مختلف پنن جي ٽڪرن تي سندس هٿ اکرن ۾ لکيل ملي آهي. جنهن ۾ پنهنجو تخلص "اداسي" ۽ "پهلاج" ڪتب آندو اٿس.

1935ع ۾ ڏهرن جي ڳوٺ مان لڏي اچي چڪ شهر ۾ گهراڏيو سندس هڪ نظم ۾ ڳوٺ ڏهر جو واقعو بيان ٿيل آهي.

ڏهرن جي ڏيهه جو ارمان آهي،
ٿيو ڦهر ڪهڙو ڇڏيائون شهر ڏاهي؟

نڪا ليٽ لڙهي آئي، نڪا پائيندڙ پيارا،
باهه پچائڻ جا ڪيا وڏا وارا، تڏهن بہ شهر بچڙو آهي.

لچن ڪئي لچائي، ويا شهر کي تہ ڪائي،
آهي ايس.اين جي بيحيائي، وينا گذران ٿاهي.

ورتائون پير پڙون جي، نہ عزت رهي اشرافن جي،
ٿي سڀ ڪنهن خودغرضي، وجي توڙي عزت لهرائي.

سڪ تي اجڙي شهر ويو اهڙو ڪيس مٺا ڪنهن سان نہ ٿيو
اهو ڏوهہ سڀ ڏاڍن ڪيو جن ڳوٺ مان ڇڏيو لڏائي.

ديس پهلاج تنهنجو هت نہ آهي، ديس تنهنجو درگاهہ تہ آهي،
ڇاکي پنهنجو تون وطن ڇوائين، وطن تنهنجو اڳتي آهي.*

پهلاج راءِ سوامي گنگارام جا مريد هئا ۽ ويدانتي فلسفي ۾ يقين رکندا هئا. 1931ع ۾ گروءَ جي باري ۾ شعر لکيائون، جنهن ۾ ويدانت ۽ تصوف جي جهلڪ نظر اچي ٿي.

## ڪافي/ پچن

* جيواڻي، پهلاج راءِ"بياض پهلاجراءِ"(قلمي)

ڪر نہ ظاهر ڳجھہ خدائي،
”اداسي“ توکي سمجھہ نہ ڪائي،

هٽين ٿو تون هام، ڪوڙا ٺاهين ٿوطعام،
مرشد ڏني ٿي مام، اٿئي انهيءَ ۾ نور الاهي.

ستگر جو توتي آهي راز، مالڪ توتي آهي فياض،
هر دم ڪر تون نياز، ٿيءُ نہ سهٽا سودائي،

ڪر توبهہ پڙهہ زاري، پاءِ ڳچيءَ ۾ ڳاري،
وٺ تون هردم هيٺاهي.

پهلاج جو آمرشد موچارو، گنگارام گرو چڪ وارو،
آهي اداسي بختن وارو، صوفي صاف رهن سدائي.*

پهلاجراءِ نہ صرف سٺو شاعر هو پر بهترين استاد بہ هو مگر افسوس جو انسان فاني آهي. ساڍس زندگي 71 سالن تائين وفا ڪئي ۽ 3 آگسٽ 1973ع تي پرلوڪ پڌاريو. هن صاحب پنهنجي موت جي پيشنگوئي ڪندي هڪ شعر جوڙيو جنهن جو عنوان هو ”پهلاج تنهنجو چوهتر ۾ چالاٽو“ پر ڏٽي ڪيس هڪ سال اڳ 73ع م ئي گهرائي ورتو. بندي جي من ۾ هڪڙي ماالڪ جي من ۾ بي.

* جيواڻي، پهلاج راءِ ”بياض پهلاجراءِ“ (قلمي)



# سيد حسين شاهہ بخاري

( 1909ع_1986ع)

سيد حسين شاهہ ولد سيد غلام رسول شاهہ بخاري پنهنجي آبائي ڳوٺ چڪ ۾ 15 مارچ 1909ع تي جنم ورتو. سندس قد پنج فوٽ ڇهہ انچ هو سنڌي ويس ۾ پٽڪو ٻڌندو هو. سندس منهن مهتابي تي مٺ جيتر سونهاري هئس. پاڻ سنڌي فائنل ڪري تعليم کاتي ۾ پرائمري استاد ٿيو 22 مئي 1933ع تي رڪ شهر ۾ اسسٽنٽ ماسٽر مقرر ٿيو جنهن بعد هو مختلف وقتن تي هاٽوڪن ضلعن سکر، خيرپور ۽ شڪارپور جي ڳوٺن ۾ هيڊ ماسٽر ۽ اسسٽنٽ ماسٽر ٿيندو رهيو مذهبي تعليم پنهنجي والد صاحب کان ورتائين.

سندس دوستن ۾ وڏيرو الهڏنو خان، ملوڪ سنگهہ سونارو، حڪيم محمد هاشم سينار، الهداد خان سينار ، ڀهلاج راءِ جيواڻي، استاد گل محمد خان مهر، هرچومل (ڪاهي) محمد عارف لاڙڪ (خانپور) غلام حيدر خان سينار ۽ عبدالقادرخان سينار جا نالا اچي وڃن ٿا.

پاڻ سٺ واري ڏهاڪي ڪانپوءِ چڪ جي پرائمري استادن جو ڀهريون صدر ۽ خزانچي رهيو پاڻ محنتي ۽ اورچ استاد هيو. سندس وڏو ڀاءُ عبدالڪريم شاهہ(ڀيو) چڪ جي جامع مسجد سينارن واري جو پيش امام رهيو ۽ چڪ جي عيد گاهہ جو پڻ پيش امام هو ان جي وفات کان پوءِ سيد حسين شاهہ چڪ جي

مسلمانن کي بنا ڪنهن فرقيوارانٽي سوچ جي عيد نماز پڙهائيندو هو. سندس ديوبندي فرقي وارن سان مسلڪي اختلاف ٿيڻ جي ڪري ڪانئس عيد نماز جي پيش امامت کسي ٻئي ملان کي ڏيڻ جي ڪري هن عيد نماز پڙهائڻ ڇڏي ڏني. سندس سوچ ديوبندي مسلڪ جي انتها پسنديءَ سان ٽڪراءَ ۾ رهي، پر پنهنجي اولاد کي مذهبي تعليم ديوبندي مسلڪ وارن کان ئي ڏياريندو رهيو. کيس هڪ پٽ ڊاڪٽر تراب علي شاهه آهي، جنهنکي هن مذهبي تعليم مدرسه حزب الابرار چڪ مان ڏياري، جتي هو صرف و نحو تائين پڙهيو پئي ته مدرسي جي مهتمم صاحب تراب علي شاهه جي صرف نَحوَ جي ڪاپيءَ تي لکيل نالي مان" علي " لفظ تي ليڪ ڏئي تراب احمد شاهه لکي ڇڏيو جنهن تي سيد حسين شاهه ڪاوڙجي پٽ کي ئي مدرسي مان اٿاري ڇڏيو پر پوءِ به مرڻ گهڙي تائين ديوبندين جي مسجد ۾ پنج ئي وقت نماز پڙهيائين.

سيد حسين شاهه پنهنجي پيءُ مولوي غلام رسول شاهه ۽ الهڏني خان سيٺار سان خلافت تحريڪ ۾ گڏ رهيو. هي نوجوان هيو ته "سنڌ آزاد جماعت "جو چڪ ۾ بنياد پيو ته ان جو به ميمبر ٿيو پر پيءُ جي وفات ڪانپوءِ هن سياست ۾ حصو وٺڻ ڇڏي ڏنائين. هي مولانا عبيدالله سنڌي کان متاثر هيو ۽ راقم کي اڪثر مولانا عبيدالله سنڌي جون سڻيون ڳالهيون ۽ ڪارناما ٻڌائيندو هيو.

هن رٽائرڊ ٿيڻ ڪانپوءِ پنهنجو ذاتي ڪاروبار ڪري گذر سفر ڪيو کيس ٻگيون گهوڙا ڏارڻ جو پڻ شوق هو. چڪ ۾ " انجمن فلاح بهبود" ٺهي ته ان ۾ به حصو ورتائين، سندس ڀاءُ حسن شاهه فلاح بهبود چڪ جو عهديدار هيو. پاڻ پرائمري ماستر جي حيثيت ۾ 14 مارچ 1968ع تي رٽائرڊ ٿيو.کيس ٻه گهرواريون، هڪ پٽ ڊاڪٽر تراب علي شاهه ۽ پنج ڌيئرون آهن. سندس وڏي ڌيءَ راقم جي امڙ هُئي. حڪمت جو پڻ چڱو ڄاڻو هو پيريءَ ۾ دل جي دوري پوڻ ڪري 8 سيپٽمبر1986ع ۾ وفات ڪيائين.



# فقير علي حسن سيٺار

(1914ع_2014ع)

علي حسن پٽ علي محمد سيٺار پنهنجي اباڻي ڳوٺ شاهه آباد (پير جو ڳوٺ) لاڙڪاڻو ۾ 1914ع ۾ پيدا ٿيو هي ورهاڱي جي وقت 1946_47ع ۾ چڪ ضلعو سکر لڏي آيو. ٽي درجا سنڌي پڙهيو ۽ مدرسي ۾ ناظره قرآن ۽ فارسي جو نصاب پڙهيو. مذهب ڏي لاڙو هئڻ ۽ مذهبي ڄاڻ هئڻ ڪري چڪ جي ديني رهنما عبدالعزيز شاهه بخاري کيس پنهنجي پوڙهپ سبب عيد جي خطبي پڙهڻ تي بيهاريو کيس خطبي پڙهڻ جو گهڻو ڏانءُ ٿي ويو هوهن جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز ۾ خطبا پڻ ڏنا. مجازي ڪلام ڳائڻ ۽ نعت خواني جو شوق کيس ننڍپڻ کان هيو سندس آواز سريلو هيو تنهنڪري هن چڪ ۾ ٿيندڙ مذهبي ميڙاڪن ۾ بخشڻ چني سان گڏ مولود چوڻ شروع ڪيا. موتين فوتين ۽ شادين ۾ ماڻهو کيس مدعو ڪندا هيا. جيئن تہ هي ننڍپڻ کان نعتون، مولود ۽ مجازي ڪلام چوندو ايندو هو سر ۽ ردم سندس لونءُ لونءُ ۾ رچيل هيو تنهنڪري هن مولود ۽ نعتون ٺاهڻ شروع ڪيون پنهنجي ئي ڪيل شاعري هر جاءِ الاپڻ لڳو جنهن ڪري هي نعت خوان سان گڏ نعتيہ شاعر ٿي ويو سندس نعتيہ ڪلام ”عشق عربي ڄام جو“ چڪ جي ڪاهوڙي اديب ،شاعر حاڪم علي مهر چاندوڪي پبليڪيشن چڪ طرفان فبروري 2011ع ۾ چڪ مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

فقير علي حسن سيٺار وڏيري الهڏني خان ،مولوي عبدالعزيز شاهہ،مولوي عبدالڪريم شاهہ (ٻيو) ۽ انور علي شاهہ ”روشن“ جو همعصر رهيو .هن بہ شادين

ڪيون ڪيس ڇهه پٽ ۽ ڇهه نياڻيون ٿيون . راقم جون ساڻس اڪثر ملاقاتون ٿينديون رهنديون هيون . هن 2014ع ۾ 100 سالن جي عمر ۾ چڪ ۾ وفات ڪئي.

هيٺ سندس ڪجهه شاعري نموني طور ڏجي ٿي .

**نعت:**

ڪري آزاد امت کي، ايندا پوءِ آب ڪوثر تي،
پري پيالو جنت مان ، پنهنجي پيارن کي پيارايندا.

خداوند پاڪ پرور کان، وٺي اذن شفاعت جو
پنيءَ لائي پنهنجي امت، ساري وڳ کي قطارايندا.

جيتر هتڙي هجان جيئرو، هجي شل حب حبيبن جي ،
ثنا "سينار" سائين جي ، وتئون جهر جهنگ جهنگاريندا.

"حَسنَ " تنهنجو بہ نالو آ، محمد جي مداحن ۾،
اتم اميد محشر ۾، توکي سائين سنياريندا.

**ڏوهيڙو:**

انهن ڏکن سورن ۾ ،تو پيو روز جهُران،
هڪ پيريءَ اچي پاند کوڙيا، ڏاتر کان مون ڏران ،
ٻيو دشمن ڏسيو اکين سان ،مري پيو تو مران،
ڪڏهن ٿيندو ڏينهن خوشي ءَ جو تو رب کان روز گهران
انهن ڳٽتين ۾ تو ڳران، تہ ڪڏهن ملندا منهنجا پرين.

# رام گيان پاٻچنداڻي

**(جنم_1922ع)**

رام گيان رام نولراءِ پاٻچنداڻي 12 ڊسمبر 1922ع ۾ پنهنجي آبائي ڳوٺ چڪ ۾ پيدا ٿيو. شروعاتي تعليم بہ چڪ اسڪول مان ورتائين. پاڻ چڪ جي سيڪنڊري اسڪول ۾ ڊرائنگ ٽيچر هيو ۽ سندس والد صاحب بہ استاد هو. هن بي.اي ۽ بي.ايڊ تائين تعليم حاصل ڪئي. سٺو (آرٽسٽ) مصور هيو. 1947ع ۾ ورهاڱي وقت سنڌ ڇڏي وڃي هند جي شهر احمد آباد ۾ رهائش پذير ٿيو.

سندس باري ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ ماهوار الصادق ڪراچي جي شماري 15 آڪٽوبر-نومبر 1993ع جي مضمون ايڊيٽر نامو ۾ رقمطراز آهي تہ :

" رام گيان رام نولراءِ پاٻچنداڻي 12ڊسمبر 1922ع تي چڪ ضلعي سکر (هاڻي شڪارپور) ۾ ڄائو. بي.اي ۽ بي.ايڊ تائين تعليم حاصل ڪئي اٿس. 1947ع ڌانپوءِ سنڌ ڇڏي وڃي ڀارت ۾ ويٺو هن وقت احمدآباد ۾ رهي ٿو.

رام گيان ڀارت جي سنڌين ۾ هڪ ناٽڪ نگار ۽ مضمون نگار جي حيثيت ۾ ڄاتو وڃي ٿو. هي صاحب ڪيترو وقت گلستان ماهوار رسالي ۽ هنس ساليانی مئگزين جو ايڊيٽر رهيو. سندس لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن

مان ”پڳت ۽ پڳوان“ (ترجمو)“ اپنشندن جو سنديس (ترجمو)” “هي ڏن ڪنهن جو (ترجمو) ””جاڳ اي انسان (ترجمو) وغيره قابل ذڪر آهن“*

رام گيان سنڌي ادب جو هڪ روشن خيال اديب هيو. سندس لکڻين ۾ سادگي ۽ سچائي جهلڪندي هئي، هن چڪ ۾ ڪانگريس جي طرفان ٿيل ڪانفرنسن ۾ سٺو ڀرپور ڀرو پڻ ورتو. سندس گهر ۾ هن وقت آوت مل گهاٽائيءَ جا پٽ رهن ٿا. آوت مل جي پٽ استاد صوفي نيپن داس راقم کي گهر جي ماڙي مان نڪتل ڪاٺ جو هڪ ڇهتير ڏيکاريو جنهن تي ڪنهن تکي اوزار سان” رام گيان“ اڪريل هو.

رام گيان پاڻ حال حيات ناهي پر هن جو انڊيا ۾ هڪ وڏو اداڪار، ڪلاڪار شاگرد چندر ساوناڻي اڃا حال حيات آهي جيڪو پڻ چڪ جو آهي.

رام گيان صاحب پنهنجي شهر چڪ کان ۽ وطن سنڌ کان دور رهي به هند ۾ پنهنجي ٻاٻاڻي ٻوليءَ جي خدمت ڪري پاڻ ملهايو. تاريخ ۾ اهڙا انسان هميشه امر رهندا آهن.

*پناڻ درمحمد ڊاڪٽر ماهوار الصادق ڪراچي 1993ع آڪٽوبر، نومبر



# سياسي ورڪرَ ۽ سماج سڌارڪ



# سيد غلام رسول شاهه
(1869_1933ع)

سيد غلام رسول شاهه ولد سيد عبدالڪريم شاهه (اول) ولد سيد گل شاهه بخاري چڪ جي اهلبيت گهراڻي ۾1869ع ڌاري جنم ورتو. پاڻ مدرسه ڪنزالعلوم سومراڻي شريف ۾ عربي ۽ فارسيءَ جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ اتي ئي معلم ٿي رهيو جتي ڪيترن ئي نوجوانن کي ديني تعليم ڏئي فارغ التحصيل ڪيائين. هاليجيءَ جو هڪ بزرگ به سندس شاگرد هو. ان کان علاوه رستم جي هڪ مدرسي ۾ به معلم ٿي رهيو. تنهن کان بعد چڪ ۾ خلافت ڪميٽيءَ جي تعاون سان مدرس الاسلام چڪ قائم ڪري اتي ديني تعليم ڏيندو رهيو. پاڻ پنهنجي والد صاحب کان ورثي ۾ مليل حڪمت جي علم کان به واقف هو.

جيئن ته پاڻ هڪ عالم هو پر ان سان گڏ سٺو ليکڪ ۽ ڪاتب به هو. سندس هٿ جو لکيل فارسيءَ جو صرف و نحو جو قلمي نسخو به مليو آهي جيڪو

هن صاحب رستم جي مدرسي ۾ 2 ذوالحج 1309هه مطابق لکي پورو ڪيو. هي سادات نہ صرف عالم، ليکڪ ۽ ڪاتب هو پر چڪ ۾ سياسي سجاڳي آڻيندڙ پهريون مسلمانن جو سياسي اڳواڻ بہ هيو. هن صاحب ۽ حڪيم محمد هاشم سيٺار الهڏني خان سيٺار گڏجي چڪ ۾ 1922ع جي لڳ ڀڳ خلافت ڪميٽيءَ جو پايو وڌو ۽ ان جو صدر ٿيو.

## الوحيد 13 اپريل 1923
## چڪ ۾ خلافت جلسو

خاطو لکي ٿو تہ تاريخ شعبان المعظم خميس ڏينهن مغرب جي نماز کان پوءِ پيش امام جامع مسجد شريف جو مولوي ميان غلام رسول شاهہ صاحب صدر خلافت ڪاميٽي چڪ ساري جماعت سان گڏجي الله اڪبر جي نعرن سان جلوس ڪڍيو ۽ سجي شهر جي هر هڪ چوسول ۾ الله اڪبر جو نعرو هٽي عام خاص ماڻهن کي بلند آواز سان چيو تہ سڀاڻي جمع جي ڏينهن جامع مسجد ۾ نماز کان پوءِ جلسو ڪبو. صبح جو 12 بجہ مهل بانگ کان اڳي يا بانگ ٿيڻ شرط عام ماڻهن جا ٽولا اچڻ لڳا. اٽڪل 350 ماڻهو آيل هئا .نماز کان بعد جلسہ زير صدارت مولوي ميان غلام رسول شاهہ صاحب جي منقعد ٿيو .جن جي تائيد محمد هاشم(حڪيم) ڪئي.پوءِ وڏيري الهڏنہ نائب صدر خلافت ڪاميٽي جي پر جوش تقرير شروع ڪئي. جنهن م نئروبي (مشرقي آفريقہ ) جي گورنر پنهنجي گوري ياءُ اسٽينبرڊ اخبار جي ايڊيٽر تي اسان جي رسول مقبول صہ عليہ وسلم جي برخلاف ليک وجهڻ تي ڪوڙوهہ نہ رکيو ۽ چيائين تہ هن جو اهڙي ڏوهہ جو ارادو ڪونہ هو ۽ انهن جي روش کي جلسہ جي عام ماڻهن پر جوش ٿي نديو ۽ صداءِ احتجاج بلند ٿي ڪري چيو تہ چونہ اهڙي ماڻهوءَ کي قومن ۾ نفاق ڦهلائڻ جو ذميدار رکجي ۽ بي نمازي کي نماز پڙهڻ جي باري ۾ چيو ۽ الله جل شانہ جي احڪامن ۽ رسول صہ جي

حديثن موجب هلڻ لاءِ پر جوش تقرير ڪئي جنهن ماڻهن ۾ ڏاڍو اثر وڌو ۽ عام ماڻهن انجام ڪيو تہ اسان پنج وقت ئي سنت جماعت سان گڏ نماز پڙهنداسين .تنهن کان پوءِ سڀني ماڻهن مٿا اگهاڙا ڪري اسلام جي تقويت ۽ فتح نصرت لاءِ ۽ غازي مصطفي ڪمال پاشا جي سلامتي لاءِ دعائون گهريون ۽ جلسہ الله اڪبر جي نعرن سان ختم ٿيو.*

29 سيپٽمبر 1924ع ۾ ٻيو اجلاس ڪوٺايو جيڪو ان وقت هندن جي باغ "وڏي باغ" جي نالي سان مشهور هو (هن وقت عيدن سيٺار جو باغ) ۾ چڪ ڪانفرنس جي عنوان سان جلسو ڪرايو. جلسي خطاب ڪرڻ لاءِ مولانا تاج محمد امروٽي هڪ چو چاڪي بگيءَ تي چڙهي آيو هو. ان سان گڏ رڪن الدين قاسمي (وڪيل) جو پيءُ مولوي محمد هاشم قاسمي بہ خطاب ڪرڻ آيو هو.

اڳتي هلي مولوي غلام رسول شاهہ پيرسنيءَ جي ڪري خلافت ڪميٽيءَ جي اڳواٽيءَ تان دستربردار ٿيو ۽ سندس جاءِ تي وڏيري الهڏني سيٺار کي خلافت ڪميٽي چڪ جو صدر طور چونڊيو ويو.سندس بہ پٽ عبدالڪريم شاهہ ۽ حسين شاه خلافت ڪاميٽي ۾ ميمبر طور رهيا

مولوي غلام رسول شاهہ همايون جي بزرگ مولانا عبدالغفور همايونيءَ جو پوئلڳ هو ۽ داتا فيض درياهہ شاهہ جي صحبت ۾ بہ رهيو. پاڻ 1933ع ۾ وفات ڪري ويو ۽ پنهنجي پويان ٽي پٽ عبدالڪريم شاهہ، حسين شاهہ ۽ حسن شاهہ ڇڏيائين.

---

*الوحيد ڪراچي 1923ع





( مولوي غلام رسول شاهه جا هٿ اکر ۾ سندس لکيل فارسي صرف ونحو جي
ڪتاب جو عڪس )

# وڏيرو الهڏنو خان سيتار

**(1889_1952ع)**

وڏيرو الهڏنو خان پٽ محمد صيفل سيتار جو جنم پنهنجي آبائي شهر چڪ ۾ 1889ع ڌاري ٿيو. سندس تعليم سنڌي فائنل هئي، پاڻ تمام سادو سلڇڻو ۽ ملڻسار هو، قد ڊگهو بت ڀريل پهلوان، سنڌي لباس پائيندو هو. پيشانيءَ تي مٿ جيتري ڏاڙهي، هٿ ۾ بيد جو لڪڻ کڻندو هو. ڪيس ٻه گهر واريون هيون، هڪ حاجي مبارڪ جي نياڻي، ٻي شهمير جي نياڻي، ڪيس ٻه پٽ خير محمد ۽ عبدالجبار هئا، جيڪي سندس حياتيءَ ۾ وفات ڪري ويا. انڪان علاوه ٻن ڌيئرن جو اولاد پڻ هئس.

” 1922ع ۾ هي خلافت تحريڪ چڪ جو نائب صدر رهيو

13 فبروري 1931 تي سنڌ آزاد جماعت چڪ جو خزانچي ٿيو

1934، ۾ اپرسنڌ اليڪشن بورڊ ٺهي جنهن ۾ مکيه نالو وڏيري الهڏني خان جو هيو.

1936، خلافت ڪاميٽي سکر جي مئنيجنگ ڪاميٽي جو ميمبر ٿيو.

11 سيپٽمبر 1940 تي مرزاپور ۾ مسلمانن جو هڪ وڏو ميڙ ٿيو جنهن جي صدارت وڏيري الهڏني خان ڪئي اتي انجمن همدرد وطن قائم ڪئي وئي نائب صدر الهڏنو خان ٿيو.

1947ع ۾ مسلم ليگ چڪ جو پهريون صدر چونڊيو ويو.“ *

انجمن شيدايان اسلام جو سرگرم عهديدار هيو بلڪ چڪ سکر شڪارپور ۾ انهن تنظيمن جي بنياد وجهندڙن مان ۽ مسلمانن ۾ سياسي سجاڳي آڻيندڙ ۾ خاص روح روان هيو. سياست سان گڏ هي صحافي ۽ قلمڪار به هو. سندس مضمون الوحيد ۽ ٻين سنڌي اخبارن جي زينت بڻجندا هئا. سندس چڪ شهر ۾ محمد سچل سومرو، محمد هاشم سيٺار، سيد حسين شاهه بخاري ۽ محمد ارباب سيٺار خاص دوست هئا. مولوي غلام رسول شاهه خلافت تحريڪ چڪ جو صدر سندس استاد هو. الهڏني خان جا سيٺار جا يوسف هارون، محمود هارون، حاجي مولابخش سومرو، سابق انسپيڪٽر سنڌ غلام رسول ڪيهر دوست هئا. جڏهن ته سياسي طور هي شهيد الله بخش سومري جو پوئلڳ ۽ حمايتي رهيو. ورهاڱي کانپوءِ هن کي چڪ ۾ بچاء بند ٻڌرائڻ ۽ اصغرواه ڪوٽرائڻ ۾ سماجي ڪمن ۾ حصو وٺڻ تي گورنر طرفان تعريفي سند (سرٽيفڪيٽ) مليو.هن کي شهيد الله بخش سومرو طرفان پنهنجي وزارت عظمي جي دور ۾ رستم لڳ ڪارو ڪلر جي علائقي ۾ 3 هزار ايڪڙ زمين الاٽ ڪري ڏيڻ جي آڇ ڪئي وئي، جيڪا هن قبول نه ڪئي. 1942ع ۾ آرائين وٽان بند ٽٽو ته چڪ ۾ الهڏني خان ڪئمپ هڻائي، پاڻ هر عيد جي موقعي تي شهر واسين سان عيد نماز تي مخاطب ٿيندو هو. وڏيري الهڏني خان تي ڪوڙا ڪيس ٿيا، هن 1946ع ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر جي ميمبري لاءِ آغا بدرالدين پٺاڻ ۽ پير بخش مهر سيواٽي کان اليڪشن کٽي هئي ورهاڱي بعد ڊسٽرڪٽ بورڊ جي اليڪشن ۾ بيٺو هو. ان اليڪشن ۾ امير بخش خان مهر تماچاڻي، مير محمد خان پٺاڻ، ابو شوڪت حمزو، پرسرام ۽ روچلداس حصو ورتو هو جنهن ۾ الهڏني خان کٽيو هو.

. الهڏني خان جو سنڌ اثر رسوخ هو جيتوڻيڪ پاڻ ايڏو وڏو زميندار به نه هو. جنهن پارٽيءَ ۾ سومرا هوندا هئا هي ان ۾ هوندو هو. هن 1947ع ۾ هندن جي لڏپلاڻ تي بندش وڌي ۽ هندن جي گهرن تي رات جو پهرو ٻيهاريو ته جيئن هندن سان ڪو شرارت نه ڪري.

---

* الوحيد ڪراچي

پاڻ نيڪ صفت، سيرت ۽ صورت جو پِلو روزي نماز جو پابند هو. 1952ع ۾ هي وڏڳرو وڏيرو بيماري جي ست نہ سهي سگهيو. مرڻ وقت سندس اکين مان پاڻي اچي ويو تہ مونکان پوءِ شهر جو ڇا ٿيندو. هي پنيان بہ ڏيئرون ۽ هڪ پائٽيو الهداد خان سيٺار ڇڏي ويو. جنهن کي سندس بعد ڳوٺ جي وڏيري جي پڳ ٻڌرائي وئي. جنهن جي وفات بعد عبدالقادر خان سيٺار کي ڳوٺ جي وڏيري جي پڳ ٻڌرائي وئي، جيڪو ٽي دفعا چيئرمين ۽ هڪ دفعو ناظم ٿيو. جڏهن تہ ڪانئس پهريان سندس پٽ راشد علي سيٺار، مخالف کي شڪست ڏيئي ڇڪ جو ناظم چونڊيو ويو هو.




سنڌ مسلم آل پارٽيز ڪانفرنس

(وڏيري الهڏني خان سيٺار جو 19 آگسٽ 1928ع جي الوحيد اخبار ۾ ڇپيل ڪالم جو عڪس)

# مکي پرسرام تلريجا

**( 1889_1965ع)**

مکي پرسرام(پرسو مل) تلريجا پنهنجي آبائي ڳوٺ چڪ ۾ مينگهن داس تلريجا جي گهر ۾ 1889ع جي لڳ ڀڳ جنم ورتو. هي چڪ جي هندو برادريءَ جي اثر رسوخ وارو مکي هو. سندس حڪم تي هندو برادري مرڻ مارڻ لاءِ تيار رهندي هئي. پاڻ هندن ۾ طاقتور شخصيت ليکيو ويندو هو. پنهنجي برادريءَ لاءِ پاڻ پتوڙيائين ۽ چڪ جي سياست ۾ اڳڀرو رهيو. 1933ع ۾ هن چڪ ۾ هندو مها سڀا جو بنياد وڌو.

ڪچي پڪي جو سٺو زميندار هو. جنهنڪري ڪچي جا وڏيرا سندس هميشه مخالف رهيا ۽ انهن جي اکين ۾ ڪنڊي جيان چڀندو هو. ان زمين مان گهڻو حصو سندس پٽ جا هاري قبضي ڪري ويا.

هن 1934ع_1933ع ۾ پئنچائتي جاءِ ڪرايي تي ڏيئي چڪ ۾ اسڪول شروع ڪرايو ۽ لوڪل بورڊ طرفان چڪ ۾ ميٽرنٽي هوم به کولرايو. جيڪا جاءِ پڻ هندو پئنچائت فراهم ڪئي. جنهن کي اڳتي هلي لوڪل بورڊ

جي هڪ پٽيوالي قبضو ڪري وڪٽي ڇڏيو.انهيءَ سال 1933 ـ34ع ۾ ڪيس چڪ جو مکي چونڊيو ويو هو. هن ڪان پهرين ڏيواڻي برادري جو تولومل ٻيڙومل ٻيڙاڻي (استاد اتم چند جو پڙ ڏاڏو) چڪ جي هندن جي مکي هيو.

مکي پرسرام م تلريجا زميندارِيءَ سان گڏ ضلعي لوڪلبورڊ سکر جو ميمبر پڻ چونڊيو. چڪ ۾ جڏهن پهريون دفعو سينيٽري ڪاميٽيءَ جو بنياد پيو ته هن جي مدد سان ڦندو مل ولد ٿوپڻ مل ڪاميٽيءَ جو چيئرمئن چونڊيو ويو. جنهن بعد سندس سئوٽ روچلداس تلريجا چيئرمين چونڊجي آيو. هي هندن ۾ هوشيار ۽ اورچ ماڻهو هو

سندس دوستن ۾ رامنداس ولد تلسي داس (بنگلي وارو) خيراج مل ولد بودل مل، فتح چند تولارام، غلام نبي خان مهر (رستم)،پيارو خان مهر(پرڪڻ)،حاجي مولا بخش سومرو، قلندر بخش خان مهر (وزير آباد)، سردار فتح محمد خان جتوئي، سيٺ ڏنراج، خان صاحب امير بخش خان تماچاڻي مهر، سيٺ جيتارام (قاسم ڳوٺ) شامل هئا.

سندس تعليم سنڌي فائنل هئي، ڪيس هڪ پٽ ڪروڙي مل تلريجا هو جيڪو 4 مئي 1965ع تي والد جي وفات ڪانپوءِ چڪ جي هندن جو مکي بڻيو. جنهن جي وفات ڪان پوءِ هن وقت هاڻ ويز جو سپريڊينٽ انجنيئر پريم چند تلريجا چڪ جو مکي آهي. هي صاحب تمام لائق ماڻهوءِ هڏڏوڪي انسان آهي.

# مير محمد خان پٺاڻ

مير محمد خان ولد غلام حسين خان مغل پٺاڻ چڪ ضلعو (سکر) شڪارپور ۾ جنم ورتو. هي پاڻ تر جو سٺو زميندار هيو ڪيترين ديهن ۾ هن جي زمينداري هئي.ان سان گڏوگڏ هي علائقي جي ماڻهن جي ڌڙن ڦرڙن جا فيصلا پڻ ڪندو هيو ۽ وڏي پهچ رکندڙ زميندار هيو.

چڪ کي پهريون دفعو جڏهن سينيٽري ڪاميٽي قرار ڏنو ويو ۽ ڦندومل کي چيئرمين بڻائي 5 ميمبر ڪنيا ويا تہ انهن مان هڪ ميمبر ميرمحمد خان بہ ٿيو. هي چڪ سينيٽري ڪاميٽي جو ڪيترا دفعا ميمبر پڻ رهيو. هن بمبئي کان سنڌ کي ڌار ڪرائڻ واري جدوجهد ۾ بہ حصو ورتو ان سلسلي ۾ 1931 ۾ پاڻ سنڌ آزاد جماعت چڪ جو صدرمقرر ٿيو.جنهنجو تذڪرو ان وقت جي سنڌي اخبار الوحيد ۾ هيٺين ريت ٿيل آهي.

الوحيد_1931

بمبئي کان سنڌ کي الڳ ڪرائڻ لاءِ سنڌ آزاد جماعت جي چڪ ۾ شاخ جو قيام

(چڪ)_ 13 فبروري 1931 ۾ مولانا محمد عثمان صاحب جي زير صدارت جامع مسجد ۾ ميڙاڪو ٿيو چڪ جي ماڻهن وڏي انداز ۾ شرڪت ڪئي

وڏيري الهڏني خان جوش ڀري تقرير ڪئي ۽ سنڌ آزاد جماعت برپا ڪئي وئي جنهن ۾ هيٺيان عهديدار مقرر ڪيا ويا.

صدر_ خان صاحب ميرمحمد خان ،نائب صدر_ پيربخش خان سيٺار، سيڪريٽري_ ابوشوڪت حمزو خلافتي، خزانچي_ وڏيروالهڏنوخان سميت بر وقت هڪ آنو ڏئي 79 ميمبر ٿيا.*

مير محمد خان صاحب جي همعصر رفيق ۽ دوستن ۾ آغا غلام نبي خان پٺاڻ، ٿندومل، الهڏنوخان سيٺار، ابو شوڪت حمزو خان ، مکي پرسرام، روچلداس تلريجا، ميرمحمد خان مهر (سيوهاڻي)، حاجي صاحب مهر وغيره

هن کي ٻه پٽ هيا 1_ غلام حسين خان عرف محمد سچل خان 2_ غلام نبي خان جڏهن ته سچل خان پٽ جاٻه پٽ پڻ سياسي پارٽين ۾ رهيا آهن لالو مير محمد عرف بخش علي ايم ڪيو ايم جو عهديدار ،جڏهن ته آغا جاويد خان جيئي سنڌ تحريڪ جو ڪارڪن رهيو.1989ع ۾ چڪ ۾ سائين جي ايم سيد جي ميزباني جو شرف ٻه آغا جاويد خان کي حاصل ٿيو پر ڄام صادق جي دور ۾ رياستي پوليس جي اهلڪارن آغا جاويد کي ڪراچي ۾ جڙتو مقابلي ۾ گوليون هڻي ماري ڇڏيوهن وقت سندس پڙپوٽو آغا شعيب خان جيئي سنڌ محاذ جي "شاگرد ونگ "سان لاڳاپيل آهي.

تاريخ ميرمحمد خان جي خاندان جي سياسي جدوجهد کي هميشه ياد ڪندي. ميرمحمد خان پٺاڻ لڳ ڀڳ 60 واري ڏهاڪي ۾ وفات ڪري مالڪ حقيقي سان وڃي مليو.

*الوحيد ڪراچي 1931ع

# رگھورام مينگھاڻي

(1889_1966ع)

مهاشيہ رگھورام پٽ شري چوھڙمل ايشرا مينگھاڻي جو جنم پنھنجي آبائي شهر چڪ ۾ 1889ع ڌاري ٿيو. سندس تعليم ٻن درجن تائين هئي. پاڻ تمام سادوھوندو هو ۽ سادگيءَ کي وڏيڪ پسند ڪندو هو، ايتري قدر جو کاڌيءَ جا ڪپڙا پھريندو هو. جوئر جي ڏوڏي ۽ هڪ سبزيءَ کان سواءِ ڪو بہ کاڌو نہ کائيندو هو. سندس چوڻ هو تہ هڪڙا جيئڻ ٿا کاڌي لاءِ ۽ ٻيا کاڌو کائن ٿا جيئڻ لاءِ. پاڻ ساڌن ۽ سنتن جي سنگت ۾ اچي لعل ٿي ويو. هندي ۽ فارسيءَ جو پڻ سٺو اڀياس ٿيل هئس.

مهاشيہ رگھورام صاحب ڪيترو وقت شاهپورچاڪر سانگھڙ ۾ رهيو جتي ” ڪڙمي سڌار ڪاريہ“ ۾ هن تمام گھڻو ڪم ڪيو. سماجي براين جي خاتمي لاءِ هن اڻٿڪ محنت ڪئي. هن صاحب تحريڪ آزاديءَ ۾ ڀرپور نموني حصو ورتو۽ ڪيترا ئي دفعا جيل جي هوا کائي آيو. 1919ع جي جليانوالا ڪوس سبب سندس رڳ رڳ روئي اٿي. 1921ع ۾ تحريڪ ترڪ موالات (عدم سهڪار) ۾ حصو ورتائين، جنھن ڪري کيس جيل ۾ بند ڪيو ويو. 1930ع ۾ لوڻ جي قاعدا ٽوڙ هلچل ۾ ڪافي ڀھرو ورتائين، ڪيترا قومي قيدي آزاد ٿيا مگرهي آزاد ٿي نہ سگھيو. کيس 1947ع تائين انگريز سرڪار نظربند رکيو. ورهاڱي کانپوءِ هندستان لڏي ويو۽ آخري دم تائين اتي رهيو.

ڊاڪٽر ديال آشا صاحب پنهنجي ڪتاب ” سنڌ جا سنت “ ۾ رقمطراز آهي تہ:

”هت هندستان ۾ ڪجھ سميہ جئپور ۾ ، ڪجھ سمئہ سوامي ٽينئورام آشرم الهاس نگر ۾ رهيو. سوامي ليلا شاھ ۽ سوامي شانتي پرڪاش سان گهاٽو نينهن هو. سوامي شانتي پرڪاش ڪيس ڏاڍو ڪري سڏيندا هئا...... ويدن، اپنشندن، گيتا ۽ ٻين ڪيترن ئي ڌارمڪ گرنٿن جو اڀياس ڪيائين. ويهن ورهين جي عمر ۾ گيتاسرل هندي چوپائين ۽ ڇھ پائين ۾ لکيائين، جا هٿ لکت ۾ موجود آهي. گيان گلڪاري ۽ ٻيا ڪيترا پستڪ لکيائين، جن ۾ آتما ۽ پرماتما، اوديا ۽ وديا، جيو ۽ برهم جي وشين تي سهڻي سمجهاڻي ڏني اٿائين. سندس ڪي رچنائون هٿ سان لکيل موجود آهن جي جلد شايع ڪيون وينديون.“ *

ڊاڪٽر صاحب ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي هلي لکي ٿو تہ:

”سوامي رگهورام جن سان وقت بوقت گيان گوشٽي ڪرڻ جو موقعو ملندو هو. هو صاحب گيان جو گلزار هو سندس واٽي ٻڌي من پرسن ٿيندو هو. تياڳي بہ مهان درجي جو هوندو هو. سادگي، سيوا، سچائي، حليمائي، ڀڳتي، گيان اڪيچارگڻن جو مجسم هو.“ **

هن 16 فيبروري 1966ع مطابق 24 شوال1385ھ 5 وڳڻ 22.2 (28) بڪرمي ۾ وفات ڪئي.

پاڻ جڏهن 1930ع ۾جيل ۾ ويو تہ شري پواتري منڊل شهدادپور وارن ”ستي پرگيہ“ ارٿات آدرشي انسان (گيتا اڌويا 2، شلوڪ 54 کان 72 ) نالي 1943ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. مذڪورھ ڪتاب 112 صفحن تي مشتمل آهي.

سنت رگهورام جي حياتيءَ جو وڌيڪ احوال ڪون ٿو ملي، جو پيش ڪجي. سنت صاحب هڪ سٺي سياسي ڪارڪن سان گڏ هڪ سٺو ليکڪ ۽ شاعر بہ هو. افسوس جو اڄ اسان وٽ هن صاحب جو ڪلام نموني طور بہ ڪين آهي.

---

* ديال، آشا ڊاڪٽر”سنڌ جا سنت“

** ساڳيو

# ڦندومل پٽ ٽوپڻ مل

ڦندو مل پٽ ٽوپڻ مل پنهنجي اباڻي ڳوٺ چڪ ضلع شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هي بہ چڪ جي سياسي ،سماجي شخصيتن مان هڪ اهم اڳواڻ هيو.هن جو گهر وڏي حويلي ۾ هيو جنهن ۾ هن وقت "پائي وهنيون "جو مندر آهي . ۽ ان حويلي اندرسيٺ پنڙ مل ۽ مستري پڄن لعل جن رهن ٿا.

ورهاڱي کان پهريون جڏهن چڪ پهريون دفعو سينيٽري ڪاميٽي ٺهيو تہ ڦندومل ان جو ميمبر ٿيو ۽ پهريون چيئرمين ٺهيو . ايئن کٽي چئجي تہ کيس چڪ جي پهرين چيئرمين جو اعزاز حاصل ٿيو.

هي وڏي لياقت وارو ۽ هلندي پڄنديءَ وارو ماڻهو هيو. سياسي طور هندو مها سڀا سان هيو. هندو توڙي مسلمانن ليڊرن سان سٺا واسطا هيس. چڪ ۾ پنهنجي وڏي پراپرٽي جو مالڪ هيو. کيس اناج جي ڇڙائي جو ڪارخانو پنهنجي هم نام ڦندو مل گهنو مل موٽواڻي(جيڪو پڻ وڏي اثر وارو ماڻهو هيو ۽ چڪ جي واپاري يونين جو صدر هيو.استاد پريم چند موٽواڻي سندس پوٽو آهي )سان ڀائيواري تي هوندو هيو. جيڪو هنن بعد ۾ اعتبار خان جتوئي کي وڪڻي ڏنو. اها جڳهہ هن وقت چڪ ۾ "جتوئي سينٽر " جي نالي سان مشهور آهي. ان ڪانسواءِ ڦندو مل ٽوپڻ مل کي چڪ ايريگيشن بنگلن سامهون ڪچي ۾ وڏي زرعي زمين هئي جيڪا هن انڊيا وڃڻ وقت ديوان نارائڻ داس کي وڪڻي ڇڏي.

سندس دوستن ۾ ڦندو مل پٽ گهنو مل موٽواڻي، وڏيرو الهڏنو خان، اعتبار خان جتوئي، سيٺ پر مانند، مکي پرسرام تلريجا ۽ مير محمد خان پناڻ وغيره شامل هيا.

# روچلداس تلريجا

(1893ع_1953ع)

روچلداس تلريجا پنهنجي آبائي ڳوٺ ڇڪ ۾ پوڄراج تلريجا جي گهر ۾ جنم ورتو. هن جو ڇڪ جي زميندار خاندان سان واسطو هو ۽ سنڌي فائنل پاس ڪئي هئائين. هي ڇڪ جي سينيٽري ڪاميٽيءَ جو ڦندو مل ڪان پوءِ ٻيو نمبر چيئرمين ٿيو هن سان ميمبرن ۾ نيوند مل ولد ڏرمون مل، خان محمد خان پٺاڻ، مير محمد خان پٺاڻ ۽ محمد بخش مغل وغيره شامل هئا. جيڪي سنڌس دوست پڻ هئا. سنڌس دوستن ۾ صوبو مل (ڏهرڳوٺ)، سيوارام موٽڻ داس (منگٽاٽي جو)، رامنداس، ڦندو مل، ڪيراج مل، فتح چند ۽ وڏيرو الهڏنو خان سيٺار قابل ذڪر آهن.

روچلداس جي جماعتي وابستگي بہ "هندو مهاسيا " سان هئي ۽ هن نهرو جي استقبال لاءِ هندو مها سيا جا نوجوان گارڊ بيهاريا هئا .هن چيئرمين ٿيڻ کانپوءِ ڇڪ ۾ "هال فورڊ لائبريري" جو بنياد وڌو هن ضلعي لوڪلبورڊ سکر جي اليڪشن ۾ پڻ حصو ورتو. هن شهر جي لاءِ پاڻ پتوڙيو ۽ ذڪر لائق ڪم ڪيا. سنڌس پٽ مولچند تلريجا ضياءَ دور ۾ 1970ع ۾ ڊي پي آر هيٺ جيل ويو هي بہ ڇڪ ٽائون ڪميٽيءَ ۾ اقليتي سيٽ تي هميشه ميمبر چونڊبو رهيو ۽ سرڳواسي مولچند جو ننڍو پٽ سرڳواسي امر لال تلريجا پڻ اقليتي سيٽ تي ڪائونسلر چونڊيو ويو بعد ۾ عدالت پاران ڇڪ جي ناظم جوڙي جي نااهل ٿيڻ کانپوءِ (ديهانت ٿيڻ تائين ) يو سي ڇڪ جو ڪيترائي مهينا عبوري ناظم رهيو. هن بہ پنهنجي ڏاڏي وانگر سماجي سرگرمين ۾ اڳيرو ٿي حصو ورتو هي ڇڪ شهري اتحاد جو سرگرم اڳواڻ هيو پنهنجي ناظميءَ دوران هن پير فاضل شاه لڪياريءَ جي چوڏاري مٺيءَ جو بند ٻڌرايو ڪيترين ئي گهٽين ۾ سي سي بلاڪ هڻايا ، ۽ اسٽريٽ لائيٽس جو بندوبست ڪيو. پر زندگيءَ وفا نہ ڪيس ، ننڍي عمر ۾ ئي

ديهانت ڪري ويو تہ سندس هندو توڙي مسلم دوست ڊاڍيهيون ڪري رنا. اڄ بہ روچلداس تلريجا جو خاندان چڪ ۾ رهي ٿو سندس گهر جو چشم چراغ انجنيئر راجڪمار تلريجا نهايت شريف المزاج ۽ امن پسند انسان آهي.



# نيوند رام ڪوڏواڻي

نيوند رام پٽ ڏرمون رام ڪوڏواڻي ڇڪ ضلعو(سکر) شڪارپور ۾ جنم ورتو. هي ڇڪ شهر جو متحرڪ سياسي سماجي ورڪرن ۾ اڳواڻ هيو ته ان سان گڏوگڏ وڏج واپار سان پڻ لاڳاپيل هيو ، جڏهن ڇڪ ٽائون کي پهريون پيرو سينيٽري ڪاميٽي قرار ڏنو ويو ته نيوند رام ان ڪاميٽي جو رڪن بڻيو ان سينيٽري ڪاميٽي ۾ هڪ چيئرمين ۽ پنج ميمبر هيا جنهن جو چيئرمين ڦندو مل پٽ ٽوپڻ مل ٿيو.

1937 ۾ ڇڪ ۾ هاري ڪانفرنس منعقد ٿي جنهن ۾ جواهر لعل نهرو کي گهرايو ويوهو،جنهن ۾ به شري نيوند رام جو وڏو حصو هيو. بنيادي طور ڇڪ جا اڪثر هندو ”هندو مها سڀا“ ۾ شامل هيا جنهن جو اڳواڻ ڇڪ جو مکي پرسرام تلريجا هيو پر بعد ۾ نيوند رام ۽ سندس ساٿين جي ڪوشش سان انڊين نيشنل ڪانگريس ڇڪ جو بنياد وڌو ويو ۽ ان کي ايترو سرگرم ڪيو ويو جو سکر جي ڪانگريس جو مرڪز ڇڪ کي بڻايو ويو ۽ ڪانگريس طرفان ”هلچل عدم ادائگي ٽيڪس“ جو به سکر ۾ ڇڪ هيڊڪواٽر رهيو. هو انهيءَ ڪري جو ڪانگريس ڇڪ جو صدر شري نيوند رام جهڙو ڪاهوڙي شخص هيو.جنهن ڇڪ

۾ ڪانگريس ڪي فعال ۽ متحرڪ پئي رکيو اهڙو تذڪرو سن 45 جي الوحيد اخبار ۾ هيٺين ريت آيل آهي.

## ڪانگريس جون سرگرميون 3 نومبر 1945

چڪ_ هتي ڳوٺ چڪ ۾ ڪالهه ڏکڻ اوڀر ايشيا ڏينهن ملهايو ويو.

صبح جو جهنڊي جي سلامي شري نيوند رام ڪرائي ۽ رات جو عام هندو ۽ مسلمانن جي پبلڪ ميٽنگ ٿي جنهن ۾ ڀاءُ اتمچند، ڪنعيا لعل، پنڊت برسپتي تقريرون ڪيون ۽ ٺهراءَ بہ پاس ڪيا.

(الوحيد ڪراچي)*

پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ نيوند رام جي خاندان پنهنجو وطن نہ ڇڏيو چڪ ۾ رهيو ۽ پنهنجو ڪاروبار سنڀاليندو رهيو. نيوند رام جي پٽ حڪومت راءِ ڪي ڪپڙي جو دڪان هيو. هي پڻ چڪ جو خاموش خدمت گذار هيو.هي رستن ۾ چونڪن تي پاڻي جا نل هٽائيندو رهندو هيو ۽ جانورن جي پاڻي پيئڻ لاءِ رستن تي حوض ٺهرائيندو هيو.هن جي اولاد ڪي اناج جا گدام هيا هي پنهنجي ڪاروبار جا مالڪ هيا پر ڪجهہ شر پسند ماڻهن کين لڏڻ تي مجبور ڪيو ۽ کين پنهنجو اباڻا اجها ڇڏڻا پيا.بقول نيوند رام جي پوٽي بسنت ڪمار جي تہ ”مونکي مجبورن پنهجو شهر۽ پنهنجي سنڌ ڇڏڻ تي ڪن ماڻهن مجبور ڪيو“

شري نيوند رام جي اولاد هن وقت وطن کان دور انڊيا ۾ رهي ٿي.

---

*الوحيد ڪراچي 1945ع



# ابوشوڪت حمزو خان

(1894_1944ع)

امير بخش عرف ابو شوڪت حمزو ولد محمد خان مهر، هنباهہ چڪ ضلعو(سکر) شڪارپور ، 1_ جون 1894ع ۾ جنم ورتو داتا فيض درياهہ شاهہ سندس نالو گجڻ رکيو هو. ڊگهو مڙس ،سروقد، شڪل صورت ۾ رعبدار، ڏاڙهي پوري پني ۽پوري ڪاري هوندي هئس، هٿ ۾ ڪارو ڏنڊو هوندو هئس، سفيد ڪپڙا ۽ سفيد ٽوپي پائيندو هيو جيڪا هن ترڪي ٽوپي جي انداز کي ڏسي پاڻ ٺاهي هئي. سندس تعليم سنڌي فائينل (ست درجا) هئي جيڪا هن چڪ اسڪول مان پرائي .بعد ۾ شهداد ڪوٽ جي دوداپور اسڪول ۾ سنڌي ماستر بڻيو ان دوران ٽن سالن جي ماستري جو ڪورس پڻ ڪيائين ،جنهن کان پوءِ 1923ع ڌاري مولانا تاج محمود امروٽي جي صحبت ۾ اچي سنڌي ماستري تان استعيفا ڏئي ڇڏيائين.۽ خلافت تحريڪ جو ميمبر بڻيو ۽ ترقي ڪري خلافت تحريڪ ضلعي سکر جو محاسب (خزانچي) ۽ صوبہ ڪاميٽي جو ميمبر پڻ ٿيو جنهن بعد 1931 ۾ آزاد سنڌ جماعت جو سيڪريٽري پڻ مقرر ٿيو. اپر سنڌ مسلم اليڪشن بورڊ ۽ ڪانگريس ڪاميٽي سان بہ گڏ ڪم ڪيو جنهن بعد هي1939ع ۾ انڊين مسلم ليگ جو سکر ضلعي لاءِ پروپيگنڊا سيڪريٽري 1943ع ۾ جوائنٽ سيڪريٽري۽ صوبہ لاءِ ضلعي مان عيوضي پڻ مقرر ٿيو.

جميعت علماءِ صوبي سنڌ طرفان هاري ڪاميٽي سنڌ ٺاهي وئي ته ان جو ڪيس جوائنٽ سيڪريٽري مقرر ڪيو ويو 1937ع هاري جماعت چڪ طرفان سنڌ اسيمبلي جي لاءِ آزاد اميدوار طور بيٺوسندس چونڊ نشان "تلوار" هيو.

ابو شوڪت حمزو خان الوحيد اخبار جو نه صرف رپورٽر هيو پر هن 1931ع کان 1932ع تائين هفتي وار اخبار "مزدور" به جاري ڪئي .هي سٺو مضمون نويس ۽ مزاحمتي شاعر هيو .هن پنهنجي شاعري جا به ڪتاب "انقلابي ڏنڊو" ۽ "انقلابي کهاڙو" پڻ شايع ڪرايا جنهن ۾ وڏيرن ۽ سرڪار خلاف مزاحمتي نظم ڏنل آهن.

ابو شوڪت حمزي خان جون به شاديون ٿيل هيون, جن مان ڪيس به نياڻيون ۽ ٽي پٽ 1_شوڪت علي 2_ محمد علي3_ ظفر علي ٿيا .

31 ڊسمبر 1944ع ۾ جيڪب آباد لڳ محمدپور ڳوٺ ۾ سردار محمد خان اڊي وٽ اليڪشن ورڪ دوران نمونيا جي سٽ لڳي وڃڻ ڪري لاڏاڻو ڪري ويو .جڻ چڪ جي آس پاس ۾ اوندهه ٿي وئي ڪيس چڪ واسي اڄ به ڪامريڊ ابو شوڪت حمزي جي نالي سان ياد ڪن ٿا (سندس شخصيت ۽ شاعري تي راقم جي طرفان لکيل 2008 ۾مڪمل ڪتاب شايع ٿي مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي). هيٺ سندس نموني طور ڪجهه شاعري ڏجي ٿي

**دعا**

خدا پاڪ توکان مدد ٿو گهران
تهان پوءِ هٿ ۾ قلم ٿو کڻان

لکان حال هارين غريبن سندو
دنيا جي وڏن بدنصيبن سندو

سهن ٿا اهي ظلم جي سِرَ مٿان
وڏيرن هٿان سود خورن هٿان

وڏي ڊيگهه آهي انهيءَ ڳالهه کي
نہ طاقت قلم کي چا هي لکي

هجي عمر خضري ڪريان جي بيان
تہ پورو ٿئي ان جو هڪ داستان

اڪين ۾ هجي آب تالاب جيان
وجي خشڪ ٿي جي انهيءَ تي رئان

نڪو دين تن وٽ نہ دنيا وٽن
جهالت ڪيو آبرو حال تن.*

**وڏيرا ۽ قوم**

وڏيرا نہ ڄاڻن قدر قوم جو
وڏو قدر تن وٽ بصر ٿوم جو

نہ انسان ڄاڻن هارين کي مگر
فقط جانور کان بہ سمجهن بدتر

وهائن غريبن کي بيگر سدا
انهن کي مزوري بہ نہ ڪن ادا

گهٽي ۾ گهٽو ماني تڪر ڏين
ٻچا ٻار تن جا پلي بک مرن

* حمزو ابوشوڪت "انقلابي ڏنڊو" هاري جماعت چڪ

غريبن جا ڏنڏا پل پيا رلن
وڏيرن جا سڀ ڪم برابر هجن

آفيسر کي راضي رکڻ واسطي
لقب خواهہ ليسن ملڻ واسطي

غريبن مٿان ظلم ٻاري ڏين
انهن جي مرڻ جيئڻ جي نہ ڪن

پلي قوم ساري تہ برباد ٿئي
مگر هڪ آفيسر نہ ناشاد ٿئي

غريبن سان حاڪم پلي ظلم ڪن
وڏيرا انهن کي نہ آڏو اچن

وڏيرا انهيءَ ۾ هي مطلب رکن
تہ جيئن راڄ وارا نہ اسري سگهن

ٻيو خاص مطلب اهي هي رکن
تہ حاڪم اسان کان سدا خوش هجن

ٻڌايان وڏيرن جو هڪڙو نقل
وڏان نہ هرگز انهيءَ کان اصل.*

* حمزو ابوشوڪت "انقلابي ڪهاڙو" هاري جماعت چڪ



# غلام حيدرخان سيتار

(1983_1908)

غلام حيدر عرف علي حيدر ولد غلام حسين سيتار چڪ ضلعو (سکر) شڪارپور ۾9_1908ع جي لڳ ڀڳ جنم ورتو. سنڌي لباس پٽڪو پائيندو هيو ۽ سفيد ڪپڙن کي اوليت ڏيندو هو. وارن کي ڪارو ڪيس ڪندو هيو.ڪنن ۾ ڪيوٽيون (واليون) پيل هونديون هيس. ٽي چار درجا سنڌي جا ٻہ پڙهيل هيو سندس تعلق چڪ جي وچولي ڪلاس سان هيو.ڪيس پلا ڏاند ۽مينهون پالڻ جو وڏو شوق هيو ۽ ڏاندن جون گوبون ڪرائڻ خاص مشغلو هئس. اڪثر ڏاندن جي گوءِ ۾ وهيءَ تي منصف ٿيندو هيو.هڪ دفعي ڊي سي سکر چڪ آيو تہ پنهنجي هر مان ڏاندن جي جوڙي ڪيڍي گوءِ ڪرائي جنهن ۾ چئن ڏاندن جي جوڙين حصو ورتو پر گوءِ ۾ پهريون نمبر تي غلام حيدر خان جا ڏاند آيا.

هي يارن جو يار هو. سندس ڳوٺ جي وڏيري الهڏني خان سان ويجهڙائي هئي ۽ ان جي صحبت ۾ رهيو.جنهن ڪري هن زندگي بي ڊپي گذاري. هن جا آغا بدرالدين پٺاڻ ،شهيد الله بخش سومري جي پٽ رحيم بخش سومري ۽ قاضي حفيظ الرحمان سان قريبي واسطا هيا . سندس همعصر دوستن ۾ الهداد خان سيتار ،

محمد ارباب سيٺار، سيٺ چندن مل، سيد حسين شاهہ، امير بخش خان مهر، سيد دين شاه وغيره شامل آهن.

1965ع ۾ هي ٽائون ڪاميٽي چڪ جو چيئرمين چونڊيو ويو. هن پنهنجي ايامڪاري ۾ شهر اندر سٺا ترقياتي ڪم ڪرايا.غريبن جو خير خواهہ هجڻ ڪري هن ٽائون ڪاميٽي چڪ ۾ ٻن ٽن غريبن نوجوانن کي سڌي نوڪري ڏني.پر 1967ع ۾ٽائون جي ميمبرن کيس عدم اعتماد ذريعي هٽائي ڇڏيو.

هن جون ٻہ شاديون ٿيل هيون هڪ گهر واري حاجي سيٺار جي نياڻي ٻي گهر واري محمد سچل جي نياڻي هئي جن ما کيس ٽي نياڻيون ۽ چارپٽ ٿيا. 1_غلام حسين 2_ محمد حسين 3_ غلام مصطفي 4_ طالب علي. محمد حسين پ پ جو شروعاتي دور ۾ ڪارڪن رهيوآهي جڏهن تہ غلام مصطفي سياسي سماجي ۽ مذهبي ورڪر رهيو آهي ۽ ٻہ دفعا چڪ ٽائون جو ڪائونسلر بہ چونڊيو ويو آهي.هي چڪ شهري اتحاد ۽ چڪ شهري ايڪشن ڪاميٽي جو عهديداربہ رهيو.

هي سٺي ڪردار جو مالڪ ۽ سنڌي ثقافت جو چاهيندڙ پيلو انسان غلام حيدرسيٺار 83_1982ع جي لڳ ڀڳ پنهنجي مالڪ حيقيقي سان وڃي مليو.

# غلام رسول سومرو وڪيل

(1917ع_1975ع)

غلام رسول سومرو ولد محمد سچل سومرو ڇڪ ضلع سکر ۾ 1917ع جي لڳ ڀڳ پيدا ٿيو .هي صاحب ڇڪ جو ڪاهوڙي سياسي ورڪر ۽ سماج سڌارڪ هيو .هن بنيادي تعليم ڇڪ مان پرائي ۽ وڪالت جي اعلي تعليم عليڳڙهه مان حاصل ڪئي جنهن بعد هن وڪالت جي سکر ۾ پريڪٽس شروع ڪئي پر سندس لاڙو سياست ڏانهن گهڻو رهيو جنهنڪري هن جا واسطا سائين جي ايم سيد، خانبهادر محمد ايوب کهڙي ، شهيد الله بخش سومري، يوسف هارون ، محمود اي هارون ۽ اي ڪي بروهي سان به رهيا . هي آل انڊيا مسلم ليگ ۾ شامل ٿيو ۽ 1940ع ۾ ليگ جي ڪراچي ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ شرڪت ڪيائين ۽ حيدر منزل تي سائين جي ايم سيد سان ملاقات ڪري پارٽي بابت هدايتون ورتيون، سکر جي تڪ تي اي ڪي بروهي صاحب اليڪشن ۾ بيهنو ته غلام رسول سومري صاحب ڇڪ ۾ هن جو نه صرف جلسو ڪرايو پر اليڪشن ۾ مدد به ڪئي .1960ع ۾ ڇڪ کي ٽائون ڪاميٽي جو درجو مليو ته ڪائونسلر ٿيو ۽ سيٺ چندن مل ايسراڻي سان چيئرمين جي اليڪشن ۾ مقابلو ڪيو پر ڪجهه ووٽن تان چندن مل ايسراڻي کان هارائي ويو.

هي ڇڪ ۾ ٿيندڙ هر سياسي سماجي سرگرمي ۾ اڳيرو رهندڙ ۽ ڇڪ جي سجاڳ هيو، هن ڪوششون وٺي رورل هيلٿ سينٽر ڇڪ منظور ڪرايو سندس همعصرساٿين ۾ سيٺ ڪروڙي مل تلريجا، محمد ارباب سينار، سيٺ چندن مل ايسراڻي ، سيد دين شاهه ۽ احمد شاهه لڪياري وغيره هيا. هن شادي

ٻَڍي جي عيساڻي برادري مان ڪئي پر ڪيس اولاد نہ ٿي. هن جو ڀاءُ ڊاڪٽر شمس الدين سومرو خيرپور ڊويزن جو هيلٿ آفيسر هيو.

هي صاحب بہ ڪراچي ۾ نوڪري دوران سنڌ جي قومي شاعر شيخ اياز ۽ نورالدين سرڪي صاحب جن جي سٿ ۾ رهيو سنڌي ادبي سنگت جي شروعاتي ڏينهن ۾ سنگت جي ادبي گڏجاڻين ۽ ڪلاسن ۾ باقائدي شرڪت ڪندو رهيو.سندس ڀاءُ غلام رسول سومرو وڪيل 15 فبروري 1975ع ۾ پنهنجي حقيقي مالڪ سان وڃي مليو.



# مکي ڪروڙي مل تلريجا

(2008ع_1920)

مکي ڪروڙي مل، مکي پرسرام تلريجا جي گهر ۾ 28 فيبروري 1920ع تي جنم ورتو. سندس تعليم مئٽرڪ هئي، جيڪا بمبئي يونيورسٽيءَ مان 1940ع ۾ پاس ڪيائين. 1940ع ۾ ئي پرائمري استاد ٿيو ۽ انگريزي (ڊي ايل بي ) مڊل اسڪول چڪ ۾ استاد مقرر ٿيو. ، 1942ع ۾ سيڪنڊري استاد ۽ 1965ع ۾ والد جي وفات بعد برادريءَ جي مکي مقرر ٿيڻ ڪانپوءِ نوڪري ڇڏي ڏنائين. گهوڙي سواري به ڪندو هو. ڏنڌو زميندراي هيس ۽ هي چڪ جي هندو پنچائت جو هڪ اصول پسند مکي ٿي گذريو. هن سياست ۾ 1938ع ۾ پير پاتو. پاڻ شروع ۾ هندو مها سڀا (نوجوان ونگ) سان لاڳاپيل رهيو بعد ۾ ڪانگريس سان سلهاڙيو ۽ ورهاڱي ڪانپوءِ هن لوڪل سياست ۾ به حصو ورتو.1979ع کان 1983ع تائين هي چڪ ٽائون جو ڪائونسلر رهيو.

1965ع واري جنگ ۾ به (ڊي.پي. آر) هيٺ چڪ مان گرفتار ڪري 3 مهينا جيل ۾ رکيو ويو. ساڌس جيل ۾ چڪ جا ٻئي ٻيا هندو به گڏ هيا. 1982ع ۾ ضياءَ جي فوجي آمريت کيس ناپسنديده شخصيت قرار ڏنو اهو ئي سبب  ڄاڻائي 1983ع ۾ هن جو ڪائونسلري لاءِ ڀريل فارم رد ڪيو ويو هو.

هن شاعريءَ جي شروعات 1940ع ۾ ڪئي ، سندس شاعريءَ جو موضوع شانتي ۽ رواداري جو پرچار هو. ، پاڻ ابو شوڪت حمزي صاحب جا گهرا دوست هئا.. مذهبي شاعريءَ ڪرڻ سندس مشغلو هيو. شاعريءَ ۾ ”پياسي“ تخلص

ڪم آڻيندو هيو. اڪثر مندرن ۾ وڃي پاڻ پڳتي ڪندو هيو ۽ پنهنجا ناهيل ڀڄن چوندو هو. هند ۾ رهندڙ سنڌي ليکڪ ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌيالاجي جو ڊائريڪٽر محترم لکمي کلاڻي صاحب سندس سنڌو آهي هي صاحب بہ اصل چڪ لڳ ڳوٺ جهان خان جو آهي. هيٺ سندس شاعري نموني طور ڏجي ٿي.

پنهنجو پاڻ سڌار، ٻئي ڏي ڪين نهار،
ٻئي کي طعنو هٽڻ جي بدران، صاف رکج ڪردار.

تو وٽ اگر جي آهي پيارا شانتي ڪو قرار،
پڪ جاڻج تون، ٻئي تي ٿيندو اثر اهو ئي يار

محبت ڏاري منو ڳالهائج، هلج هيناهون پار،
آپ چڱو پوءِ جڳ چڱو، تون ڏسندين هر پرڪار.

سيٺ ڪري ناسمجهہ پاڻ کي، هڪدم گامون سچار،
ڪس ڪائي بہ ڪروڌ کي نارج، ڪڏهن نہ ڪيجانءِ گار،
آدرشي انسان جي پيياسي، هت هت آ جئڪار.*

ڪامريڊ ابو شوڪت حمزي خان جي 99 سالگرهہ سنڌ ساگر پارٽي چڪ طرفان جون 1993ع ۾ ملهائي وئي، جنهن ۾ مکي ڪروڙي مل ڪامريڊ حمزي جي شان ۾ هي نظم پڙهيو.

وري آءَ حمزا وطن جا سپاهي،
سڌي توکي ٿي قوم جي خيرخواهي.
قوم ۾ نہ جهڙس، تو سرواڻ آهي،
ڏندو هو هتن ۾، ادا يا الاهي.

*تلريجا،مکي ڪروڙي مل ”بياض قلمي“1992ع

”انقلابي ڏنبو“ تصنيف تنهنجي ظاهر،
ملي ٿي مطالعي سان عجب رهنمائي.

هيو ابو شوڪت مجاهد سچن مان،
خلافت تحريڪ جو هيو ادنا سپاهي.

ڪفن ٻڌي سرسان هلندو ئي هل تون،
هٽي ويندي هڪدم چاڙهي ۾ لاهي.

ڪيون نياز نوڙي اڄ توکي بهادر،
پوين ۾ پرجان ساڳي سورهيائي.

ڏسان ڪون شوڪت ۾ جلوو جوش اهو،
وڏي وئي قوم ۾ بہ آهي بي حيائي.

ويا ڪيئي ”پياسي“ واڃا وڃائي،
انهن مان هي هڪڙو هو حضرت هنباهي.*

مکي ڪروڙي مل جي پئنچائت لاءِ ڏنل خدمتن جي مڃتا طور هندو پئنچائت ڇڪ پاران، مکي پريم چند تلريجا جي اڳواڻي ۾ پئنچائت جي بلڊنگ ڇڪ گرلس اسڪول لاءِ وقف ڪري ڏني وئي جيئن نياڻين کي ٻي هنڌ اسڪول وڃڻ ۾ ڪا تڪليف نہ ٿي.

جنهن جي موت ۾ ڊي سي شڪارپور اسڪول جو نالو “ مکي ڪروڙي مل پرسرام تلريجا گرلس هاءِ اسڪول ڇڪ ” رکڻ جو اعلان ڪيو جيڪو هن وقت ساڳي بلڊنگ ۾ هلي رهيو آهي، ڇڪ جو هي پڙهيل لکيل ۽ سماج سڌارڪ مکي 2008ع ۾ وفات ڪري ويو سندس عمر 89سال هئي. هن وقت ڇڪ پئنچائت جو مکي سندس پٽ انجنيئر پريمچند تلريجا آهي.

* تلريجا، مکي ڪروڙي مل ”بياض قلمي“1992ع



# ڪنعيا لال ناگپال

**(1923ع_2001ع)**

ڪنعيا لال پٽ سيتل داس ناگپال 16 فبروري 1923ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ چڪ ۾ جنم ورتو. هن سي ايند ايس ڪاليج شڪارپور مان تعليم پرائي ۽ جواني ۾ ئي هن انگريز سامراج خلاف وطن جي آزادي جي هلچل ۾ ڀر پور حصو ورتو.ڪيس ڪاليج دور ۾ پوليس استيشن ٻاهران نعرا هڻڻ جي ڏوهه ۾ جيل ياترا ڪرڻي پئي ڪيس 1948_09_07 تي آزاد ڪيو ويو

هن جي دل ۾ ديس جي خدمت جو جذبو ڀريل هيو.هن ڏرتي جي تارن ننيڙن ٻارن ۾ علم جو شعور جاڳائڻ لاءِ "ٻارن جي ٻاري" پڻ قائم ڪئي. 1937 ۾ جڏهن "هاري ڪانفرنس چڪ" ۾ جواهر لعل نهرو شرڪت ڪرڻ لئہ سفيد ڪار ۾ چڙهي آيو تہ سندس آجيان لاءِ ڪار جي ٻنهي طرفن جن ڇهہ ڇهہ نوجوان هندو فريدم فائيٽرن بندوقون ڪڻي سلامي ڏني انهن ۾ هڪ ڪنعيا لال بہ هيو.

ڳوناٽي ماحول جي ڪري ڌوڙ ۽ دز اڏڻ جي سبب ڪنعيا لال جواهر لعل نهرو ڪي چهرو صاف ڪرڻ لئہ پنهنجو نعپڪن (رومال) ڪيڍي ڏنو نهرو صاحب منهن صفا ڪري ڪيس واپس ڏنو جيڪو هن پاڻ وٽ 15 سال انڪري سنڀاري رکيو جو ان رومال ڪي نهروجي منهن جي ڪهہ (مٽي) لڳل هئي.

ڪنعيا لال ڪانگريس ڇڪ جي صدر نيوند رام ڪوڏواڻي سان گڏجي علائقي ۾ آزادي لاءِ ڪم ڪيو سندس پيڻ نيوند رام جي ننهن هئي.هي محترم بسنت ڪمار ڪوڏواڻي جو مامو هيو.

ورهاڱي ڪانپوءِ هي انڊيا ۾ ويو تہ اتي بہ وڃي عام هندن جيان زندگي نہ گذاري پر هي پنهنجي وطن واسين جي لاءِ پنهنجي حصي جو ڪم ڪندو رهيو ۽ هن انڊيا ۾ بہ فريڊم فائيٽر طور مڃتا ماڻي.

نہ صرف اهو پر هن شهيد هيمو ڪالاڻي جي قرباني ۽ جدوجهد کي پيٽا ڏيڻ ۽ سندس ڪردار کي ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ تائين روشناس ڪرائڻ لاءِ هيمو ڪالاڻي ميموريل انڊيا ۾ نہ صرف ڀرپور حصو ورتو پر ان جو صدر بہ ٿيو.انڊيا ۾ ڪيس ميڊيڪل جي دوائن جي پيڪنگ جا دٻا ٺاهڻ ۽ ڇاپڻ جو ڪارخانو هُيو. هي ڪاهوڙي ۽ آدرشي انسان 2001ع_ 12 _23 تي انڊيا ۾ ديهانت ڪري ويو.



7 سيپٽمبر 1948ع تي ڪنعيا لعل جيلَ مان آزاد ٿيڻ
وقت پنهنجي ساٿين سان گڏُ



# سيٺ چندن مل ايسراڻي

(1924ع ـ 2014ع)

سيٺ چندن مل ايسراڻي پنهنجي آبائي ڳوٺ ڳڙهي عادوشاهه ۾ ڇُتي مل ايسراڻيءَ جي گهر۾ 1924ع ڌاري جنم ورتو. سندس خاندان 1934ع ۾لڏي اچي چڪ ۾ ويٺو. 1940ع ۾ هن سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. زميندراي سندس اباڻو ڌنڌو آهي، هن 1947ع ۾ چڪ ۾ اناج جو گدام کوليو.ورهاڱي ڪانپوءِ هن لوڪل سياست ۾ حصو ورتو.سماجي واسطا وڌيڪ هئڻ ڪر ي سندس ڪافي مقبوليت هئي 1960_12_01 ۾ سينيٽري ڪاميٽي چڪ کي ٽائون ڪاميٽي جو درجو مليو تہ هي ڪائونسلر چونڊيو ويو ۽ ساڳئي سال ٽائون ڪميٽي چڪ جي چيئرمين شپ تي ويٺو جنهن ۾ هن غلام رسول سومري ايڊووڪيٽ کي شڪست ڏئي چڪ ٽائون جي پهرين چونڊيل چيئرمين جو اعزاز ڪنيو. هن پنهنجي پنج سالا چيئرمين شپ دوران چڪ جي ترقيءَ لاءِ سٺا ڪم ڪيا، سندس چيئرمين شپ واري دور کي اڄ بہ ماڻهو ساراهيندا آهن. ڪيس رستن جي تعمير ۽ مرمت لاءِ 45 هزار گرانٽ ملي تہ سموري رقم هن انهيءَ تي خرچ ڪرائي ڇڏي، ان رقم مان هن شهر ۾ فرش هڻايا ۽ پاڻيءَ جي نيڪال لاءِ ناليون ٺهرايون. ٽائون جي آفيس جو پراڻو ڪمرو پڻ ٺهرايو. هن پنهنجو اثر رسوخ هلائي 1961ع ۾ مڊل بوائز اسڪول چڪ کي هاءِ اسڪول بنائڻ لاءِ هن پنهنجي کيسي مان 500 روپيہ سکر جي چيف آفيسر کي

خرچي طور ڏنا ۽ اسڪول کي اپ گريڊ ڪرايو. هن جي دور ۾ ٽائون جو اعزازي سيڪريٽري شونداس هوندو هيو.

هن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ رستي جي ٻنهيءَ پاسي 250 وڻ پوکرايا ۽ انهن لاءِ مالهي مقرر ڪيو (ڇتومل مهاجر وڻن کي پاڻي ڏيندو هو). رات جو شهر ۾ روشنيءَ جي لاءِ هر چوڪ تي فانوس لڳرايا. سندس دور ۾ نالي ٽيڪس، پڙي ٽيڪس جي شروعات ٿي ۽ 1962ع ڌاري ڪانپوءِ هن ڇڪ ۾ موصول چنگي لاءِ ناڪن جون جايون ٺهرايون، هن ٽائون لاءِ ڪلارڪ جي پوسٽ تي هڪ مسلم الهڏني سيٺار کي ڀرتي ڪيو. سندس دور/نگرانيءَ ۾ ڊاڪٽر شام داس ٻه هندو پئنچائت ڇڪ طرفان پڻ ڪم ڪندو رهندو هيو.

ورهاڱي ڪانپوءِ هي شڪارپور جي سومرن ۽ سکر جي ناماياري سياستدان علي حسن منگي جو اتحادي رهيو هن سٺي انسان کي رياست جي طرفان 1965_1971_1974 ۾ ڊي پي آر تحت گرفتار ڪري جيل وڌو ويو. سندس دور ۾ ڇڪ جي اناج منڊي سکر تعلقي (هينئر ضلعو) ۾ پهرين نمبر تي مشهور هئي. ڇڪ ۾ سيٺ چندن مل پهريون ڀيرو اوپل ڪار آندي، جنهنکي شهر جا ماڻهو ڪمي ڪار چئي هرروز ڏسڻ ايندا هئا. ڪيس تي پُٽ (1) مهيندر ڪُمار (2) ٻالچند (3) ڪيشؤن داس، سندس وڏو پٽ مهيندر جوانيءَ ۾ ئي وفاتَ ڪري ويو، ٻيون نمبر پٽ ٻالچند ايسراڻي سنڌي ادبي سنگت ڇڪ جو بنيادي ميمبر آهي. ٽيون نمبر پٽ ڪيشئون داس ڇڪ جا سٺا واپاري آهي. هي سماج سڌارڪ ڀلو انسان 9 فيبروري 2014ع ۾ وفات ڪري ويو.



# محمدارباب سيٺار

(1925_2004ع)

محمد ارباب ولد محمد صابل سيٺار ۾ 30 جنوري 1925ع تي چڪ ۾ جنم ورتو. فائنل تائين تعليم حاصل ڪيائين. پرائمري استاد جو آرڊر مليس پر نہ ورتائين. ڪيس گهوڙن پالڻ جو شوق هو ۽ اوطاقي مڙس بہ هو. 1940ع ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي ڪراچيءَ ۾ اجلاس جي موقعي تي هن غلام رسول سومري سان گڏجي سائين جي.ايم سيد سان حيدر منزل تي وڃي ملاقات ڪئي ۽ مسلم ليگ لاءِ هدايتون ورتيون. 1947ع ۾ ورهاڱو ٿيو تہ مسلم ليگ چڪ جو جنرل سيڪريٽري ٿيو. 1960_59ع ۾سينيٽري ڪاميٽيءَ چڪ جي اليڪشن ٿي تہ پاڻ چيئرمين جي اليڪشن ۾ مکي ڪروڙي مل تلريجا سان مقابلي ۾ بيٺو. جنهن ۾ محمد ارباب سيٺار ، مکي صاحب کان 100 ووٽ مٿي کٽي اليڪشن کٽي ويو. جنهن جي خوشيءَ ۾ مکي ڪروڙي مل پاڻ جهمريون هڻي زنده دلي جو ثبوت ڏنو.

هن چيئرمين شپ دوران ڪاميٽي جو وهنوار چندي تي هلايو. هندن جون ڇڏيل / بچيل جايون نيلام ڪرايائين ۽ اصول ٺاهيائين تہ جيڪو جنهن جاءِ ۾ ويٺل هجي اها جاءِ انهيءَ کي 100، 200 رپين ۾ ڏني وڃي. هن جي دور ۾ لائبريري لاءِ ٺهيل بلڊنگ ۾ ڪاميٽي جي آفيس منتقل ڪئي وئي ۽ لائبريري

ڪاميٽي جي اڳوڻي آفيس جي (ڪمري) ۾ رکي وئي، جتي الوحيد، نئين سنڌ، سنڌ زميندار اخبارون گهرايون ويندون هيون. هن جي دور ۾ ريڊڪراس ۾ جنگ جو چندو به ورتو ويندو هو جنهن ۾ هندو وڏي چڙهي حصو وٺندا هئا. 1960ع ۾ چڪ کي سينيٽري ڪاميٽي مان ٽائون ڪاميٽي بڻايو ته اليڪشن ٿائين ٽائون جو عبوري چيئرمين رهيو. انڪان علاوه محمد ارباب سيٺار ٽانگا ايسوسيئيشن تعلقي سکر جو صدر پڻ ٿيو ۽ چڪ جي واپارين جي ايسوسيئيشن جو جو صدر پڻ ٿيو.

مکي ڪروڙي مل، غلام رسول سومرو، چانڊو مل، ابو شوڪت حمزو خان ۽ وڏيرو الهڏنو خان سيٺارسندس سٺا دوست هوندا هئا.

کيس هڪ پٽ نبي بخش سيٺار ۽ هڪ نياڻيءَ جو اولاد ٿيو. هي پنهنجي چئن گهرن جو وڏو هيو. زميندار نه هو پر ڪجهه ڪاروبار لاءِ جايون هئس. پاڻ چڪ زڪوات عشر ڪميٽي جو ڪجهه عرصو چيئرمين به رهيو. نهايت فهميدو ۽ لياقت ڀريو انسان هو. 1999ع ۾ نظر جي ڪمزوري سبب ڪري پيو ته سندس چنگهه نڪري پئي، هن ڀلي شخص 03 مارچ 2004ع تي شام جو وفات ڪئي.



# محمد پارل سومرو

(1926ـ 1996ع)

محمد پارل سومرو ولد غلام حسين سومرو 1926ع ۾ جنم ورتو هي اصل ڇڪ لڳ ڪڇي جي ڳوٺ مياڻي جو هيو جڏهن سنڌو درياهہ ڳوٺ کي مڪمل طور پاڻ لڳو تہ محمد پارل جا وڏڙا ڇڪ لڏي اچي ويٺا. محمد پارل ٻہ ٽي درجا سنڌي پڙهيل هيو، کيس ٽي پٽ 1 _ولي محمد سومرو 2 _غلام حيدر سومرو 3 _ الاهي بخش سومرو ۽ هڪ نياڻي جي اولاد آهي سندس وڏو پٽ فوت ٿي چڪو آهي جڏهن تہ ٻي اولاد حال حيات آهي. ڇڪ جو جاڪوڙي ۽ ترقي پسند ليکڪ نذير سومرو سندس سڳو پاٽيجو آهي.

ورهاڱي کان پوءِ 1965ع ۾ بلدياتي اليڪشن ٿي تہ محمد پارل سومرو ٻہ برادري طرفان ڪائونسلر طور" وڻ "جي چونڊ نشان هيٺ اليڪشن وڙهيو سندس مد مقابل سيد دين شاهہ بخاري هيو جنهنجو چونڊ نشان " سائيڪل" هيو.جنهن ۾ محمد پارل چونڊ کٽي ويو.جنهن بعد 1967ع ۾ غلام حيدر سينار کانپوءِ کيس ڇڪ ٽائون ڪاميٽي جو چيئر مين چونڊيو ويو. هن شهر جي ترقي ۽ صفائي لاءِ خاصا اپاءَ ورتا.

سندس دوستن ۾ محمد ارباب سينار، غلام حيدر خان سينار، امير بخش خان مهر وغيره شامل هئا . پاڻ هميشہ سلوار قميص پائيندو هيو. سنهڙو پر پوري پني قد جو مالڪ هيو،تمام لائق ماڻهو هيو سڀ سان نياز نوڙت سان هلندو هيو.

هن جي پناهگيرن سان بنهه نه لڳندي هئي خاص طور اهڙن پناهگيرن سان جيڪي مذهب جي آڙ ۾ پنهنجا الو سڌا ڪندا هجن.

هي بعد ۾ چڪ مان سکر لڏي مياڻي روڊ تي وڃي ويٺو.

1996ع_12_27 تي هي پنهنجي مالڪ حقيقي ڏانهن لاڏاڻو ڪيو.

هن وقت سندس پٽ غلام حيدر سومرو سکر ۾ واپاري يونين جو نائب صدر آهي جڏهن ته سندس ننڍو پٽ الاهي بخش سومرو (ڊي ايس پي) طور پوليس ۾ ملازم آهي.



# پائوعبدالقادر خان سيٺار

**(2013_1936)**

پائوعبدالقادر خان ولد عبدالرحمان سيٺار 1936 چڪ ضلعو(سکر) شڪارپور ۾ چڪ جي وڏيري گهراڻي ۾ پيدا ٿيو.سندس ننڍپڻ چڪ جي هردلعزيز وڏيري الهڏني خان جي شفقت جي ڇاڇي هيٺ گذريو. سندس والد عبدالرحمان سيٺار وڏيري الهڏني خان جو پائٽيو هيو.هي جواني جي ڏهاڙن ۾ ٽرانسپورٽ جي شعبي سان ڳنڍيل هيو. ڪيس پنهنجون بسون هيون .وڏيري الهڏني خان جي وفات کانپوءِ سندس پائٽيو الهداد خان سيٺار کي شهر جي وڏيري جي پڳ ٻڌرائي وئي پر هن جي ستت وفات ٿيڻ کان پوءِ اڪثر برادرين وڏيري جي پڳ پائو عبدالقادر خان سيٺار کي ٻڌرائي، سندس ذات ۾ اهنڪار يا وڏائي مور نہ هئي. شهرجي وڏيري ٿيڻ باوجود هن ٽرانسپورٽ جي ڏنڊي کي نہ ڇڏيو. لاري جو ڀاڙو هو پاڻ اڳاڙيندو هيو پر ڪنهن غريب کي جيڪڏهن پئسا نہ هوندا هيا تہ هي ڪائنس ڀاڙو نہ وٺندو هيو.غريب غربو کيس دعائون ڏيندو ويندو هيو.

پاڻ يار ويس ماڻهو هيو نہ ڪنهن کي ڏکائي نہ ڏي ،اڪثر ماڻهن جا فيصلا پرچاءَ لاءِ ڪندو هيو نوڙهي خير جي مصداق . سندس ڪوشش هوندي هئي تہ ڏريون کير کنڊ ٿي وڃن ،ڪيترائي ماڻهوکيس ميڙ منٺ ۾ وٺي ويندا هئا .

ضيا جي دور ۾ 1979ع جون بلدياتي چونڊون ٿيون تہ پاڻ چيئرمين چونڊيو ويو. ايئن 1983ع ۽ 1987ع ۾ بہ لڳاتار ٿي پيرا مخالفن کي شڪست ڏئي 1990ع تائين چڪ جو چيئرمين ٿي رهيو. ان کانپوءِ 2001ع۾ سندس

تعليم گهٽ هجڻ سبب هن جو وڏو پٽ راشد علي خان سيٺار مخالف کي شڪست ڏئي چڪ جو پهريون ناظم چونڊيو

پنجن سالن بعد ٻيهر بلدياتي چونڊون ٿيون تہ هن جي پٽ مقامي سياست ۾ اچڻ کان انڪار ڪيو تہ تر جي سياسي منهندارن پنهنجي سياسي مفادن ۽ سياسي گيم پلان ۾ وري بہ عبدالقادر خان سيٺار کي سندالفراغ ڏياري ميدان ۾ آندو ايئن هي ٻيهر چڪ جو ناظم ٿي ويو پر ڪورٽ سڳوري ڪجهہ سالن ڪانپوءِ سندس چونڊ کي ڪالعدم قرار ڏئي ڇڏيو. هي ڪجهہ عرصو چڪ شهري اتحاد جو سرپرست اعلي بہ رهيو. هن پنهنجي چيئرمين شپ ۽ ناظمي جي دور ۾ شهر اندر لنڪ روڊ پڪا ڪرايا ،سي سي بلاڪ ،پڪين سرن جا فرش ، ناليون ، ٽائون جا دڪان ،سلاٽر هائوس وغيره ٺهرايا.سندس ئي دور ۾ ٽول ٽيڪس، پڙي ٽيڪس، حد دخلي ٽيڪس ،نالي ٽيڪس وغيره رائج ٿي.

سندس دؤر ۾ شاهہ لطيف لائبريري چڪ کي ٽائون طرفان اخبارون ملنديون رهيون ۽ لائبريري جي عمارت جي مسواڙ ٽائون ادا ڪندي رهي. سندس همعصر دوست سيد دين شاهہ، سيد حسين شاهہ ،سيٺ شونداس، سيد علڻ شاهہ ،سيد گل شاهہ ، مولچند تلريجا، ممتاز علي ٻيپو وغيره شامل هيا.ڪيس ڇهہ پٽ آهن ستون پٽ سندس هئڻ ۾ وفات ڪري ويو. عبدالقادرخان جا پٽ بہ هن جيان شريف النفس ۽ يار ويس انسان آهن.پنهنجي نوڪرين ۽ ڌنڌن سان لاڳاپيل آهن .

هي چڪ جو هي هردالعزيز وڏيرو 5 جون 2013 تي لڳ ڀڳ 77 سالن جي عمر ۾ وفات ڪري پنهنجي مالڪ حقيقي سان وڃي مليو.



# فنڪارَ ۽ اداڪارَ

# قلندر بخش خان مغل

قلندر بخش خان مغل چڪ ضلعي سکر ۾ جنم ورتو سندس چڪ جي زميندار گهراڻي سان واسطو هيو مير محمد خان مغل ۽ خيرالدين خان مغل جو ويجهو مائٽ هيو موسيقي سان سندس دلي لڳاءُ هيو ,چڪ واسي ڪيس راڳداري جو ماهر ۽ ڄاڻو هئڻ سبب خانصاحب چوندا هئا . ڪلاسيڪل راڳ جو ماهر گويو هيو.پر هو ٻي ڪنهن جاءِ وڃي گهٽ ڳائيندو هو اڪثر پنهنجي اوطاق تي راڳ ويراڳ جون محفلون سجائيندو هيو.جت سنڌ ۽ پنجاب جا مهمان راڳي اچي راڳ جا جوهر ڏيکاريندا هئا.ڪيس هارمونيم، بينجو ۽ ستار هلائڻ تي عبور هيو پر گهڻو ڪري هو ستار تي ڳائيندو هيو. چڪ جي صوفي شاعر عبدالعزيز شاهه سان ويجهڙائپ هئس جنهن ڪري هن، سندس پٽ انورعلي شاهه" روشن" کي ڪلاسيڪي راڳ جي سکيا ڏني هارمونيم ۽ بينجو هلائڻ سيکاريو.انڪان سواءِ هن سردار شاهه لڪياري کي پڻ گائڪي جاسبق سيکاريا .ڪيس چڪ لڳ چڱي خاصي زرعي زمين هئي. هن جي شادي لکي غلام شاهه جي مغل برادري مان ٿيل هئي . هن جي باري ۾ وڌيڪ تفصيل نه ملي سگهيو آهي چو ته چڪ ۾ هن وقت مغل پناڻن جا صرف ٽي چار گهر بچيا آهن، مغلن جي نوجوان نسل کي قلندر بخش خان جي باري ۾ گهڻي معلومات نه آهي.



# انور علي شاهہ بُخاري

(1971_1917)

سيد انور علي نشاهہ ولد سيد عبدالعزيز شاهہ بن مولوي عبدالڪريم شاهہ (اول) بن پير سيد گل شاهہ بخاري پنهنجي شهر چڪ ۾ 16 اپريل 1917ع مطابق 13 جمادالثاني 1335هہ جمعي ڏينهن جنم ورتو. سندس تعليم سنڌي پنج درجا هئي، سندس والد صاحب بہ هڪ سٺو شاعر هو. جنهن جو ذڪر اڳ ۾ ڪري آيا آهيون. هن پنهنجي والد صاحب کان عملي توڙي علمي تربيت حاصل ڪئي ۽ عربي فارسيءَ جي ڄاڻ ورتي.

سيد انور علي شاهہ شاعر سان گڏ سٺو ڪلاسيڪل فنڪار بہ هو. ڪيس ڪلاسيڪل علم جي چڱي ڄاڻ هئي، پاڻ داتا ولايت علي شاهہ ، سردار شاهہ، پيرل شاهہ لڪياري جو همعصر ۽ رفيق هو ساڻن گڏ ڳائيندو هو. ۽ نعت خوان فقير علي حسن سينار سان رمضان شريف ۾ ختم القرآن جي موقعن تي مسجدن ۾ مولود ۽ نعت بہ چوندو هيو. هن چوڏهن سالن جي عمر ۾ شاعري جي شروعات ڪئي، سندس شاعري مذهبي رنگ ۾ رڱيل آهي. شيعا طريقت سان سندس تعلق هو جنهن ڪري امامن جي شان ۾ قصيدا ۽ ڪافيون لکندو هو. شاعريءَ جي سکيا پنهنجي والد صاحب کان ورتائين، سندس اڪثر ڪافيون موسيقيءَ جي سرن تي ٺهيل آهن، پر ڪي ڪافيون بحر وزن تي بہ ملن ٿيون. هن پنهنجي شاعريءَ ۾

”روشن“ تخلص استعمال ڪيو آهي، پر ڪٿي ڪٿي پنهنجو نالو”انور“ بہ استعمال ڪيو اٿس، ڪيترين ڪافين ۾ تہ ٻئي تخلص ملن ٿا.

موسيقيءَ ۾ مهارت هئڻ ڪري وٽس ڪيترائي شاگرد سکڻ ايندا هئا، جن مان حافظ غلام حيدر شيخ، ريڊيو ٽي.وي فنڪار علي ڏنو پنهان، مولابخش ڪلهوڙو (فقير)، سندس وڏو پٽ سڪندر علي شاهہ (جنهن جا چڪ ۾ اڪثر نوجوان راڳي شاگرد آهن) قابل ذڪر نالا آهن. سندس ڪيتريون ئي ڪافيون سندس شاگرد علي ڏني پنهان پي.ٽي.وي ڪراچيءَ تان سنڌي پروگرامن ۾ ڳايون. سندس پٽ مرحوم صفدر علي شاهہ قصيدن ۽ مرثين جو سٺو شاعر ۽ سنڌ جو مڃيل ذاڪر هئو.

شاهہ صاحب جو موسيقي ۽ گائڪيءَ جو استاد چڪ جو ستار ناز راڳي خانصاحب قلندر بخش خان پنهان هو. پاڻ 55 سالن جي ڄمار ۾ 23 آگسٽ 1971ع بروز اربع مطابق 13 رجب 1392ع ۾ هن فاني دنيا کي ڇڏي وڃي هميشہ لاءِ ابدي ننڊ ۾ سمهي پيو.هن جي آخري آرام گاهہ پير فاضل شاهہ لڪياري چڪ ۾ آهي.

سندس پوين جي لاپرواهيءَ سبب ڪيترو ئي ڪلام ضايع ٿي ويو آهي. نموني طور سندس ڪافيءَ جي سٽاءَ تي هڪ قصيدو ڏجي ٿو.

**نعت**

محبوب محمد جي صد بار سدا ڪر تون
پڙهہ حمد سدا هر هر هڪ دم نہ خطا ڪر تون

صلوات پڙهي مومن سڻ شان پيغمبر جو
ويو عرش عظيم تي آ،ٿيو ساقن ڪوثر جو
جو طلب طهوراجي ٿي فرمان بجا ڪر تون

حسن سندن اهڙو مهتاب کان وڌ موهڻو
ٻيو ساري جهان اندر هرگز ناهي ڏيٺو
ڏس ڏيان ڏري دل ۾ ٻيا فقر فنا ڪر تون

روشن آ زماني ۾ توحيد محمد جي
اظهار ڪري ٿا انور توقير محمد جي

### ارشاد ٽيو عربيءَ کي اسلام بپا ڪر تون

### ڪافي

محمد جو برادر تہ علي شير جلي آ،
اسدالله لسان الله ولين جو ولي آ.

مصطفا جي ڏس مرتضا ڪيئن مدد ڪئي،
خندق کي ڪري ختم، وري خيبر فتح ڪئي،
مولا کي مٿان عرش تان ذوالفقار ملي آ.

بيشڪ آ بهادر جنهن ڪفار ڪنبايو،
لافتا الا عليءَ جو لقب آ پايو،
مرحب بہ چيو معافي ڏي، منهنجي نہ چلي آ.

الحمد چيو عربي، اسلام بچي ويو،
انت اخي آيو ڪفار پڇي ويو،
حيدر جي همٿ سان ڪنهنجي ڪان هلي آ.

مشهور سخا مولا جي دنيا ۾ آ ”روشن“،
دروازو اهڙو پاڪ آ، آيو آ حديثن،
”انور“ جي وري توڪان سواءِ ڪهڙي ڳلي آ.*

”سندس مٿين ڪافيءَ ۾ ڪٿي بحر وزن جي ڪمي نظر اچي ٿي تہ ڪٿي قافيو بہ ڪونہ ڏنل آهي، صرف رديف ڪان ڪم ورتو ويو آهي. جيئن پهرين بند ۾ صاف ظاهر آهي، مٿين ڪافي بحر رمل، مسدس، محزوف جي ماپي تي اوڊيل آهي. بحرحال ايئن چئي سگهجي ٿو تہ ڪيس بحر وزن جي چڱي ڄاڻ هئي، ٿي سگهي ٿو تہ هي ڪافي سندس پهرين دور جي هجي، جنهنڪري فني لحاظ ڪان مضبوط نظر نٿي اچي.“*

---

* سيد انورعلي شاھ ”بياض قلمي“

* سومرو شريف شاد ”تعلقي لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو“ 1987ع (قلمي)



# سردار شاهه لکياري

**(1974_1919)**

سردار شاهه ولد جمن شاهه لکياري 1919 جي لڳ ڀڳ چڪ ضلعو(سکر) شڪارپور ۾ جنم ورتو هن جو والد مولوي هيو ۽ سرڪاري اسڪول ۾ قرآن ماستر هيو هي غلام محمد گرامي صاحب جو دوست هيو . هن کي ٻہ پٽ 1_علڻ شاهه 2_ سردار شاهه هيا، علڻ شاهه سنڌي پرائمري استاد هيو جيڪو پڻ سٺو نعت خوان هيو. سردار شاهه پنج درجا پڙهيل هيو. قد جو پورو پنو بت ڀريل، پوري پني ڏاڙهي ۽ وار وڏا رکندو هيو. کيس ٻہ نياڻيون ۽ هڪ پٽ غلام حيدر شاهه آهي.

شروع کان وٺي هن جو راڳ رنگ طرف لاڙو هيو. صوفين جي سنگت ۾ رهي هن جو شوق اجا وڌيو. هن راڳ جي سکيا چڪ جي ڪلاسيڪل راڳ جي ڄاڻو قلندر بخش خان مغل کان ورتي جيڪو ستار وڄائڻ جو پڻ ماهر هيو.ان کان پوءِ هن چڪ جي ڪلاسيڪل راڳي انور شاهه" روشن" ۽ داتا ولايت شاهه جن سان گڏجي راڳ جي شوق کي تڪميل تي پڄايو هن داتا ولايت شاهه ۽انورعلي شاهه سان گڏجي جهنگ جهر ڪلام ڳايا هن سان سنگ ۾ سندس مائٽ پيرل شاهه لکياري بہ ڳائيندو هيو .ماڻهو سندس ڪلام وڏي شوق سان ٻڌندا هيا . سندس دوستن ۾ پيرل شاهه، عبدالقادر خان سيٺار ، سيد دين شاهه ، انور علي شاهه وغيره قابل ذڪر آهن . هي راسخ العقيده شيعو هيو ٿي دفعا ايران عراق وجي زوار ٿي آيو. قصيدا وڏي دل لڳي سان ڳائيندو هيو. اج بہ ڏهہ محرم تي چڪ ۾ سيد سردار شاهه جي پڙ تان تعزيو نڪرندو آهي ۽ مجلس ٿيندي آهي ،چڪ جي هن پلوڙراڳيءَ 1974ع ۾ 55 سالن جي عمر ۾ بيماري سبب وفات ڪئي.



# ڀڳت چوئٿ مل مانڌواڻي

(1927ع 1973ع)

ڀڳت چوئٿ مل پٽ گگن مل مانڌواڻي 1927ع ۾ ڇڪ لڳ ڳوٺ ڪاهي ضلعي سکر ۾ جنم ورتو. پنهنجي ڀائرن ۾ چوٿون نمبر هيو ڪل پنج ڀائر هئا 1_ ڀڳت هولو مل 2_ طوطو مل 3_ گرمک مل 4_ ڀڳت چوئٿ مل 5_ ڀڳت عينشي مل طو طوطي مل ۽ چوئٿ مل جي رهائش ڇڪ ۾ هئي باقي هولو مل، گرمک مل، عينشي مل ڳوٺ ڪاهي ۾ رهيا.

پنهنجي ڌرم سان خانداني لڳاءُ سبب، سندس ڀاءُ هولو مل ڀڳتي ۾ پنهنجي مٽ پاڻ هيو هن جو ڳائڪي سان عشق هيو هن پنهنجي ڀائرن کي ٻہ ڀڳتي جي سکيا ڏني ڀڳت چوئٿ رام پنهنجي ڀاءُ هولي مل جو شاگرد هيو.هولو ،چوئٿ ۽ عنشي ڇڪ ۾ هر هفتي شهر جي مک چونڪ تي ڀڳتي محفل ڪندا هئا جنهن ۾ هندو توڙي مسلم گڏ گڏ شريڪ ٿيندا هئا .ڀڳت چوئٿ مل هارمونيم وڄائيندو هيو ۽ ڳائيندو هيو جڏهن تہ ڀڳت هولو مل ڳائڻ سان گڏ نچندو بہ هيو سندس ڀاءُ عنشي مل پيرن ۾ ڇير پائي نچندو هيو تہ ماڻهن کان واهہ واهہ نڪري ويندي هئي ڀڳت هولو ۽ عينشي مٿي تي دلو رکي نچندا هئا . عينشي جڏهن گهڙو مٿي تي رکي نچي نچي مٿي ٽپ ڏيندو هو تہ ڏسندڙ دنگ رهجي ويندا هئا جڏهن تہ ڀڳت چوئٿ مل جي آواز ۾ هڪ الڳ آلاپ ۽ تان هوندي هئي اونهاري جي رات

۾ جڏهن چوئٿ مل ۽ هولومل ڳائيندا هئا تہ سندن مڌر آواز گهرن ۾ ويٺل ماڻهن جي سماعتن سان وچي ٽڪرائبو هو.

چوئٿ مل ۽سندس ڀائرن ڪي پنهنجي مرشد ٽيئون رام سان وڏي عقيدت هئي هي مرشد جي ميلي ۾ دل وجان سان ڀڳتي ڪندا هئا. بلڪ چڪ ۽ چڪ جي آس پاس جي سيني مندرن ۾ ڀڳت ڪنداهئا.هنن ورهاڱي کانپوءِ بہ ڀڳتي جاري رکي پر سنڌ مان هندن جي اڪثريت لڏي وڃڻ سبب ڀڳتي جو جڏهن قدر ٿورو گهٽجڻ لڳو .تڏهن ڀڳت چوئٿ مل چڪ ۾ پرچون جو دڪان هلائڻ شروع ڪيو .کيس اولاد ۾ پنج نياڻيون آهن ۽ هڪ پٽ رامچند مانڊواٽي آهي(هن وقت سکر ۾ سرڪاري ملازم آهي) .سندس دوستن ۾ حسراج مل، نول مل، استاد اتم چند ڀداٽي ، عبدالفتاح سومرو وغيره هئا. چڪ جو هي البيلو ڀڳت 46_47 سالن جي عمر ۾ مارچ 1973ع ديهانت ڪري ويو.



# چندر ساوناڻي

**(جنم_ 1940ع)**

چندر ساوناڻي پٽ ماستر هشمت ساوناڻيءَ جي گهر ۾ 1940ع جي لڳ ڀڳ چڪ ضلعو سکر ۾ جنم ورتو. 1947ع ۾ ورهاڱي وقت سندس عمر ست سال هئي تہ هي انڊيا هليو ويو. هن اسڪول ۽ ڪاليج کان ئي اسٽيج ڊرامن ۾ حصو ورتو ۽ ان حوالي سان سٺو ملهايائين ۽ ڪيترن ئي ڊرامن ۾ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريندو رهيو آهي، جنهن بعد هي پاڻ ڊرامن جو ڊائريڪٽر ٿي ويو. هن وقت هي احمدآباد انڊيا ۾ رهي ٿو. سندس اباڻو گهر چڪ شهر جي پٽائي بازار ۾ آهي. پاڻ هن وقت حال حيات آهن سندس عمر 73 سالن جي لڳ ڀڳ آهي. پاڻ سٺي سڀاءَ جا مالڪ، کلمک انسان ۽ محبتي مٽيادار ماڻهو آهن. سندس استاد سنڌي ادب جو روشن خيال اديب ۽ ناٽڪ نويس محترم رام گيان ڀاڳ چنداڻي آهي، جيڪو پڻ چڪ شهر جو رهواسي هو.

”چندر ساوناڻي احمدآباد جي مشهور ۽ من موهيندڙ شخصيت سان گڏوگڏ واپاري بہ آهي، هن پنهنجي سنگتين سان گڏجي “سنڌو ڪلاڪار منڊل” جو پايو وڌو. هن نہ صرف احمدآباد ۾ پر پوري هندستان ۾ پنهنجي اداڪاري ۽ هدايتڪاريءَ جو ڏاڪو ڄمايو آهي. هن سنڌو ڪلاڪار منڊل طرفان ناٽڪن سان گڏ ڪيترائي سنگيت وراڻتي پروگرام پيش ڪري هند ۾ رهندڙ سنڌين ۾

سنڌيت جو جذبو جاڳايو آهي. اسٽيج ناٽڪن سان گڏ هن ريڊيو ناٽڪن ۽ دوردرشن (ٽي.وي) جي ناٽڪن ۾ بہ حصو ورتو آهي. پاڻ سنڌيءَ ۾ مخزن ڪلاڪار جو، روزاني "هندو" هفتيوار" زندگيءَ" جي ڪالم جو ريگيولر انچارج آهي. ڪيس اکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان ٿيل ناٽڪن جي مقابلن توڙي ٻين ڪيترن پروگرامن ۾ پيش ڪيل ناٽڪن تي انعام مليا آهن ۽ ڪيس سنت ڪنور رام فائونڊيشن جو ڊرامن لاءِ لائيف ٽائم اچيومنٽ اوارڊ (2001ع) ۽ ان کان اڳ ايشوري ڀائي بخشاڻي اوارڊ1993ع بہ ملي چڪو آهي"*

---

*گلاب، سنڌي ڊاٽ ڪام

# مددي ڪتاب


| | | |
|---|---|---|
| پرياڻي ،ڪشنچند | امرت واڻي | 1990ع |
| حمزو ابو شوڪت | انقلابي ڏنڊو | هاري جماعت چڪ 1937ع |
| حمزو ابو شوڪت | انقلابي ڪهاڙو | هاري جماعت چڪ 1939ع |
| خاصخيلي،صوفي قربان علي | صوفي ساڃاهه | 1983ع |
| داتا بگن شاهه | عشق ڪيو آباد | 2000ع |
| داتا فيض درياهه شاهه | قلندري خطاب | 2002ع |
| ديال، آشا ڊاڪٽر | سنڌ جا سنت | الهاس ننگر 1987ع |
| ديال، آشا ڊاڪٽر | سنڌي سنت ڪاويه وويچن | الهاس ننگر |
| سومرو شريف شاد | تعلقي لکي جي شاعرن ۽ اديبن جو جائزو (قلمي) | 1987ع |
| شانتي پرڪاش سوامي | پچن ڦلواڙي | ___ |
| فياضي مهدي شاهه | انباهه ۾ آڙاهه | ___ |
| ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ڊاڪٽر | تذڪره شعرا سکر | 1965ع |
| ميمڻ عبدالغفور سنڌي پروفيسر | عظيم سنڌي انسان | 1989ع |
| نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر | قافيون جلد پهريون سنڌي لوڪ ادب (20) ڪتاب | ___ |


## سنڌي اخبارون ۽ رسالا


| | | |
|---|---|---|
| چاچڙ مولوي عبدالوهاب | ايڊيٽر | ماهوار شريعت سکر |
| دائود پوٽو خديجه عمر | ايڊيٽر | ماهوار اديون حيدرآباد |
| مولانا دين محمد وفائي | ايڊيٽر | الوحيد ڪراچي |
| محمود حسن | ايڊيٽر | ماهوار الصادق ڪراچي |